ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) سومر 17 نومبر 2025ع 25 جمادي الاول 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 ويپيه شمارو (94)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

بشريٰ بي بي جي پٽ جا وارنٽ جاري، گرفتار ڪري پيش ڪرڻ جو حڪم

پوليس موسيٰ مانيڪا کي گرفتار ڪري 19 نومبر تائين عدالت ۾ پيش ڪري: عدالت

موسيٰ مانيڪا 17 جولاءِ تي گهريلو ملازم تي تشدد جي ڪيس ۾ مک جوابدار آهي: رپورٽ

اهو ڪيس صدر پوليس اسٽيشن ۾ انهي وقت داخل ڪيو ويو هو

اسلام آباد(م د)خاور مانيڪا ۽ بشريٰ بي بي جي ننڍي پٽ موسيٰ مانيڪا جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويا آهن رپورٽ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

هر دور تي لازم آهي ته هو پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ رستو ٺاهي وڃن: مشعال ملڪ

جيترو اسان جسماني طور تي مضبوط ڏينداسين اوترو ئي وڌيڪ صلاحيتون سامهون اينديون

زندگي ۾ ڪيترائي چئلينجز هوندا آهن انهي ڳالهه کي مڃڻ تمام ضروري آهي: تقريب کي خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) حريت اڳواڻ ياسين

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڪانگو بابت دوحا فريم ورڪ معاهدي جي آجيان ڪيون ٿا: سعودي عرب

شهرين جي تحفظ ۽ تڪرار سبب متاثر علائقن تائين انساني امداد جي فراهمي اهميت رکي ٿي

سعودي حڪومت کي ٻنهي ڌرين پاران معاهدي جي شقن تي عمل ڪرڻ جي اميد آهي: پرڏيهي وزارت

رياض (اي پي پي) سعودي عرب چيو آهي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ قطر وچ ۾ دفاع ، زراعت ۽ سيڙپڪاري شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

دوحه ۾ صدر آصف علي زرداري سان قطر جي نائب وزيراعظم ۽ دفاع واري وزير شيخ سعود سان اهم ملاقات ڪئي

ٻنهي سربراهن طرفان گڏيل فوجي مشقن، دفاعي ٽيڪنالاجي ۽ مهارت جي مٽا سٽا لاءِ قدمن تي زور ڀريو ويو

قطر جي دفاع واري وزير پاران پاڪستان جي هٿياربند فوجن جي پيشيورانه مهارت جي ساراهه

ٻه طرفن لاڳاپن جي ڪري جديد ٽيڪنالاجي، زرعي پيداوار ۽ سيڙپڪاري کي هٿي ملندي: اڳواڻ

اسلام آباد (اي پي پي) ايس آءِ ايف سي جي معاونت سان پاڪستان ۽ قطر جي لاڳاپن وچ ۾ اقتصادي، دفاعي ۽ زرعي سهڪار جي نئين دور جي شروعات ٿي رهي آهي تفصيل مطابق تازو ئي صدر مملڪت

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري اردن جي بادشاهه شاهه عبدالله کي نشان پاڪستان جو اعزاز ڏئي رهيو آهي، ٻئي طرف شاهه عبدالله صدر آصف علي زرداري کي اردن جو سڀ کان وڏو اعزاز آرڊر آف دي جيجويلڊ گرانڊ ڪارڊن آف النهضا ڏئي رهيو آهي جڏهن ته شاهه عبدالله صدر آصف زرداري، پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري ۽ خاتون اول آصفه ڀٽو سان ڳالهائي رهيو آهي

پاڪستان امن پسند ملڪ آهي جنگ مڙهڻ جي ڪوشش ٿي ته جواب ايئن ڏينداسين جيئن مئي ۾ ڏنو هو، فيلڊ مارشل

مان الله جي حڪم مطابق پنهنجا فرض ادا ڪري رهيو آهيان، مئي جي مهيني ۾ جنگ مڙهي وئي ته پاڪستاني سپاهين کي رب پاڪ جنگ ۾ فتح عطا ڪئي

جڏهن ڪو مسلمان الله تي ڀروسو ڪندو آهي ته دشمن تي اڇلايل مٽي به ميزائل بڻجي ويندي آهي، جيئن احد جي جنگ ۾ مٽي اڇلائي فتح حاصل ڪئي وئي، اهڙي طرح پاڪستاني سپاهي به وڙهيا

جنگ احد ۾ جيئن جيئن مسلمانن جي خلاف دشمنن جو تعداد وڌندو ويو، تيئن تيئن اها مٽي به انهن جون اکيون بند ڪري ڇڏيندي هئي، اسان کي به قدرت طرفان فتح عطا ڪئي وئي

اسلام آباد ۾ اردن جي بادشاهه جي صدارتي محل ۾ روانگي کان پوءِ خطاب دوران ماڻهن طرفان آرمي چيف عاصم منير کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو ويو

اسلام آباد (م د) فيلڊ مارشل سيد عاصم منير چيو آهي ته پاڪستان هڪ امن پسند ملڪ آهي ۽ جيڪڏهن دشمن پاڪستان تي جنگ مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ته اسان ان طرح جواب ڏينداسين جيئن اسان مئي ۾ ڏنو هو اردن جي بادشاهه جي صدارتي محل ۾ روانگي کان پوءِ فيلڊ مارشل پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته جيئن الله تعاليٰ پيغمبر محمد صه

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ ڪورٽ ٻاهران ڌماڪو ڪندڙ بمبار فيض آباد ۾ حملو ڪرڻ چاهيو ٿي: انڪشاف

آپگهاتي حملو ڪندڙ جوڊيشل ڪمپليڪس کان اڳ فيض آباد ناڪي کي به نشانو بنائڻ جي ڪوشش ڪئي: ذريعا

ڌماڪو ڪرڻ جي ڪوشش دوران آپگهاتي حملو ڪندڙ بارودي مواد جي پن نه ڪڍي سگهيو

جوابدار کي ڌماڪو ڪرڻ ۾ ناڪامي ٿي، پن نه نڪرڻ تي جوابدار واپس راولپنڊي هليو ويو

اسلام آباد(م د)اسلام آباد ۾ جوڊيشل ڪمپليڪس جي ٻاهران آپگهاتي حملو ڪندڙ گرفتار سهولتڪار ۽ هينڊلرز جاچ ۾ اهم انڪشاف ڪيا آهن ذريعن موجب آپگهاتي حملو ڪندڙ جوڊيشل

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

افغانستان ۾ مسافر گاڏي ڪاهي ٽيڪ سبب کاهه لڳي وئي، 6 ڄڻا فوت، 3 زخمي

لغمان صوبي جي ضلعي قرغئي ۾ مسافر گاڏي بي قابو ٿي روڊ تان هيٺ ڪاهي ٿي پئي

حادثي سبب گاڏي کي باهه وڪوڙي وئي،6 ڄڻا موقعي تي ئي فوت، زخمي اسپتال منتقل

ڪابل (اي پي پي) افغانستان جي لغمان صوبي جي ضلعي قرغئي ۾ آچر ڏينهن صبح جو هڪ روڊ حادثي ۾ 6 ڄڻا فوت ۽

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي قومي سلامتي ۽ معاشي استحڪام ۾ ڊجيٽل ٽرانسفارميشن بنيادي حيثيت اختيار ڪري چڪي آهي: شزه فاطمه خواجه

اسلام آباد (اي پي پي) انفارميشن

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

قيدي نمبر 804 کي تبديل ڪري 420 ڪرڻ گهرجي: احسن اقبال

پي ٽي آءِ وارا اسيمبلي ۾ قيدي نمبر 804 جا نعرا هڻندا آهن پر هو 420 آهي، جنهن 24 ڪروڙ عوام سان ٺڳي ڪئي

ايٽمي طاقت هڪ ڦال ڪڍندڙ هلائيندي هئي، ايٽمي ملڪ جو وزيراعظم ڏاڍي ڦيٽي ذريعي ملڪ جا فيصلا ڪندو هو

پي ٽي آءِ جو دور ڪارو ترين دور هو، جنهن ۾ نوجوانن کي گارگند سيکاريو ويو

نارووال(م د)وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته حڪومت قيدي نمبر 804 تبديل ڪري 420 ڪري ڇڏي نارووال ۾ تقريب کي خطاب ڪندي احسن اقبال چيو ته پي ٽي آءِ وارا اسيمبلي ۾ قيدي نمبر 804 جا نعرا هڻندا آهن پر هو 420 آهي جنهن 24

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: خيبرپختونخواهه جو گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي ۽ اڳوڻو وزيراعظم راجا پرويز اشرف پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري ۽ عورت ونگ جي صدر فريال ٽالپر سان گڏ بيٺل آهن

بشريٰ بي بي فيض حميد لاءِ ڪم ڪندي هئي، طاقت خاطر ڪيس استعمال ڪيو ويو: خواجا آصف

پي ٽي آءِ باني مڪمل طور تي جنرل فيض ۽ جنرل باجوا جي ڪنٽرول ۾

پاڪستان سان سنگين مذاق ڪيو ويو، طاقت لاءِ هڪ عورت کي لانچ ڪيو ويو

چار پنج سالن جي ڦرلٽ هڪ منصوبي تحت ڪئي وئي، نواز شريف خلاف سپريم ڪورٽ ۾ پلان تحت فيصلا ٿيا

اسلام آباد(م د)بچاءُ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته اڪنامسٽ جي خبر درست آهي بشريٰ بي بي اڳوڻي انٽيليجنس سربراهه جنرل فيض حميد لاءِ ڪم ڪندي هئي نجي ٽي وي چينل سان ڳالهائيندي خواجا آصف چيو ته بشريٰ بي بي جي ڏنل ڄاڻ ڪجهه ڏينهن ۾ درست ثابت ٿي ويندي هئي، پي ٽي آءِ باني مڪمل طور

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

پاڙيسري اسلامي ملڪ مختلف شعبن ۾ گڏيل لاڳاپن جا خواهشمند آهن اسان به اڳيان وڌنداسين: فضل الرحمان

عقيده ختم نبوت صه امت ۾ وحدت اتفاق جي نشاني آهي، تحريڪ ڪنهن تشدد جو نه پر جدوجهد جي تسلسل جو نالو آهي

پاڪستان ۽ بنگلاديش ۾ رهندڙ مسلمان هڪ طاقت ۽ هڪ پارٽي ۽ هڪ ئي امت آهي

پاڪستان مان خير سگالي جو پيغام کڻي آيا آهيون ۽ بنگلاديش مان خير سگالي جو پيغام کڻي وينداسين: ڍاڪا ۾ خطاب

ڍاڪا(م د)بنگلاديش جي راڄڌاني ڍاڪا ۾ جمعيت علماءِ اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان خطاب ڪندي چيو آهي ته ٻه پاڙيسري اسلامي ملڪ مختلف شعبن ۾ گڏيل لاڳاپن جا خواهشمند آهن ۽ انهي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

تعليم کان سواءِ ترقي ممڪن ناهي انٽرميڊيٽ تائين معياري تعليم بنيادي شرط آهي: قيصر شيخ

پاڪستاني شاگردن ۾ بي پناهه صلاحيت موجود آهي، صحيح رخ ڏينداسين ته اهي دنيا ۾ اڳتي وڌندا

شاگرد پنهنجي مستقبل جو بهتر نقشو پاڻ ٺاهين، محنت ۽ مسلسل جدوجهد ئي ڪاميابي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ ڪوريا جي پنج سالن جي منصوبي جا معاهدا اسان لاءِ مطالعي جوڳا آهن، تعليم کان سواءِ

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

چين پاران فلپائن کي ڇڪتاڻ پيدا ڪرڻ ۽ ڇڙ ڏيارڻ کان پاسو ڪرڻ جي هدايت

بيجنگ (اي پي پي) چين فلپائن کي خبردار ڪيو آهي ته هو ڏکڻ سمنڊ ۾ چيز کي ڇڙ ڏيارڻ ۽ ڇڪتاڻ پيدا ڪرڻ وارن

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ 27 ترميم، ڪارپوريٽ فارمنگ، ٻيلائي تڪرارن خلاف سنڌياڻي تحريڪ جو مارچ

نڪتل مارچ ۾ سوين سنڌياڻين سان گڏ جامي چانڊيو، غفار ناريجو، اسرار چانگ، فهيم نوناري ۽ ٻين يڪجهتي طور شرڪت ڪئي

سنڌياڻين آئيني ترميم جمهوريت تي حملو آهي ننگي ڊڪٽيٽرشپ مڙهي وئي آهي هن ترميم وسيلي محمد علي جناح جي پاڪستان جو قتل ڪيو آهي: رسند ٿري

عدالتون جيڪي 26هين آئيني ترميم سبب اڳ ۾ ئي مفلوج آهن ان کي مڪمل طور حڪومتي دربار بڻائڻ لاءِ 27هين ترميم آندي وئي آهي:عمره سمون

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي/ اعجاز لغاري) 27 هين آئيني ترميم ڪارپوريٽ فارمنگ، ڪئنالن معدني وسيلن تي ڏاڙن سنڌ کي ٽڪرا ڪرڻ جي سازش قبيلائي دهشتگردي، ڪارو ڪاري

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: سنڌياڻي تحريڪ پاران 27 هين ترميم ۽ ٻين معاملن خلاف نڪتل پيادل مارچ شهر مان گذري رهيو آهي (فوٽو: اختر پيرزادو)

بدنام جنسي ڏوهاري جون عمران خان بابت اي ميلون منظر تي اچي ويون

2018 ۾ جيفري ايپسٽين پي ٽي آءِ جي باني کي امن لاءِ خطرو قرار ڏنو هو

اهو انڪشاف آمريڪي هائوس آف ريپريزنٽيٽوز ۾ جمع ڪرايل جيفري جي اي ميلز ۾ ٿيو

جيفري عمران خان کي اردگان، خامنه اي، شي جن پنگ ۽ پوتن کان به وڏو خطرو قرار ڏنو

عمران ٽرمپ کي آئن اسٽائن طور پيش ڪري ٿو، جيڪو سچ ٻڌائڻ کان قاصر آهي: جيفري

ڪراچي(م د) آمريڪي هائوس آف

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني مرحوم سينيٽر عرفان الحق صديقي جي گهر پهچي پونئيرن سان ڏک ونڊيو

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني مرحوم سينيٽر عرفان الحق صديقي جي گهر ويو ۽ مرحوم سينيٽر عرفان صديقي جي پٽن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو آچر

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي لڳ نوجوان واهه ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي، لاش ڳولڻ لاءِ وارثن جو ڌرڻو روڊ بلاڪ

سائيٽ ڪوٽڙي واسي نوجوان سني مسيح ڪراچي واهه ۾ ٽپو ڏنو اطلاع تي وارث ۽ برادري جا سوين ماڻهو پهچي ويا

واٽ پاڻ مرادو ڪيترائي ڪلاڪ نوجوان لاش ڳوليندا رهيا، اطلاع باوجود انتظاميا جو ڪوبه عملدار نه پهتو

لاش هٿ نه اچڻ بعد وارثن واهه جي پل تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪيو جنهن بعد ريسڪيو عملو پهتو

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو) سائيٽ ڪوٽڙي واسي مسيح نوجوان سني مسيح ڪراچي واهه ۾ ٽپو ڏئي خود ڪشي ڪري ڇڏي جنهن بعد وارثن کي خبر پوڻ کان پوءِ سندس وارث ۽ برادري جا سوين ماڻهو پهچي ويا ڪيترا ئي ڪلاڪ ڪراچي واهه تي پاڻ مرادو لاش ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا اطلاع جي باوجود انتظاميا پاران

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي: خودڪشي ڪندڙ نوجوان جو لاش نه ملڻ خلاف وارث روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ 3 ڄڻا فوت، ٻن ماڻهن جا لاش هٿ آيا

طارق روڊ ويجهو غفار ڪباب ريسٽورنٽ ٻاهران لڳڻ نوجوان ملازم سجاد پٽ صديق فوت ٿي ويو

معمار موڙ ويجهو حادثي ۾ ارجن ولد جانو فوت، شفيق موڙ وٽ گولي لڳڻ سبب دين محمد مارجي ويو

موسي ڪالوني ۽ گزري پل جي هيٺان ٻن ڄڻن جا لاش هٿ آيا، سڃاڻپ نه ٿي سگهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ ٻن لاش ملڻ سميت 5 ڄڻا فوت ٿي ويا ۽ 2 ڄڻا ٻن زخمي ٿي پيا. فيروز آباد ٿاڻي جي حد طارق روڊ ويجهو غفار ڪباب

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: اردن جو بادشاهه شاهه عبدالله آرمي چيف فيلڊ مارشل عاصم منير سان ملاقات ڪري رهيو آهي

برداشت کي هٿي ڏيڻ کانسواءِ معاشرتي هم آهنگي ممڪن ناهي: يوسف رضا گيلاني

پارليامان قومي وحدت، برداشت ۽ سماجي هم آهنگي کي هٿي ڏيڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري پيو

انتهاپسندي، عدم برداشت ۽ نفرت انگيزي خلاف سڀني طبقن کي گڏيل طور تي گڏ ٿيڻو پوندو

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پاڪستان نوجوانن کي جديد ڊجيٽل موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي: رانا مشهود احمد خان

اسان نوجوانن کي پاليسي سازي ۾ برابر حصيدار ڏسڻ چاهيون ٿا: ڊاسڪ فورم اجلاس کي خطاب

دولت مشترڪه ۾ يوٿ ڊڪليريشن نوجوانن لاءِ هڪ تاريخي سنگ ميل ثابت ٿيندو

ڪوالالمپور (اي پي پي) وزيراعظم يوٿ

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

معاشري ۾ برداشت، احترام ۽ هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ جي ضرورت آهي: روبينه خالد

بي آءِ ايس پي جو مقصد صرف مالي مدد ناهي پر سماجي هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ به آهي

اسلام آباد (اي پي پي) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن سينيٽر روبينه خالد چيو آهي ته معاشري ۾ برداشت

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

لاهور: وفاقي وزير مصدق ملڪ هڪ تقريب ۾ آن لائن خطاب ڪري رهيو آهي

دنيا جو برفاني نظام تيزي سان تباهه ٿيڻ سبب اربين انسانن کي خطرو آهي: مصدق ملڪ

هندوڪش، قراقرم، هماليه خطو شديد برف پگهرڻ ۽ اٻهرا سان جڙيل تباهه ڪندڙ واقعا پيش اچي رهيا آهن

اسان جا گليشيئر ڪيترائي ڀيرا تيزي سان پگهرجي رهيا آهن، جابلو ڳوٺ انهن جي فرنٽ لائين تي آهن

اسلام آباد (اي پي پي) موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي واري وفاقي وزير سينيٽر ڊاڪٽر مصدق ملڪ خبردار ڪيو

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

وفاقي آئيني عدالت پهرين ڪاز لسٽ جاري ڪري ڇڏي

ايندڙ هفتي وفاقي آئيني عدالت ۾ 3 بينچز ڪيسز جي ٻڌڻي ڪندا: ڪاز لسٽ

چيف جسٽس وفاقي آئيني عدالت امين الدين خان اڄ کان ڪيس ٻڌندو

جسٽس حسن اظهر به اڄ کان ڪيسز جي ٻڌڻي ڪندو

جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس ڪي ڪي آغا تي ٻڌل 2 رڪني بينچ به اڄ کان ٻڌڻي ڪندا

اسلام آباد(م د)ملڪ ۾ وفاقي آئيني عدالت جي قيام کان پوءِ پهرين ڪاز لسٽ جاري ڪئي وئي آهي جاري ٿيل ڪاز

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ بعد گڊز ٽرانسپورٽرز پاران ڀاڙن ۾ 8 سيڪڙو اضافو ڪري ڇڏيو

لاهور کان ڪراچي جو ڀاڙو هڪ لک کان وڌائي هڪ لک 9 هزار ڪيو ويو: نبيل محمود

لاهور کان راولپنڊي جو ڀاڙو 60 هزار مان وڌائي 65 هزار رپيا ڪيو ويو آهي

لاهور کان پشاور جو ڀاڙو 80 هزار مان وڌائي 86 هزار 500 رپيا مقرر ڪيو آهي

لاهور کان ڪوئٽه جو ڀاڙو هڪ لک 20 هزار مان وڌائي هڪ لک 30 هزار ڪيو ويو

لاهور(م د)لاهور کان مختلف شهرن جي لاءِ گڊز ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا ڊيزل جي قيمتن ۾ اضافي کان پوءِ وڌايا ويا آهن صدر گڊز

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: لوڪ ورثا ۾ فنڪار جي ڳائڻ وقت نوجوان رقص ڪري رهيا آهن

نصيرآباد ويجهو ريلوي ٽريڪ تي ڌماڪي سان اڏايو ويو

نتل ۾ نامعلوم ماڻهن ريلوي ٽريڪ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو

جعفر ايڪسپريس جي گذرڻ کانپوءِ ريلوي ٽريڪ تي ڌماڪو ٿيو

ٽريڪ جي گذرڻ کانپوءِ ڌماڪي سبب ٽرين محفوظ رهي

جعفر ايڪسپريس ڪوئيٽا کان پشاور وڃي رهي هئي: پوليس

نصيرآباد(م د)بلوچستان جي نصير آباد ضلعي ۾ جعفر ايڪسپريس دهشتگردي کان محفوظ پوليس موجب، نصير آباد

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

وقت تي هٿيار نٿا ملن اهو صنعتي صلاحيت جو نقصان آهي: ڀارتي چيف آف ڊفينس اسٽاف

توهان معاهدن تي صحيحون نه ڪندا ۽ وقت تي هٿيار پهچائڻ نه ڏيندا، ته اهو صنعتي صلاحيت جو نقصان آهي: انيل

توهان کي مقامي صلاحيت بابت سچ ڳالهائڻو پوندو ڇاڪاڻ ته اهو قومي سلامتي سان لاڳاپيل آهي

اسان توهان جي منافعي ڪمائڻ جي ڪوشش ۾ ڪجهه قوم پرستي ۽ حب الوطني جي اميد رکون ٿا

نئين دهلي(م د)ڀارتي چيف آف ڊفينس اسٽاف جنرل انيل چوهان پنهنجي ملڪ جي دفاعي صنعت تي وقت تي معاهدا پورا نه ڪرڻ تي بي اعتمادي جو اظهار ڪيو هڪ تقريب کي خطاب ڪندي، ڀارتي چيف آف

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ملڪي استحڪام لاءِ وڌيڪ هڪ ٻي آئيني ترميم آڻي سگهجي ٿي: طلال چوڌري

پاڪستان انتشار برداشت نٿو ڪري سگهي، سهيل آفريدي بطور وڏي وزير پنهنجون ذميواريون نڀائي

فيصل آباد ۾ (ن) ليگ پنهنجي ڪارڪردگي سان کٽيندي، عالمن جو ملڪ ۾ امن، امان ۾ اهم ڪردار رهيو آهي

ضمني چونڊن ۾ سيڪيورٽي جا انتظام مڪمل آهن، جيڪو تشدد ڪندو آهي اهو سياست نٿو ڪري سگهي

فيصل آباد(م د)گهرو معاملن بابت مملڪتي وزير طلال چوڌري چيو آهي ته ملڪ ۾ 26هين ۽ 27هين ترميم سان استحڪام آيو آهي هن چيو ته پاڪستان هن وقت ڪنهن به قسم جو انتشار برداشت

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت عوام لاءِ بهتر سهولتون ڏيڻ چاهي ٿي، ترقياتي منصوبن ۾ ڪوتاهي برداشت نه ڪبي: وڏو وزير

اسان جو مڪمل ڌيان عوامي مسئلن جو فوري حل فراهم ڪرڻ ۽ سڀني رڪاوٽن کي هٽائڻ تي آهي

ڪراچي کي تيز رفتار، محفوظ ۽ جديد انفراسٽرڪچر جي ضرورت آهي، ڪم جو معيار بهتر هجڻ گهرجي

وڏي وزير ڪورنگي ڪاز وي، شاهراهه ڀٽو ۽ ڪريم آباد انڊر پاس ۽ ٻين اهم منصوبن جي ڪم جو جائزو ورتو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪورنگي ڪاز وي، شاهراهه ڀٽو ۽ ڪريم آباد انڊر پاس سميت ڪن اهم منصوبن جي بنيادي ڍانچن جي ڪم جو تفصيلي جائزو وٺندي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ٽريڊ يونين مزدورن جي سياست جو انداز بدلبو ته اڳتي نه وڌي سگهنداسين: سعيد غني

اسان کي وقت ۽ حالتن مطابق پاڻ کي تبديل ڪري ٽريڊ اندر موجود خرابيون درست ڪرڻيون پونديون

صحافين سميت هر مزدور کي سوشل سيڪيورٽي نيٽ ۾ شامل ڪرڻ جو خواهشمند آهيان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير محنت افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ سعيد غني چيو آهي ته جيڪڏهن ٽريڊ يونين مزدورن

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڊينگي جا 6 ڪيس رپورٽ

اسلام آباد (اي پي پي) اسلام آباد ۾ گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڊينگي جا 6 نوان ڪيس رپورٽ ٿيا آهن گذريل ڏينهن

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

والاريل ڪشمير: بڊگام روڊ حادثي ۾ 4 ڄڻا فوت

سرينگر (اي پي پي) غير قانوني طور ڀارت جي قبضي هيٺ جمون ڪشمير جي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

سعودي فرمانروا شاهه سلمان ۽ ولي عهد شهزاده محمد بن سلمان جو عراقي صدر جي ڀاءُ جي وفات تي تعزيت جو اظهار

رياض (اي پي پي) سعودي فرمانروا شاهه سلمان ۽ ولي عهد شهزاده محمد بن سلمان

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آل پاڪستان نيوز پيپر ايمپلائيز ڪنفيڊريشن جي حلف برداري تقريب کي صوبائي وزير سعيد غني خطاب ڪري رهيو آهي

پنجاب حڪومت جي ڊيڊل وارننگ کان پوءِ 27 شوگر ملن ڪرشنگ شروع ڪري ڇڏي

پنجاب جي 27 شوگر ملن ڪرشنگ شروع ڪري ڇڏي آهي: ڪين ڪمشنر پنجاب

اڄ کان ڪرشنگ شروع نه ڪندڙ شوگرملز جي خلاف ايڪشن پلان تيار آهي

ڪرشنگ شروع نه ڪندڙ شوگرملز کي 10 لک روپيه روزاني ڏنڊ لاڳو ڪيو ويندو

لاهور(م د)پنجاب ۾ ڪرشنگ شروع نه ڪندڙ ملن جي خلاف ڪارروائي جي اعلان کان پوءِ اڄ کان وڌيڪ شوگرملن ڪرشنگ جي شروعات ڪري ڇڏي آهي نجي چينل جي رپورٽ موجب ڪين ڪمشنر پنجاب

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

وينزويلا ويجهو آمريڪي ڪارروائي علائقائي استحڪام لاءِ خطرو آهي: ايران

آمريڪي فوجي سرگرمين ۾ اضافي جا سنگين ۽ غير مستحڪم نتيجا اچي سگهن ٿا

گڏيل قومون جارحاڻين هڪ طرفي پاليسين وارن کي قدمن کان آمريڪا روڪي: اسماعيل بقائي

تهران (اي پي پي) ايران خبردار ڪيو آهي ته وينزويلا ويجهو آمريڪي ڪارروائي علائقائي استحڪام لاءِ خطرو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب ايران جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان اسماعيل بقائي چيو آهي ته

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

گڏيل احترام ۽ رواداري پرامن ۽ مستحڪم معاشري جا بنيادي قدر آهن: سردار اياز صادق

بحث ۽ سهڪار کي هٿي وٺرائڻ لاءِ برداشت کي اختيار ڪرڻ وقت جي اهم ترين ضرورت آهي

پارليامان ملڪ ۾ رواداري، برداشت، ڀائيچاري ۽ گڏيل احترام کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پرعزم آهي: اسپيڪر

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق چيو آهي ته برداشت، گڏيل احترام ۽ رواداري هڪ پر امن مضبوط ۽ مستحڪم معاشري جا بنيادي قدر آهن برداشت جي عالمي ڏينهن

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه نيشنل سيڪيورٽي ورڪشاپ ۾ خطاب ڪري رهي آهي

برطانوي بادشاهه چارلس پنهنجي 77هين سالگره تي جديد ٽرام ريل گاڏي هلائي، وڊيو وائرل

لنڊن (اي پي پي) برطانوي بادشاهه ڪنگ

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف اڄ هڪ ڏينهن جي دوري تي ڪراچي پهچندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف جو ڪراچي ۾ هڪ ڏينهن جو دورو

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

جاپان ۾ شهرين وزيراعظم هائوس اڳيان مظاهرو، سانائي تاڪائچي کان استعفيٰ جو مطالبو

ٽوڪيو (اي پي پي) جاپاني شهرين وزيراعظم جي سرڪاري رهائشگاهه

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: وفاقي وزير راڻا ثناءُ الله گئس اسڪيم جو افتتاح ڪري رهيو آهي

غيرقانوني اميگريشن برداشت ناهي، دستاويزات کانسواءِ ڪنهن کي سفر جي اجازت نه ڏني وڃي: گهرو وزير

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ۽ چوڌري سالڪ حسين لاهور ايئرپورٽ جو اوچتو دورو ڪيو

ٻنهي وزيرن 2 ڪلاڪن تائين لاهور ايئرپورٽ تي موجود رهيا ۽ اميگريشن پراسيس جو مشاهدو ڪيو

وفاقي وزيرن پرڏيهي ملڪن ڏانهن ويندڙ مسافرن سان ڳالهيون ڪيون، اميگريشن پراسيس بابت پڇيو

لاهور(م د)وفاقي گهرو وزير محسن نقوي چيو آهي ته غيرقانوني اميگريشن برداشت نه ڪئي ويندي ضروري دستاويزات کان سواءِ ڪنهن به مسافر کي سفر جي اجازت نه ڏني ويندي وفاقي گهرو وزير محسن

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ سنڌ لٽريچر فيسٽيول جاري، 10 نوجوانن کي "سفير سنڌ" جا ايوارڊ ڏنا ويا

پاڪستان ٺاهڻ ۾ عورتن جو ڪردار اهم هو، انهن جي شموليت کان سواءِ معاشرو بهتر ڪردار ادا نه ڪري سگهندو

اڄ جو دور هنر جو دور آهي نوجوانن کي نوڪري پٺيان ڊوڙڻ بدران پنهنجي ڪاروبار لاءِ سوچڻ گهرجي: اڳواڻ

تقريب ۾ راحل اعجاز، افشين ميمڻ، بابر منگي، اميد ميراڻي، مظفر برهماڻي، اسرا عبدالغفور ۽ ٻين کي ايوارڊ ڏنا ويا

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو/ جي ايم خاصخيلي) سنڌ لٽريچر فيسٽيول جي ٻئي ڏينهن تي 10 سيشن ٿيا، جڏهن ته 10 سنڌي نوجوانن کي سفير سنڌ جا ايوارڊ ڏنا ويا سيشن "سنڌ جيئڻ متحرڪ نئين

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ ادبي فيسٽيول ۾ ٿيل هڪ نشست ۾ ورتل فوٽو

آڪاش انصاري جي قتل جو واقعو سڄي سنڌ جي قومي ڪارڪن جو الميو آهي: سردار شاهه

ڪراچي : سنڌ جي تعليم جي وزير سردار شاهه چيو آهي ته آڪاش انصاري جي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

سنڌ جا سفير نوجوان اسان جو فخر آهن، کين تعليم لاءِ اڳتي اچڻ گهرجي : گهنور لغاري

ڪراچي: گهنور علي لغاري ايم ڊي سيف

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 موسيٰ مائيڪا

موجب موسيٰ مائيڪا 17 جولاءِ 2025 تي پنهنجي گهر تي معمولي تڪرار جي دوران گهريلو ملازم تي تشدد جي ڪيس ۾ مُک جوابدار آهي. پاڪپتن جي جج صدر پوليس کي اهو به حڪم ڏنو ته اها موسيٰ مائيڪا کي گرفتار ڪري 19 نومبر تائين عدالت ۾ پيش ڪري. اهو ڪيس صدر پوليس اسٽيشن ۾ انهي وقت داخل ڪيو ويو هو جڏهن موسيٰ 18 ورهين جي ملازم علي بهادر تي اجازت کان سواءِ ڪمري مان چادرون لاهڻ تي فائرنگ ڪري ڇڏي هئي. اهڙي واقعي کان پوءِ پوليس کي فون ڪيو ويو جنهن تي پوليس جي ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي جتي پوليس گرفتاري عمل ۾ آندي ۽ واقعي ۾ استعمال ٿيل هٿيار به هٿ ڪيو ويو هو.

بقايا 2 مشعال ملڪ

ملڪ جي گهرواري مشعال ملڪ چيو آهي ته زندگي ۾ هر انسان هارائڻ ۽ کٽڻ سان گهڻو ڪجهه سکندو رهندو آهي، هر قوم تي لازم آهي ته هو پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ رستو ٺاهي وڃي. اڄ ڏينهن نئين يونيورسٽي جي انٽر يونيورسٽي روئنگ چيمپئنشپ جي پڄاڻي واري تقريب کي مشعال ملڪ خطاب ڪندي چيو ته جيترو اسان جسماني طور تي مضبوط ٿينداسين اوترو ئي وڌيڪ صلاحيتون سامهون اينديون، اهڙن مقابلن سان تعليمي ادارن ۾ راندين ۾ اسپرٽ ظاهر ٿيندي آهي. مشعال ملڪ چيو ته يونيورسٽي ۾ ٿيندڙ مقابلن سان مان اڪثر متاثر ٿيندي آهيان، زندگي ۾ ڪيترائي چئلينجز هوندا آهن، انهي پاڻ کي مجرائڻ تمام ضروري آهي.

بقايا 3 سعودي عرب

ته ڪانگو بابت دوحا فريم ورڪ امن معاهدي جي آجيان ڪيون ٿا. ميڊيا رپورٽن موجب سعودي عرب جي پرڏيهي وزارت جمهوريه ڪانگو جي حڪومت ۽ ڪانگو ريور الائنس 23 مارچ موومينٽ طرفان دوحا جي فريم ورڪ امن معاهدي تي صحيحن جي آجيان ڪئي آهي. سعودي عرب جي پرڏيهي وزارت جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته سعودي حڪومت کي ٻنهي ڌرين پاران معاهدي جي شقن تي عمل ڪرڻ جي اميد آهي. وزارت وڌيڪ چيو آهي ته شهرين جي تحفظ ۽ تڪرار سبب متاثر علائقن تائين انساني امداد جي فراهمي اهميت رکي ٿي. سعودي عرب ان هاڪاري ۽ اهم معاهدي کي حاصل ڪرڻ ۽ قطر پاران ڪيل سفارتي ڪوشش ۽ تعميري ڪردار جي پڻ واکاڻ ڪئي.

بقايا 4 فيلڊ مارشل

کي فتح ڏني، تيئن اسان جي ماڻهن جي به مدد ڪئي. عاصم منير چيو ته جڏهن مئي جي مهيني ۾ پاڪستان ۾ جنگ آئي ته پاڪستاني سپاهي الله جي رستي ۾ نڪتا ۽ الله تعاليٰ پاڪستان کي جنگ ۾ فتح عطا ڪئي. فيلڊ مارشل چيو ته پاڪستان هڪ امن پسند ملڪ آهي ۽ جيڪڏهن دشمن پاڪستان تي جنگ مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ته اسان ان طرح جواب ڏينداسين جيئن اسان مئي ۾ ڪيو هو ۽ مان الله جي حڪم مطابق پنهنجا فرض ادا ڪري رهيو آهيان. عاصم منير چيو ته جيئن احد جي جنگ ۾ مٽي اڇلائي فتح حاصل ڪئي وئي، اهڙي طرح پاڪستاني سپاهي به وڙهيا. فيلڊ مارشل عاصم منير چيو ته الله فتح آندي آهي، هي فتح الله جي طرفان آهي، جڏهن ڪو مسلمان الله تي ڀروسو ڪندو آهي ته دشمن تي اڇلايل مٽي به ميزائل بڻجي ويندي آهي. ان دوران ماڻهن فيلڊ مارشل کي خراج تحسين پيش ڪيو جڏهن ته فيلڊ مارشل احد جي جنگ جو حوالو ڏنو قرآني آيتن جو حوالو ڏيندي، فيلڊ مارشل چيو ته جيئن جيئن مسلمانن جي خلاف دشمنن جو تعداد وڌندو ويو تيئن تيئن اها مٽي به انهن جون اکيون بند ڪري ڇڏيندي هئي.

بقايا 5 انڪشاف

ڪمپليڪس کان اڳ فيض آباد ناڪي کي به نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، آپگهاتي حملو ڪندڙ فيض آباد ناڪي تي حملي جي لاءِ پهچي چڪو هو. جاچ ذريعن ٻڌايو آهي ته ڌماڪو ڪرڻ جي ڪوشش دوران آپگهاتي حملو ڪندڙ بارودي مواد جي پن نه ڪڍي سگهيو جوابدار کي ڌماڪو ڪرڻ ۾ ناڪامي ٿي، پن نه نڪرڻ تي جوابدار واپس راولپنڊي هليو ويو. ذريعن جو چوڻ آهي ته جوابدار ڪجهه ڏينهن اڳ جوڊيشل ڪمپليڪس تي آپگهاتي حملو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ 12 ڄڻا شهيد ۽ 30 زخمي ٿيا. آپگهاتي حملو ڪندڙ جو تعلق افغانستان جي علائقي ننگرپارڪر سان هو ۽ گرفتار سهولتڪار ۽ بيندلز به افغانستان ۾ فتنه الخوارج جي اڳواڻن سان رابطي ۾ هئا ۽ افغانستان مان پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي جي ڪمانڊر سان مسلسل هدايتون ڏئي رهيا هئا. انٽيليجنس ذريعن موجب ٽي ٽي پي ڪمانڊر سعيد الرحمان عرف دادالله ٽيلي گرام ايپ ذريعي رابطو ڪري اسلام آباد ۾ آپگهاتي حملو ڪرڻ جي هدايت ڪئي. دادالله ساجدالله عرف شينا کي آپگهاتي بمبار عثمان عرف قاري جون تصويرون اماڻيون ته جيئن اهي پاڪستان ۾ وصول ڪري، آپگهاتي بمبار عثمان عرف قاري جو تعلق شينواري قبيلي سان هو ۽ هوننگرهار افغانستان جو رهواسي هو.

بقايا 6 شزه فاطمه

ٽيڪنالاجي ۽ ٽيليڪميونيڪيشن واري وفاقي وزير شزا فاطمه خواجه چيو آهي، ته پاڪستان جي قومي سلامتي ۽ معاشي استحڪام جي ايجنڊا ۾ ڊجيٽل ٽرانسفارميشن بنيادي حيثيت اختيار ڪري چڪي آهي. گذريل ڏينهن جاري بيان ۾ شزا فاطمه خواجه آءِ ايس ايس آر اي جي ڊائريڪٽر جنرل طرفان نيشنل ڊفينس يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ فار اسٽريٽجڪ اسٽڊيز ريسرچ اينڊ اينالسس ۾ رٿيل 27 هين نيشنل سيڪيورٽي ورڪشاپ جي شرڪت ڪندڙن خطاب ڪيو. اجلاس ۾ قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي ميمبرن، ڪاروباري شخصيتن، صحافين ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن شرڪت ڪئي. وفاقي وزير پاڪستان جي آءِ ٽي صلاحيت، موقعن ۽ چئلينجز جي موضوع تي ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان جو ڊجيٽل شعبو هاڻي ملڪي اقتصادي سلامتي، اسٽريٽجڪ مضبوطي ۽ عالمي ڇاپيٽي لاءِ بنياد بڻجي چڪو آهي.

بقايا 7 زخمي

3 زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا مطابق صوبائي پوليس ٻڌايو ته حادثو ان هاءِ وي تي پيش آيو جيڪو ڪابل کي اوڀر صوبن سان ملائيندو آهي. حادثي ۾ مسافر گاڏي بي قابو ٿي روڊ تان هيٺ لهي وئي ۽ ان ۾ باهه لڳي وئي. پوليس مطابق حادثي ۾ 6 ڄڻا موقعي تي ئي فوت ٿي ويا جڏهن ته 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا جن کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس شروعاتي جاچ ۾ غير محتاط ڊرائيونگ کي ان حادثي جو بنيادي سبب قرار ڏنو.

بقايا 8 احسن اقبال

ڪروڙ عوام سان ٺڳي ڪئي. هن چيو جڏهن اسان ملڪ کي ترقي ڏياري ته سازش ڪئي وئي، يونين ڪائونسل به نه هلائي سگهندڙ هليو هو نئون پاڪستان ٺاهڻ. سندس چوڻ هو ته ايٽمي طاقت هڪ ٽار ڪڍي ناهي هلندي پر ايٽمي ملڪ جو وزيراعظم ڏاڳي ٿيٽي ذريعي ملڪ جا فيصلا ڪندو هو پي ٽي آءِ جو دور ڪارو ترين دور هو جنهن ۾ نوجوانن کي گارگند سيکاريو ويو ۽ الزام هڻندڙ اڄ اڏيالا جيل ۾ عبرت جو نشان بڻيل آهي.

بقايا 9 فضل الرحمان

رستي ۾ اسان جا قدم اڳيان وڌندا، جيڪڏهن اوهان پنڌ اسان جي طرف ايندو ته اسان ڊوڙندا اوهان جي طرف اينداسين. مولانا فضل الرحمان هن وقت بنگلاديش جي دوري تي آهي ڍاڪا ۾ عالمي ختم نبوت صه ڪانفرنس کي خطاب ۾ مولانا فضل الرحمان چيو ته عقيده ختم نبوت صه امت ۾ وحدت، اتفاق جي نشاني آهي. تحريڪ ڪنهن تشدد جو نه پر جدوجهد جي تسلسل جو نالو آهي. هن چيو ته برصغير جا مسلمان ۽ سموري مڪتب فڪر جا عالم متفق آهن ته رسول الله صه کان پوءِ ڪوبه نبي نٿو اچي سگهي. نبوت جي دعويٰ ڪندڙ اسلام جي دائري مان خارج تصور ڪيو ويندو. مولانا فضل الرحمان چيو ته اسان پاڪستان مان خير سگالي جو پيغام کڻي آيا آهيون ۽ بنگلاديش مان خير سگالي جو پيغام کڻي وينداسين. ٻه پاڙيسري اسلامي ملڪ مختلف شعبن ۾ گڏيل لاڳاپن جا خواهشمند آهن ۽ انهي رستي ۾ اسان جا قدم به اڳيان وڌندا، جيڪڏهن اوهان پنڌ اسان جي طرف ايندو ته اسان ڊوڙندا اوهان جي طرف اينداسين محبت جو اهو رشتو وڌيڪ مضبوط ٿيندو اميد آهي ته تمام گهڻو مضبوط ٿيندو. هن چيو ته ٻن ڀائرن طرفان پنهنجي گهر ۾ ملڪيت ورهائڻ سان انهن جي ڀائيچاري ۾ ڪوبه فرق نه ايندو پاڪستان ۽ بنگلاديش جو مسلمان هڪ طاقت ۽ هڪ پارٽي ۽ هڪ امت آهي. اڄوڪو اهو اجتماع ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڀائپي مضبوط ۽ مستحڪم قدمن جو سبب بڻجندو.

بقايا 10 هدايت

قدمن کان پاسو ڪري. پرڏيهي ميڊيا موجب پيپلز لبريشن آرمي (پي آئي ايل) جي سدرن ٿيئٽر ڪمانڊ جي ترجمان تيان جون لي اهو بيان فلپائن پاران علائقي کان ٻاهر ملڪن سان ڪيل مبينا "گڏيل گشت" کي نظر ۾ رکندي ڏنو آهي. ترجمان موجب اهي سرگرميون خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي نقصان پهچائي رهيون آهن. بيان جي آخر ۾ چين زور ڀريو آهي ته خطي جو امن برقرار رکڻ لاءِ فلپائن کي ذميوارانو طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي.

بقايا 11 قيصر شيخ

ترقي ممڪن ناهي، انٽرميڊيٽ تائين معياري تعليم بنيادي شرط آهي، پاڪستاني شاگردن ۾ بي پناهه صلاحيت موجود آهي، صحيح رخ ڏينداسين ته دنيا ۾ اڳتي وڌندا. فاسٽ يونيورسٽي چنيوٽ جي ڪاميابي ڏسي خوشي ٿيندي آهي، شروع ۾ چنيوٽ ڪيمپس تي اعتراض ڪيو ويندو هو پر اڄ ڪاميابي سڀني جي سامهون آهي. هن چيو ته منهنجي ڪٽنب ۽ ڪمپني يونيورسٽي لاءِ 10 ايڪڙ زمين ڏني، 10 لک روپيا گولڊ ميڊل حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ 10 لک روپيه مستحق شاگردن کي ڏيڻ جو اعلان ڪيان ٿو. هن چيو ته فاسٽ يونيورسٽي نوجوانن کي عالمي معيار جي تعليم فراهم ڪري رهي آهي، شاگرد پنهنجي مستقبل جو بهتر نقشو پاڻ ٺاهين، محنت ۽ مسلسل جدوجهد ئي ڪاميابي آهي.

بقايا 12 مارچ

۽ عورتن جي قتلن خلاف سٽي گيٽ کان حيدرآباد پريس ڪلب تائين سنڌياڻي تحريڪ جي سڏ تي سوين سنڌياڻين جو مارچ، پوليس طرفان مارچ کي روڪڻ جي ڪوشش سنڌياڻي تحريڪ جون سوين ڪارڪنن اپ ڏاريندڙ نعرا هڻي احتجاجي مارچ ڪيو مارچ سٽي گيٽ کان شروع ٿيو جيڪو سٽي گيٽ هيرآباد ٽاورمارڪيٽ سول اسپتال روڊ تلڪ چاڙهي اسٽيشن روڊ کوهه نورچوڪ حيدرچوڪ کان ٿيندو حيدرآباد پريس ڪلب تي پهتو سنڌياڻي تحريڪ طرفان سنڌ جي وحدت، وسيلن، زمينن ۽ درياهه جي حفاظت لاءِ سنڌياڻين عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ وسند ٿري، سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر عمره سمون، عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ ساجد حسين مهيسر سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر ماروي سنڌو عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ نوراحمد ڪاتيار ستار رند، لال جروار ڊاڪٽر رسول بخش خاصخيلي، عبدالقادر رانٽو ماهه نور ملاح، سپائي ڏاهري، شمشاد ڀيڻ سنڌي گرلس اسٽوڊنٽ تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر ايڊووڪيٽ ڪونج لاشاري، ساجده پرهياڙ سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر غلام مصطفيٰ چانڊيو سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ نويد عباس ڪلهوڙو ۽ ڀيڻ جي اڳواڻي ۾ سٽي گيٽ کان شروع ٿيل مارچ، سول اسپتال روڊ، تلڪ چاڙهي، حيدر چوڪ سميت حيدرآباد شهر جي مک چوڪن ۽ چوراهن کان ٿيندو حيدرآباد پريس ڪلب پهتو جتي جلسي عام ڪيو ويو. ان موقعي تي تاليواري ليکڪ اديب جامي چانڊيو ايڊووڪيٽ غفار ناريجو جنرل سيڪريٽري ميرپورخاص بار ايسوسيئيشن، ايڊووڪيٽ اسرار چانگ، جنرل سيڪريٽري سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن، ليکڪ ۽ محقق فهيم نوناري ۽ ٻين وڪيل اڳواڻن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن يڪجهتي طور مارچ ۾ شرڪت ڪئي. مارچ کي ڪي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ وسند ٿري چيو ته ستاويهن آئيني ترميم جمهوريت تي حملو آهي، ننگي ڊڪٽيٽرشپ مڙهي وئي آهي، هن ترميم وسيلي محمد علي جناح جي پاڪستان جو قتل ڪيو ويو آهي. سنڌ ۾ پيپلزپارٽي جو بدترين فاشسٽ راڄ قائم آهي. ستاويهن آئيني ترميم وسيلي آمرن کي احتساب کان ڇوٽ ڏيئي ملڪ ۾ بادشاهت قائم ڪئي وئي آهي، آئين چئي ٿو سمورا شهري برابر آهن، 27هين ترميم چئي ٿي حڪمران بالا آهن جن تي ڪا به عدالتي ڪاروائي نه ٿيندي چند حڪمرانن کي احتساب کان ڇوٽ ڏئي آئين معطل ڪيو ويو آهي. هن مطالبو ڪندي چيو ته ملڪ جي آئين جو بنياد 1940 واري پاڪستان قرارداد تحت وڌو وڃي. حڪمرانن 27هين ۽ 26هين آئيني ترميمن ذريعي آئين جو چهرو مسخ ڪري ڇڏيو آهي. هنن ترميمن ذريعي عوام جا بنيادي انساني حق معطل ڪيا ويا آهن. هن چيو ته 27 هين آئيني ترميم ذريعي عدليه غلام ڪئي وئي آهي، هاڻي حڪمران سنڌ جي معدني وسيلن سميت ٻين حقن تي ڌاڙو هڻندا جنهن کي ڪا به ڪورٽ نه روڪيندي. هاڻي حڪمران جي ڦرلٽ، ڌانڌلي جي بچاءِ لاءِ ڪوبه آزاد ادارو نه بچيو آهي. هن چيو ته ملڪ جي وسيلن، زمينن ۽ قدرتي معدنيات کي وڪرو ڪرڻ لاءِ SIFC جهڙو آئين کان مٿاهون ادارو قائم ڪيو ويو آهي. ڪارپوريٽ فارمنگ مظلوم قومن جي زمينن تي قبضو ڪرڻ جي منظم سازش آهي. سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون ڪمپنين کي ڏنيون پيون وڃن. وسند ٿري چيو ته سنڌ هزارين سالن جي تهذيبي تاريخ رکندڙ قومي وطن آهي. سنڌ کي ٽڪرا ڪرڻ ۽ نوان صوبا ٺاهڻ جي سازش ملڪ دشمن عمل آهي. سنڌ کي ٽڪرا ڪرڻ واري سازش کي سنڌ جو عوام ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪندو هن چيو ته سنڌ جي هزارين سالن جي تهذيب جو واحد شاهد سنڌو درياهه آهي. ڪالاباغ ڊيم، ڀاشا ڊيم ۽ 6 اسٽريٽجڪ ڪينالن جهڙا منصوبا سنڌ جو پاڻي زبردستي کسڻ جي سازش آهن. پيڪا ايڪٽ ضياڻي ۽ ايوبي آمريت جو تسلسل آهي. اينٽي ٽرورزم ترميمي ايڪٽ وسيلي 6 مهينا حراست عوام کان فيئر ٽرائل جهڙو بنيادي حق کسڻ جي سازش آهي. اهي ڪارا قانون آئين ۽ انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙي آهن. مائينز اينڊ منرلز بل صوبن جي وسيلن تي ڌاڙو ۽ 18هين ترميم خلاف سازش آهي. هن چيو ته حڪومت ۽ رياستي ادارن جي نااهلي سبب ڌاڙيلن کي جديد هٿيار ڏنا ويا آهن. سنڌ ۾ عوام غير محفوظ آهي. سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر عمره سمون چيو ته سنڌ جون زمينون ۽ وسيلا وڪڻڻ لاءِ ايس آءِ ايف سي جو ادارو به پيپلز پارٽي جي سهڪار سان ٺاهيو ويو آهي. عدالتون جيڪي 26هين آئيني ترميم سبب اڳ ۾ ئي مفلوج آهن تن کي مڪمل طور حڪومتي دربار بڻائڻ لاءِ 27هين ترميم آندي وئي آهي. هن چيو ته سنڌي عوام وٽ هاڻي پرامن جدوجهد کانسواءِ ڪو به رستو نه بچيو آهي. عوام جي هر طبقي جو عوامي جدوجهد جي ميدان ۾ اچڻ گهرجي. هن چيو ته سنڌ ۾ پيپلزپارٽي سرڪار جو بدترين فاشسٽ راڄ قائم آهي، بورڊ آف انوسٽمينٽ اميڊمينٽ ايڪٽ 2023ع ۽ 27هين ترميم ملڪ جي وجود تي وار آهي، سنڌ ۾ جاگيرداري نظام کي مضبوط ڪري عورتن جو قتلام ڪيو پيو وڃي، ڪارو ڪاري جو ڪاروبار حڪومتي سرپرستي ۾ جاري آهي.

بقايا 13 ڏک ونڊيو

ڏينهن سينيٽ سيڪريٽريٽ مان جاري بيان ۾ سينيٽ چيئرمين مرحوم سينيٽر عرفان الحق صديقي جي وفات تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو هن مرحوم سينيٽر جي پٽن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو هن چيو ته سينيٽر عرفان الحق صديقي جي قومي ۽ پارلياماني خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو مرحوم جي وفات سان پيدا ٿيل خال ڪڏهن به پرجي نه سگهندو. هن چيو ته سينيٽر عرفان الحق صديقي منهنجو سٺو دوست هو. عرفان الحق صديقي جي صحافت ۽ ڪالم نگاري ۾ بي مثال خدمتن جو اعتراف ڪيون ٿا. سينيٽ ۾ قانون سازي ۽ اسٽينڊنگ ڪميٽين جي سربراهي ۾ مرحوم جون خدمتون تعريف جوڳيون آهن. سينيٽ چيئرمين مرحوم جي ايصال ثواب ۽ بلند درجن لاءِ دعا ڪئي ۽ چيو ته سينيٽر عرفان الحق صديقي جي پونئيرن جي ڏک ۾ برابر جو شريڪ آهيان.

بقايا 14 جيفري ايپسٽين

ريپبلڪنز ۾ بدنام آمريڪي جنسي مجرم جيفري ايپسٽين پاران پي ٽي آءِ جي باني عمران خان بابت جمع ڪرايل اي ميلز سامهون آيون آهن. 2018 ۾، بدنام جنسي مجرم جيفري ايپسٽين پي ٽي آءِ جي باني کي امن لاءِ خطرو قرار ڏنو هو. اهو انڪشاف آمريڪي هائوس آف ريپبلڪنز ۾ جمع ڪرايل جيفري ايپسٽين جي اي ميلز ۾ ٿيو. ڊيموڪريٽس پاران جمع ڪرايل اي ميلز موجب، پاڪستان ۾ عام چونڊن ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي فتح کان پوءِ، جيفري ايپسٽين 31 جولاءِ 2018 تي هڪ نامعلوم شخص سان پنهنجي اي ميل گفتگو ۾ پي ٽي آءِ جي باني جو ذڪر ڪيو. هن اي ميل ۾، جيفري ايپسٽائن عمران خان کي امن لاءِ ترڪ صدر طيب اردگان، ايراني خامنه اي، چيني صدر شي جن پنگ ۽ روسي صدر پيوٽن کان به وڏو خطرو قرار ڏنو اي ميل جو جواب ڏيندڙ شخص پڇيو "ڇا پاڪستان هڪ پاپولسٽ آهي؟" جنهن تي جيفري ايپسٽائن لکيو "تمام خراب خبر" جيفري ايپسٽائن، ظاهري طور تي عمران خان جو حوالو ڏيندي لکيو ته هو ڊونلڊ کي آئن اسٽائن طور پيش ڪري ٿو جيڪو سچ ٻڌائڻ کان قاصر آهي، هڪ سخت گير اسلام پسند. جيفري ايپسٽائن اهو به دعويٰ ڪئي ته هن منهنجي ٻن دوستن سان شادي ڪئي هئي، جن مان هڪ جمي گولڊ سمٿ جي ڌيءَ آهي ۽ ان کي زبردستي مذهب تبديل ڪرايو هو هن وڌيڪ لکيو، "هو هڪ ڪرڪيٽ ڪپتان آهي، شطرنج جو رانديگر ناهي پر ميڙ کي جوش ۾ آڻڻ ۾ تمام سٺو آهي."

بقايا 15 روڊ بلاڪ

واهه نه ٿيڻ تي مسيحي برادري ڪراچي واهه تي ڌرڻو هڻي روڊ پڻ بلاڪ ڪيو جنهن بعد انتظاميا پاران ريسڪيو ٽيم پهچي لاش جي ڳولا ۾ سندن مدد شروع ڪئي آهي آخري اطلاعن تائين لاش ملي نه سگهيو هو.

بقايا 16 لاش هٿ آيا

ريسٽورنٽ ۾ باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ ريسٽورنٽ جو ملازم 25 سالن جو سجاد پٽ صديق فوت ٿي ويو. لاش قانوني ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو. پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي. ٻئي پاسي گلبرگ جي علائقي موسي ڪالوني ۾ KE آفيس جي ويجهو فٽ پٿ تان هڪ نامعلوم شخص جو لاش مليو آهي. گڙري پل جي هيٺان نامعلوم شخص جو لاش مليو فوتي جي موت جو سبب معلوم نه ٿي سگهيو سپر هاءِ وي معمار موڙ ويجهو اٽڪ پمپ لڳ روڊ حادثي ۾ ارجن ولد جانو فوت ٿي ويو. ايف بي صنعتي ايريا ٿاڻي جي حد شفيق موڙ بلاڪ 22 جي پرسان سليمان ابراهيم مسجد نيو ڪراچي ۾ انڌي گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ دين محمد ولد خير محمد زخمي ٿيو. سچل ٿاڻي جي علائقي دعا ريسٽورنٽ جي جي لڳ ڇرين جي وار سان صابر ولد سميل زخمي ٿيو.

بقايا 17 ڌماڪو

ضلعي جي ٺٽل ۾ نامعلوم ماڻهن ريلوي ٽريڪ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو پوليس موجب، جعفر ايڪسپريس جي گذرڻ کان پوءِ ريلوي ٽريڪ تي ڌماڪو ٿيو جنهن جي ڪري ٽرين محفوظ رهي پوليس جو چوڻ آهي ته جعفر ايڪسپريس ڪوئيٽا کان پشاور وڃي رهي هئي.

بقايا 18 ڀاڙن ۾ اضافو

ٽرانسپورٽ ايسوسيئيشن نبيل محمود طارق موجب لاهور کان ڪراچي جو ڀاڙو هڪ لک روپين کان وڌائي هڪ لک 9 هزار، لاهور کان راولپنڊي جو ڀاڙو 60 هزار مان وڌائي 65 هزار، لاهور کان پشاور جو ڀاڙو 80 هزار مان وڌائي 86 هزار 500 ۽ لاهور کان ڪوئٽه جو ڀاڙو هڪ لک 20 هزار مان وڌائي هڪ لک 30 هزار روپيه ڪيو ويو آهي. نبيل محمود طارق ٻڌايو ته ڀاڙن ۾ اضافو ڊيزل جي قيمتن ۾ اضافي ۽ هاءِ ويز تي نوان ٽول پلازه بڻجڻ سبب ٿيو آهي. هن چيو ته اهي قدم ٽرانسپورٽرز جي وڌندڙ خرچن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ کنيا پيا وڃن.

بقايا 19 ڪازلسٽ جاري

لسٽ موجب ايندڙ هفتي وفاقي آئيني عدالت ۾ 3 بينچز ڪيسز جي ٻڌڻي ڪندا. چيف جسٽس وفاقي آئيني عدالت امين الدين خان سپائي ڪان ڪيس ٻڌندو ۽ جسٽس حسن اظهر به سپائي ڪان ڪيسز جي ٻڌڻي ڪندا. جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس ڪي ڪي آغا تي ٻڌل 2 رڪني بينچ به سپائي ڪان ڪيسز جي ٻڌڻي ڪندو. ياد رهي ته وفاقي آئيني عدالت جي چيف جسٽس امين الدين خان جمعي 14 نومبر تي پنهنجو وڏو فيصلو ڪندي وفاقي آئيني عدالت جو رجسٽرار مقرر ڪيو هو اڳوڻي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج محمد حفيظ کي رجسٽرار آئيني عدالت جڏهن ته مظهر ڀٽي کي سيڪريٽري ٽو چيف جسٽس وفاقي آئيني عدالت مقرر ڪيو ويو.

بقايا 20 مصدق ملڪ

آهي، نه ته دنيا جو برفاني نظام بي مثال رفتار سان تباهه ٿي رهيو آهي، جنهن سبب اربين انسان خطري ۾ ورتل آهن. هندوڪش، قراقرم، هماليه خطو شديد برف پگهرڻ ۽ آبهوا سان جڙيل تباهه ڪندڙ واقعن کي منهن ڏئي رهيو آهي. ڪالهه موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي واري وزارت موجب اهڙو اظهار هن برازيل جي ايمازوني شهر بيلجيئم ۾ رٿيل ڪوپ-30 جي موقعي تي هڪ اعليٰ سطحي تقريب کي اسلام آباد مان ورچوئل خطاب ڪندي ڪيو وفاقي وزير چيو ته سڄي دنيا ۾ تيزي سان پگهرجندڙ برفاني ڇپون، پگهرجندڙ برفيلي زمين ۽ گهٽ ٿيندڙ برفاني ذخيرا انساني زندگي، معاش، آبي نظام ۽ عالمي غذائي تحفظ لاءِ سلسليوار خطرا پيدا ڪري رهيا آهن. اهو ورچوئل اجلاس موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي واري وزارت عالمي حصيدارن جي تعاون سان منعقد ڪيو جنهن جو عنوان ڪرائيو سفيئر موافقت ۽ آفتن جي روڪٿام هو ان ۾ پاڪستان، نيپال، ڀوٽان، ترڪيه، آذربائيجان، گڏيل قومن جي ترقياتي اداري، گڏيل قومن جي تعليمي ۽ سائنسي اداري ۽ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي سينئر نمائندن، سائنسدانن ۽ ماهرن شرڪت ڪئي. ڊاڪٽر مصدق ملڪ زور ڀريو ته دنيا جو برفاني نظام جنهن ۾ گليشيئر برفيلي زمين، برفاني چادرون، ساموندي برف ۽ قطبي برفيلي چادرون شامل آهن. گرمي پد ۾ واڌ سبب تيزي سان گهٽجي رهيا آهن جنهن جا ڏور رس نتيجا هائيڊرالاجي، زراعت، ساموندي استحڪام ۽ وڌندڙ آفتن جي صورت ۾ سامهون اچي رهيا آهن. هن چيو ته دنيا جو ٽيون قطب چورائيندڙ هندو ڪش-قراقرم- هماليه خطي جو گرمي پد عالمي سراسري جي ڀيٽ ۾ تقريبن 2 کان 3 ڀيرا وڌيڪ رفتار سان وڌي رهيو آهي، جيڪو قطبي علائقن کان پوءِ دنيا جي سڀ کان وڏن مٺي پاڻي جي ذخيرن کي خطري ۾ وجهي رهيو آهي. وفاقي وزير پاڪستان جي پنهنجي گليشيئرز تي آبهوا جي تبديلي جي شديد ۽ تيز رفتار اثرن جو ذڪر ڪندي چيو ته ملڪ جا بلند جابلو سلسلا تيزي سان برفباري، برفاني ڍڳن ۽ گلوف واقعن ۾ نمايان واڌ کي منهن ڏئي رهيون آهن. هن چيو ته پاڪستان روزاني آبهوا جي تبديلي جي حقيقت سان جي رهيو آهي، اسان جا گليشيئر اڳ جي ڀيٽ ۾ ڪيترائي ڀيرا تيزي سان پگهرجي رهيا آهن، اسان جا جابلو ڳوٺ آفتن جي فرنٽ لائين تي آهن ۽ اسان جي قومي آبي سلامتي خطري ۾ آهي. اسان وڌيڪ انتظار نٿا ڪري سگهون ته تنبيهه تباهي ۾ بدلجي وڃي، دنيا کي فوري ۽ منصفاڻي ڪارروائي ڪرڻي پوندي. ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو ته اهي تبديليون اڳ ئي سنڌودرياهه جي قدرتي وهڪري کي متاثر ڪري رهيون آهن. اهم ڍانچن کي نقصان پهچائي رهيون آهن، زرعي زمينن کي ڪنگال ڪري رهيون آهن ۽ هيٺين علائقن ۾ لکين ماڻهن جي آبي سلامتي کي خطري ۾ وجهي رهيون آهن. هن چيو ته پاڪستان جي جابلو آبادي لاءِ آب هوا جي تبديلي ڪا پري جي ڳالهه ناهي، پر روزاني زندگي جو بحران بڻجي چڪي آهي جيڪا زندگين ۽ معاش کي تباهه ڪري رهي آهي. سائنسي جائزن سان اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته جيڪڏهن نيڪال جي بلند شرح برقرار رهي ته هندوڪش-قراقرم- هماليه جا تقريبن 65 سيڪڙو گليشيئر هن صدي جي آخر تائين ختم ٿي سگهن ٿا. پاڪستان جتي اٽڪل تيرنهن هزار گليشيئر موجود آهن ان لاءِ اها صورتحال زراعت، پن بجلي، غذائي پيداوار ۽ شهري پاڻي جي فراهمي لاءِ شديد خطرن جو سبب بڻجندي. شرڪت ڪندڙن نشاندهي ڪئي ته گلوف جا واقعا گلگت بلتستان ۽ خيبر پختونخوا جي ملڪ علائقن ۾ گهرن، اسڪولن، روڊن، پلين ۽ فصلن کي تباهه ڪري چڪا آهن، جنهن سان غريب ماڻهو وڌيڪ غريب ۽ لڏپلاڻ جي چڪرن ۾ ڦاسي رهيا آهن. هيٺين علائقن ۾ درياهه جي بي قاعدي وهڪري سان زرعي پيداوار گهٽجي رهي آهي، توانائي جي پيداوار متاثر ٿي رهي آهي ۽ وڏن شهرن ۾ پاڻي جي کوٽ وڌي رهي آهي. ماهرن خبردار ڪيو ته سنڌو درياهه جي نظام ۾ تبديليون معيشت، مقامي سياحت، حياتياتي جدت ۽ پوري خطي جي معاشي استحڪام تي اثر انداز ٿي رهيون آهن ترڪيه، آذربائيجان، نيپال، ڀوٽان ۽ آئسيمود جي عملدارن ۽ ماهرن خطي ۾ موسمياتي جاچ جي مٽاسٽا، گڏيل سائنسي تحقيق ۽ گڏيل خطرن جي تجزئي لاءِ مضبوط علائقائي فريم ورڪ جي ضرورت تي زور ڀريو هن ڪميونٽي جي سطح تي شروعاتي تنبيهه واري نظام، برفاني ڍڳن جي بهتر نگراني، آفتن جي تياري جي تربيت ۽ مقامي ادارن جي سگهه وڌائڻ لاءِ سيڙپڪاري اٽل قرار ڏني. گڏيل قومن جي ترقياتي اداري، گڏيل قومن جي تعليمي ۽ سائنسي ۽ اداري ۽ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي نمائندن پاڪستان ۽ هندوڪش-قراقرم- هماليه خطي جي ٻين ملڪن جي معاونت جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو. ڳالهيون مضبوط علائقائي تعاون، رسد جوڳي موسمياتي ماليات ۽ هندوڪش-قراقرم- هماليه جي نازڪ برفاني نظام جي تحفظ لاءِ فوري عالمي ڌيان جي اجتماعي اپيل تي پڄاڻي تي پهتيون ته جيئن انهن لکين ماڻهن جو مستقبل محفوظ بڻائي سگهجي جن جي زندگين ۽ بقا جو دارومدار گليشيئرز تي آهي.

بقايا 21 خواجا آصف

تي جنرل فيض ۽ جنرل باجوا جي ڪنٽرول ۾ هو پاڪستان سان سنگين مذاق ڪيو ويو طاقت لاءِ هڪ عورت کي لانچ ڪيو ويو هن چيو ته چار پنج سالن جي ڦرلٽ هڪ منصوبي تحت ڪئي وئي، نواز شريف خلاف سپريم ڪورٽ ۾ پلان تحت فيصلا ٿيا، ڦرلٽ جي پيسي مان پي ٽي آءِ باني کي حصو ملندو هو باقي پيسو ٻاهر ويو. پنجاب جهڙي صوبي سان سنگين مذاق ٿيو سندس چوڻ هو ته آڪسفورڊ مان پڙهي به اهو سڀ ڪرڻ افسوسناڪ آهي، ملڪ جي ڪمانڊ ڏاڳي ٿيٽي حوالي ڪئي وئي، بشريٰ بي بي دشمن ملڪ جي هٿ لڳي وڃي ها ته سنگين خطرا پيدا ٿي پئي سگهيا. خواجا آصف چيو ته پي ٽي آءِ وارا عمران خان کي ڏاڍو عقلمند سمجهندا هئا، جنهن کي هڪ عورت ڪپائي ڇڏيو، ڦرلٽ جي پيسي مان عمران خان کي ٽپ ملي ويندي هئي، باقي پيسو گوگي ٻاهر ڪڍي وئي، پيرڻي وٽ جيڪو حصو آهي اهو ڪٿي نه ڪٿي ته پيو هوندو.

بقايا 22 روبينه خالد

احترام ۽ هم آهنگي کي هٿي ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي، عدم برداشت معاشري کي ڪمزور ڪري ٿي رواداري مضبوط معاشرو جوڙي ٿي. برداشت ۽ رواداري جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ سينيٽر روبينه خالد چيو ته بي آءِ ايس پي هميشه ڪمزور طبقن سان گڏ آهي، بي آءِ ايس پي جو مقصد صرف مالي مدد ناهي پر سماجي هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ به آهي. هن چيو ته برداشت، هم آهنگي ۽ احترام تي ٻڌل معاشرو اسان جي ترجيح آهي، عدم برداشت معاشرتي ترقي جي راهه ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي. برداشت جو عالمي ڏينهن اسان کي نفرت، تقسيم ۽ شدت پسندي جي خاتمي جو پيغام ڏئي ٿو هن چيو ته اختلاف راءِ کي برداشت ڪرڻ جمهوري قدرن جي مضبوطي جي علامت آهي، قومي يڪجهتي لاءِ برداشت ۽ رواداري کي هٿي وٺرائڻ اٽل آهي.

بقايا 23 رانا مشهود احمد خان

پروگرام جي چيئرمين رانا مشهود احمد خان چيو آهي ته پاڪستان نوجوانن کي جديد ڊجيٽل موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي، يوٿ ڊڪليريشن نوجوانن لاءِ هڪ تاريخي سنگ ميل ثابت ٿيندو. اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ ڏينهن ڪامن ويلٿ يوٿ منسٽريل ٽاسڪ فورس اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو. هن چيو ته پاڪستان نوجوانن جي قيادت ۾ عالمي سطح تي فعال ڪردار ادا ڪندو رهندو نوجوان اسان جي سڀ کان وڏي طاقت آهن. انهن ۾ سيڙپڪاري ئي اسان جو مستقبل آهي. هن اجلاس دوران ٻڌايو ته دولت مشترڪه ۾ نوجوانن جو آواز وڌيڪ مضبوط بڻايو وڃي. هن چيو ته پاڪستان نوجوانن کي ڊجيٽل موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. رانا مشهود چيو ته اسان نوجوانن کي پاليسي سازي ۾ برابر حصيدار ڏسڻ چاهيون ٿا. ڊجيٽل ورهاست ختم ڪرڻ دولت مشترڪه جي اولين ترجيح هجڻ گهرجي. هن چيو ته پاڪستان سي اي واءِ اي يوٿ سمٽ ذريعي نوجوانن لاءِ هڪ نئون عالمي پليٽ فارم جوڙيو آهي. هن چيو ته اسلام آباد يوٿ ڊڪليريشن نوجوانن لاءِ هڪ تاريخي سنگ ميل ثابت ٿيندو اسان دولت مشترڪه جي 1.6 بلين نوجوانن لاءِ معنيٰ واري تبديلي آڻڻ لاءِ تيار آهيون. هن چيو ته گڏيل ترقي تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن نوجوانن کي قيادت ۾ حقيقي جاءِ ڏني ويندي، پاڪستان نوجوانن کي تعليم، روزگار ۽ شموليت لاءِ عملي قدم جاري رکندو.

بقايا 24 يوسف رضا گيلاني

سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته برداشت ۽ تحمل اهڙيون خاصيتون آهن جيڪي معاشري کي امن ۽ استحڪام جي راهه ڏيکارين ٿيون. برداشت جي روين کي هٿي ڏيڻ کانسواءِ معاشرتي هم آهنگي ممڪن ناهي. برداشت جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ سينيٽ چيئرمين چيو ته اثرائتو بحث ۽ گڏيل احترام مضبوط جمهوري روايتن جو بنياد آهن ۽ پارليامان قومي وحدت، برداشت ۽ سماجي هم آهنگي کي هٿي ڏيڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. هن چيو ته انتهاپسندي، عدم برداشت ۽ نفرت انگيزي خلاف سڀني طبقن کي گڏيل طور تي گڏ ٿيڻو پوندو ته جيئن ملڪ ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام کي يقيني بڻائي سگهجي. هن چيو ته سلامتي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ معاشري ۾ رواداري ۽ احترام جي روين کي مستحڪم ڪرڻ اٽل آهي جڏهن ته عدم برداشت معاشرتي ورهاست ۽ قومي يڪجهتي کي سخت نقصان پهچائين ٿا. هن چيو ته نوجوانن ۾ برداشت، بردباري ۽ هاڪاري فڪر جي طرز کي اجاگر ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي ڇاڪاڻ ته اهي مستقبل جي قيادت سنڀاليندا آهن. هن چيو ته اسلام انسانيت، امن، تحمل ۽ گڏيل احترام جو پيغام ڏئي ٿو ۽ هن ڪري معاشرتي قدرن ۾ رواداري کي مرڪزي حيثيت ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هن چيو ته برداشت ۽ ڀائيچاري کي هٿي ڏيڻ سان اسان هڪ مضبوط، پرامن ۽ ترقي يافته پاڪستان جو بنياد رکي سگهون ٿا.

بقايا 25 اتفاق

آصف علي زرداري دوحه ۾ قطر جي نائب وزيراعظم ۽ دفاع واري وزير شيخ سعود سان اهم ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ دفاعي شعبي، زراعت ۽ سيڙپڪاري ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو. ٻنهي سربراهن طرفان گڏيل فوجي مشقن، دفاعي ٽيڪنالاجي ۽ مهارت جي مٽا سٽا لاءِ قدمن تي زور ڀريو ويو. قطر جي دفاع واري وزير پاڪستان جي هٿياربند جي فوجن جي پيشيوراڻي مهارت کي ساراهيندي دفاعي سهڪار ۾ دلچسپي جو اظهار ڪيو. پاڪستان ۽ قطر وچ ۾ اقتصادي ۽ دفاعي لاڳاپن سان دفاعي صنعت ۽ روانگي واپار کي هٿي ملندي. ٻه طرفن لاڳاپن جي ڪري جديد ٽيڪنالاجي، زرعي پيداوار ۽ سيڙپڪاري کي هٿي ملندي. پاڪستان جي زرعي، اقتصادي ۽ دفاعي ترقي ۾ ايس آءِ ايف سي پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي.

بقايا 26 ڪاوڙ جو اظهار

ڊفينس اسٽاف چيو ته جيڪڏهن توهان معاهدن تي دستخط نه ڪندا ۽ وقت تي هٿيار پهچائڻ نه ڏيندا، ته اهو اسان جي صنعتي صلاحيت جو نقصان آهي، توهان کي مقامي صلاحيت بابت سچ ڳالهائڻو پوندو ڇاڪاڻ ته اهو قومي سلامتي سان لاڳاپيل آهي. جنرل انيل چوهان چيو ته اسان توهان جي منافعي ڪمائڻ جي ڪوشش ۾ ڪجهه قوم پرستي ۽ حب الوطني جي اميد رکون ٿا، دفاعي سڌارا هڪ طرفي عمل نه آهن، صنعت کي صلاحيت بابت سچ ڳالهائڻو پوندو. ڀارتي چيف آف ڊفينس اسٽاف وڌيڪ چيو ته ڪيترين ئي ڪمپنين چون ٿيون ته انهن جون شيون 70 سيڪڙو مقامي آهن، پر اهو سچ ناهي، ۽ جيڪڏهن قيمت جي ڳالهه ڪريون ته انهن جي قيمت بين الاقوامي معيار جي لحاظ کان به وڌيڪ آهي.

بقايا 27 طلال چوڌري

نٿو ڪري سگهي، سهيل آفريدي بطور خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير طور پنهنجون ذميواريون نڀائي. طلال چوڌري چيو ته فيصل آباد ۾ (ن) ليگ پنهنجي ڪارڪردگي سان کٽيندي، عالمن جو ملڪ ۾ امن، امان ۾ اهم ڪردار رهيو آهي. هن چيو ته ضمني چونڊن ۾ سيڪيورٽي جا انتظام مڪمل آهن. جيڪو تشدد ڪندو آهي اهو سياست نٿو ڪري سگهي. طلال چوڌري فيصل آباد ۾(ن) ليگ ضمني چونڊون آسائي سان کٽيندي، (ن) ليگ جي حڪومت واري دور ۾ ئي ملڪ ۾ ترقي ٿي آهي. طلال چوڌري چيو ته ترميم ڪرڻ پارليامينٽ جو حق ۽ اختيار آهي، پارليامينٽ جڏهن چاهيندي ترميم ڪندي هن چيو ته ملڪ ۾ 26هين ۽ 27هين ترميم سان استحڪام آيو آهي. هن چيو ته ججز جون استعيفائون سياسي آهن. هنن ماڻهن پارليامينٽ کي ميونسپل ڪارپوريشن بنائي ڇڏيو هو سياسي استعيفائن سان پارليامينٽ تي ڪوبه فرق نه پوندو.

بقايا 28 وڏو وزير

ڪم جي بهتر معيار ۽ تيزيءَ ۾ واڌ لاءِ واضح حڪم جاري ڪيا. وڏي وزير سان گڏ صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، سيد ناصر شاهه ۽ ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب پڻ موجود هئا. وڏي وزير چيو ته اسان جو مڪمل ڌيان عوامي مسئلن جو فوري حل فراهم ڪرڻ ۽ سڀني رڪاوٽن کي هٽائڻ تي آهي ته جيئن عوام کي بغيرڪنهن دير جي اچ وڃ جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن. وڏي وزير پنهنجي دوري جي شروعات ڪورنگي ڪاز وي جي تعميراتي ڪم جي جائزي سان ڪئي، جتي مون سون دوران ٻوڏ جهڙين حالتن ۽ بار بار بندش کان بچڻ لاءِ هن رستي جي نئين سر تعمير، ايليويشن ۽ پائيداري جو ڪم جاري آهي. سيد مراد علي شاهه ترقياتي ڪم سبب شهرين ۽ صنعتي شعبي سان لاڳاپيل ماڻهن کي ٿيندڙ تڪليفن تي معذرت جو اظهار پڻ ڪيو. هن چيو ته ڪورنگي ڪاز وي هڪ اهم شاهراهه آهي، جنهن جي بار بار بندش سبب عوام کي شديد ڏکيائن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ۽ ڪراچي جون معاشي سرگرميون متاثر ٿين ٿيون. وڏي وزير مڪاني ڪاٽي جي وزير ناصر شاهه کي هدايت ڪئي ته هو فوري طور عملي ۽ سامان جي فراهمي ۾ واڌ ڪري. وڏي وزيرواضح هدايتون ڏيندي چيو ته ڪم تي مڪمل قوت لڳايو ان کي حصن ۾ نه ورهايو جو ته اهڙي صورت ۾ وڌيڪ وقت لڳي ٿو. وڏي وزير هدايت ڪئي ته مون کي ڪم باقاعدي ۽ پائيدار انداز ۾ ٿيندو نظر اچڻ گهرجي. مراد علي شاهه ٽريفڪ پوليس سان بهتر هم آهنگي جي ضرورت تي زور ڏنو ۽ هدايت ڪئي ته ڪاز وي مڪمل طور فعال ٿيڻ تائين شهرين کي آسان ۽ متبادل رستو فراهم ڪيو وڃي. وڏي وزيرشاهراهه ڀٽو تي 15 ڪلوميٽر ڊگهي سيڪشن I مرغي خاني واري حصي جي ڪم جو جائزو ورتو. مڪاني ڪاٽي جي وزير ناصر شاهه وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته 98 سيڪڙو فزيڪل ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ ڪم آخري مرحلن ۾ داخل ٿي چڪو آهي. وڏي وزير مڪمل ٿيل حصن جو معائنو ڪيو. هن هدايت ڪئي ته شاهراهه ڀٽو شهر جي ماڻهن لاءِ هڪ اهم گذرگاهه آهي، رهيل ڪم کي جلد مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن هن کي ڊسمبر 2025 يا جنوري 2026 تائين عوام لاءِ مڪمل طور کولي سگهجي. مراد علي شاهه پروجيڪٽ ڊائريڪٽر کي هدايت ڪئي ته سائن بورڊ جي تنصيب ۽ لينڊ اسڪيپنگ جو ڪم فوري شروع ڪيو وڃي ته جيئن ٽريفڪ جي وهڪري ۾ بهتري اچي ۽ سيڪشن کلندي ئي عوام کي واضح تبديلي محسوس ٿيڻ گهرجي. وڏي وزير چيو ته منصوبي جي افتتاح کان اڳ مان ان جي آخري معيار کي ضرور چيڪ ڪندس. وڏي وزيرشاهراهه ڀٽو جي سمون ڳوٺ واري سيگمينٽ جو پڻ دورو ڪيو جتي ايليويٽيڊ پورشن تعمير هيٺ هو. هن پروجيڪٽ ڊائريڪٽر کي هدايت ڪئي ته ڪم جي رفتار وڌائي وڃي، ته جيئن ايندڙ ٻن مهينن اندر هن کي ٽريفڪ لاءِ کولي سگهجي. وڏي وزير مراد علي شاهه تعمير هيٺ ڪريم آباد انڊر پاس جي دوري دوران ڪريم آباد انڊر پاس تي 24 ڪلاڪ ڪم جاري رکڻ ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هي انڊر پاس سينٽرل ضلعي ۾ وڏي ٽريفڪ جي وهڪري کي گهٽائڻ لاءِ ٺاهيو ويو آهي جيڪو هڪ وڏو منصوبو آهي. وڏي وزير تعميراتي ۽ فنشنگ ڪمن جو جائزو ورتو ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب وڏي وزير کي ٻڌايو ته منصوبي تي 85 سيڪڙو فزيڪل ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ 6.1 ميٽر ويڪرو ڊوئل ٽريڪ (2+2 لين) آهي ۽ 3.81 بلين ڊالر جي لاڳت سان تعمير ڪيو پيو وڃي. وڏي وزير چيو ته هتي ماڻهن کي روزانو ٽريفڪ جام کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هن انڊر پاس کي جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي. هن ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (ڪي ڊي اي) کي هدايت ڪئي ته جتي به ضرورت هجي اتي 24 ڪلاڪ ڪم ڪيو وڃي. وڏي وزيرٽيم کي هدايت ڪئي ته هو هفتيوار اڳڀرائي رپورٽ سڌو سنئون سندس آفيس ۾ جمع ڪرائن. هن چيو ته مون کي ڪنهن به قسم جو عذر قبول ناهي، ڪم جي رفتار وڌايو ۽ اعليٰ معيار جو مواد استعمال ڪيو. ڪراچي پائيدار انفراسٽرڪچر جو حقدار آهي. وڏي وزير پروجيڪٽ ڊائريڪٽرز ۽ انجنيئرز کي پنهنجو واضح پيغام ڏنو ته سنڌ حڪومت شهرين لاءِ سهولتن کي بهتر کان بهتر بڻائڻ جو عزم رکي ٿي. ڪراچي کي تيز رفتار، محفوظ ۽ جديد انفراسٽرڪچر جي ضرورت آهي. هي منصوبا صرف رستا نه آهن، پر شهر جي معيشت ۽ روزمره جي زندگي ۾ ريڙهه جي هڏي جي حيثيت رکن ٿا.

بقايا 29 سعيد غني

جي سياست جو انداز اهڙو ئي رهيو ته اسان اڳتي نه وڌي سگهنداسين ۽ ايندڙ 10 سالن ۾ صورتحال وڌيڪ خراب ٿي ويندي. اسان کي بدلجندڙ وقت ۽ حالتن مطابق پاڻ کي تبديل ڪرڻو پوندو ۽ ٽريڊ اندر موجود خرابيون درست ڪرڻيون پونديون. هن چيو ته يونيورلائيزيشن آف سوشل سيڪيورٽي تي ڪم شروع ڪيو ويو آهي ۽ بينظير مزدور ڪارڊ جو جاري ٿيڻ به ان سلسلي جي هڪ اهم ڪڙي آهي. هوءِ صحافين سميت هر مزدور کي، جيڪو پرائيويٽ سيڪٽر ۾ ڪم ڪري ٿو رڪشا يا ٽيڪسي هلائي ٿو پرائيويٽ ڊرائيور آهي يا ٺيلا لڳائي ٿو سوشل سيڪيورٽي جي نيٽ ۾ شامل ڪرڻ جو خواهشمند آهي، جيئن انهن جي ٻارن کي مفت ۽ اعليٰ تعليم ۽ سڄي خاندان کي والدين سميت مفت علاج جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن. هي ڳالهيون هن گذريل ڏينهن ڪراچي پريس ڪلب ۾ آل پاڪستان نيوز پيپرز ايمپلائز ڪنفيڊريشن (ايپنڪ) جي سالياني چونڊن ۾ ڪامياب عهديدارن جي حلف برداري تقريب دوران بطورخاص مهمان خصوصي ظاهر ڪيون. تقريب ۾ مظهر عباس، طاهر حسن خان، حبيب الدين جنيدي، لياقت شاهه، امتياز خان فاران، خورشيد عباسي ۽ ٻيا پڻ خطاب ڪيو. صوبائي وزير چيو ته هو ايپنڪ جي نو منتخب چيئرمين ۽ عهديدارن کي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪري ٿو هن چيو ته هو پاڻ کي اڃا تائين ٽريڊ يونين ورڪر سمجهندو آهي ۽ انهي تي ڪڏهن به شرمندگي محسوس نه ڪئي. هن پنهنجي سياسي زندگي جي شروعات ٽريڊ يونين سان ڪئي، جيڪا سندس والد صاحب جي شهادت کان پوءِ ٿي. سعيد غني وڌيڪ چيو ته جڏهن هو پنهنجي آفيس ۾ ويٺو ڪندو هو ته دوستن کان اجازت وٺي پارٽي سياست لاءِ ڪجهه وقت مختص ڪيو ۽ آهستي آهستي يوسي چيئرمين بڻجي ويو پوءِ الله تعاليٰ جي مدد سان هو صوبائي وزير ۽ ڪراچي پارٽي جو صدر بڻايو هن چيو ته جڏهن به هو وزارت محنت سنڀالي ٿو ته سڀني آفيسرن کي واضح ڪندو آهي ته سندس پاليسي پرو ليبر ۽ پرو ورڪر آهي، ۽ هر مسئلي ۾ مزدور ۽ يونين جي حق ۾ فيصلو ڪيو ويندو. سعيد غني چيو ته سوشل سيڪيورٽي يا ورڪر ويلفيئر بورڊ جو قانون صرف انڊسٽريل ورڪرز تائين محدود آهي، ۽ گذريل دور ۾ ڪوشش ڪئي وئي ته سيلف ايمپلائيڊ، انفارمل ورڪرز ۽ ٻين کي به سوشل سيڪيورٽي ۾ شامل ڪيو وڃي. بينظير مزدور ڪارڊ شروع ڪيو ويو جيڪو صرف انڊسٽريل ورڪرز تائين محدود نه رهيو هن چيو ته هر مزدور کي ڪجهه نه ڪجهه ڪانٽريبيوشن ڪرڻ ضروري آهي، جيئن هو نظام ۾ پنهنجي مالڪي جو احساس رکي. سعيد غني چيو ته ماهوار 2000 روپيا ڪانٽريبيوشن سان، مزدور جي ٻارن کي مفت تعليم ۽ سڄي فيملي کي طبي سهولتون مهيا ڪنداسين. سعيد غني چيو ته ورڪر ويلفيئر بورڊ مان هائوسنگ ڪڍڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته 50 سالن ۾ صرف 10 هزار فليٽ ٺاهي سگهيا آهن ۽ اربين خرچ ٿيا اهو پيسو تعليم ۽ صحت تي لڳايو وڃي ته لکين مزدورن جي زندگي بهتر بڻجي سگهي ٿي. هن چيو ته ٽريڊ يونين جي موجوده انداز 50 کان 70 سالن پراڻي آهي، ۽ جيڪڏهن اهو برقرار رهيو ته ايندڙ 10 سالن ۾ صورتحال وڌيڪ خراب ٿي ويندي. اسان کي بدلجندڙ حالتن مطابق پاڻ کي تبديل ڪرڻو پوندو سعيد غني چيو ته ٽريڊ يونين جي قانون ۾ اجازت آهي، پر عام ماڻهو ان کي منفي نظر سان ڏسن ٿا، اهو سمجهندا آهن ته ٽريڊ يونين صرف سياست ڪري ٿي ۽ ادارو تباهه ڪري ٿي. هن چيو ته جيڪڏهن ادارو ترقي ڪري ٿو ته ان جو ڪريڊٽ مينجمينٽ کي وڃي ٿو ۽ جيڪڏهن تباهه ٿئي ٿو ته الزام ٽريڊ يونين تي لڳايو وڃي ٿو حقيقت اها آهي ته جيڪڏهن يونين ۾ ڪو ڪرپشن آهي ته اهو ڪريٽ مينجمينٽ جي ڪري آهي، نه ته يونين پاڻ ڪريٽ آهي. صوبائي وزير چيو ته گهٽ ۾ گهٽ اجرت جي عملداري لاءِ وسيلن جي ضرورت آهي، ۽ جيڪڏهن ڪا فئڪٽري اجرت نه ڏئي رهي آهي ته هو عملدرآمد ڪرائڻ لاءِ قدم کنيو آهي. هن چيو ته صحافي تنظيمون ۽ ٽريڊ يونينز سڀني لاءِ سندس دروازا کليل آهن، پر خرابيون ٽريڊ اندر پاڻ درست ڪرڻ ضروري آهن. سعيد غني چيو ته جيڪڏهن رستو صحيح آهي ته ايندڙ نسل لاءِ گهڻيون شيون بهتر ٿينديون. ۽ سنڌ حڪومت امڪاني قانونن تحت امپليمنٽيشن ڪميشن قائم ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌندي.

بقايا 30 ڪيس رپورٽ

ضلعي انتظاميه طرفان جاري بيان موجب ضلعي انتظاميه جي ٽيمن طرفان روزاني جي بنياد تي سخت نگراني سبب ڪيسن ۾ نمايان گهٽتائي برقرار آهي. ڊينگي جي روڪٿام واري آپريشن تحت 308 گهرن ۾ اسپري ۽ 813 حساس هنڌن تي فوگنگ آپريشن مڪمل ڪيو ضلعي انتظاميا طرفان گذريل ڏينهن مجموعي طور تي 28001 هنڌن جي تفصيلي جاچ مڪمل ڪئي وئي. گذريل 24 ڪلاڪن دوران سڄي شهر ۾ صرف 6 نوان ڪيس سامهون آيا آهن جن ۾ ٻهراڙي علائقن مان 5 ۽ شهري علائقن مان صرف هڪ ڪيس سامهون آيو آهي. اسلام آباد جي مختلف اسپتالن ۾ هاڻي تائين 17 مريض علاج هيٺ آهن، جڏهن ته ڪيترائي مڪمل صحتياب ٿي گهر وڃي چڪا آهن.

بقايا 31 فوت

بڊگام ضلعي ۾ چنچر ۽ آڇر جي وچ واري رات هڪ روڊ حادثي ۾ 4 ڄڻا فوت ۽ 5 زخمي ٿي پيا. ڪشمير ميڊيا سروس مطابق اهو واقعو ان وقت پيش آيو جڏهن ضلعي جي علائقي پالر ۾ هڪ ٽاٽا سومو هڪ ڊمپر سان ٽڪرائجي وئي. عملدارن ٻڌايو ته ٽاٽا سومو ۾ سوار سمورن زخمين کي ويجهي اسپتال ۾ منتقل ڪيو ويو.

بقايا 32 تعزيت جو اظهار

عراقي صدر عبداللطيف جمال راشد جي ڀاءُ جي وفات تي تعزيت جو اظهار ڪيو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق سعودي فرمانروا شاهه سلمان ۽ ولي عهد شهزاده محمد بن سلمان عراقي صدر عبداللطيف جمال راشد کي سندس ڀاءُ شمل جمال راشد جي وفات تي تعزيت جا پيغام موڪليا، پنهنجي پيغامن ۾ ٻنهي اڳواڻن عراقي صدر ۽ مرحوم جي پونئيرن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو.

بقايا 33 ڪرشنگ شروع

ٻڌايو آهي ته پنجاب جي 27 شوگر ملن ڪرشنگ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته ٻين 14 ملن کي اڄ چيڪ ڪري ڪارروائي شروع ڪنداسين. ڪين ڪمشنر پنجاب جو انهي حوالي سان چوڻ آهي ته اڄ کان ڪرشنگ شروع نه ڪندڙ شوگرملز جي خلاف ايڪشن پلان تيار آهي، ڪرشنگ شروع نه ڪندڙ شوگرملز کي 10 لک روپيه روزاني ڏنڊ لاڳو ڪيو ويندو ڪين ڪمشنر موجب ڪرشنگ سيزن ۾ مانيٽرنگ جي لاءِ ٽيمون جوڙيو ويون آهن، هارين کي وقت تي ڪمند جي ادائيگي به يقيني بنائينداسين جڏهن ته بازار ۾ نئين کنڊ جي سپلاءِ اچڻ سان قيمتون به گهٽ ٿينديون.

بقايا 34 ايران

ڪيريبين ۽ لاطيني آمريڪا ۾ آمريڪي فوجي سرگرمين ۾ اضافي جا سنگين ۽ غير مستحڪم نتيجا سامهون اچي سگهن ٿا، جيڪي عالمي امن کي متاثر ڪري سگهن ٿا. ترجمان وينزويلا جي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي جي احترام تي زور ڏيندي چيو ته آمريڪي قدم خطي جي حالتن کي وڌيڪ خراب ڪري سگهن ٿا. واضح رهي ته ٻه ڏينهن اڳ آمريڪا جي دفاع واري وزير پيٽ هيگسٿ "سدرن اسپيئر" نالي سان هڪ ڪائونٽر نارڪوٽڪس فوجي آپريشن جو اعلان ڪيو هو. اسماعيل بقائي موجب وينزويلا جي حڪومت خلاف آمريڪي طاقت جي استعمال جون ڌمڪيون کليل قانوني خلاف ورزي ۽ گڏيل قومن جي چارٽر جي ڀڃڪڙي آهن. ايراني ترجمان چيو ته آمريڪا اسمگلنگ جو بهانو ڪري وينزويلا جي خودمختياري تي حملو ڪري رهيو آهي. گڏيل قومن کي گهرجي ته ان کي اهڙن قدمن کان روڪي جيڪي عالمي امن کي نقصان پهچائڻ ۽ جارحاڻين هڪ طرفي پاليسين جي حوصلا افزائي ڪن ٿا.

بقايا 35 سردار اياز صادق

جي موقعي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ هن چيو ته اڄ جي دور ۾ هم آهنگي، بحث ۽ سهڪار کي هٿي وٺرائڻ لاءِ برداشت کي اختيار ڪرڻ وقت جي اهم ترين ضرورت آهي. اسپيڪر چيو ته اختلاف راءِ جو احترام ئي جمهوريت جو اصل حسن آهي ۽ ان ئي رويي ذريعي معاشرتي هم آهنگي ۽ سياسي استحڪام کي هٿي ڏئي سگهجي ٿي. هن چيو ته پارليامان ملڪ ۾ رواداري، برداشت، ڀائيچاري ۽ گڏيل احترام کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پرعزم آهي ۽ ان سلسلي ۾ سمورا قدم کنيا پيا وڃن. هن چيو ته نفرت، تعصب ۽ انتهاپسندي جو مقابلو ڪرڻ لاءِ سچي قوم جو متحد ٿيڻ اٽل آهي. حڪومت ۽ مخالف ڌر ٻنهي کي گهرجي ته ملڪ ۽ قوم جي وسيع مفاد ۾ ڳالهين، مشاورت ۽ تحمل تي ٻڌل روين کي هٿي وٺرائيندي سمورن مسئلن جو حل ڳالهين ذريعي ڳولهين. هن چيو ته نوجوان نسل ۾ برداشت، تحمل، هاڪاري سوچ ۽ گڏيل احترام کي هٿي ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي ته جيئن هڪ پرامن، مستحڪم ۽ ترقي يافته پاڪستان جو بنياد رکي سگهجي. سردار اياز صادق چيو ته اسلام امن، برداشت، ڀائيچاري ۽ انسانيت جي احترام جو درس ڏئي ٿو ۽ انهن ئي تعليمن تي عمل پيرا ٿي اسان معاشرتي انتشار، عدم برداشت ۽ شدت پسندي جهڙن روين تي ضابطو آڻي سگهون ٿا. هن اميد جو اظهار ڪيو ته ڀائيچاري، هم آهنگي ۽ گڏيل احترام کي هٿي وٺرائڻ سان هڪ مضبوط، خوشحال ۽ ترقي يافته پاڪستان طرف اڳڀرائي جاري رکنداسين.

بقايا 36 ويڊيو وائرل

چارلس ٽي پنهنجي 77هين سالگره غير روايتي انداز ۾ ملهائي جنهن جي هڪ ويڊيو ڪلپ پڻ وائرل ٿي آهي جنهن ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته بادشاهه ڏکڻ ويلز جي هڪ ميٽرو اسٽيشن تي جديد ٽرام ريل گاڏي هلائيندي نظر اچي رهيو آهي. ميڊيا رپورٽن موجب بادشاهه جو اهو قدم هڪ سرڪاري دوري جو حصو هو جنهن جو مقصد علائقي ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي نيٽ ورڪ کي اجاگر ڪرڻ هو لنڊن ۾ بادشاهه جي سالگره جي موقعي تي ڪيس سلامي پيش ڪرڻ لاءِ توپن جي سلامي پڻ ڏني وئي. ان موقعي تي بادشاهه هڪ نئين ريلوي اسٽيشن جو افتتاح پڻ ڪيو.

بقايا 37 ڪراچي پهچندو

وزيراعظم شهباز شريف سومر تي ڪراچي پهچندو دوري دوران هو ڪينٽ ريلوي اسٽيشن جي اپ گريڊ ۽ جديد سهولتن جو جائزو وٺندا. وزير ريلوي حنيف عباسي وزيراعظم کي اسٽيشن تي ريلوي پاران فراهم ڪيل جديد سهولتن بابت آگاهه ڪندو ريلوي اهلڪارن ڪينٽ اسٽيشن جي سجاوٽ ۽ تزئين لاءِ سڀ انتظامات مڪمل ڪري ڇڏيا آهن.

بقايا 38 مطالبو

سامهون احتجاج ڪيو جنهن دوران انهن وزيراعظم سانائي تاڪا ئچي کان فوري طور تي استعفيٰ ڏيڻ جو مطالبو ڪيو. ميڊيا رپورٽن موجب اٽڪل 100 مظاهرو ڪندڙن جي هٿن ۾ بينر هئا ۽ اهي نعرا لڳائي رهيا هئا، جن ۾ "تاڪا ئچي استعفيٰ ڏي" ۽ "جيڪو سفارتڪاري نه ٿو سنڀالي سگهي اهو وزيراعظم بڻجڻ جي قابل نه آهي" شامل هئا. مظاهرو ڪندڙن وزيراعظم جي تازي بيان تي شديد ڪاوڙ جو اظهار ڪيو آهي. 07 نومبر تي پارلياماني اجلاس ۾ تاڪائچي چيو هو ته جيڪڏهن تائيوان جي معاملي ۾ چين جي زمين فوجي جهازن ۽ طاقت لاءِ استعمال ڪئي وئي ته اها جاپان جي وجود لاءِ خطرناڪ صورتحال پيدا ڪري سگهجي ٿي. قانون موجب اهڙي صورتحال ۾ جاپان جي سيلف ڊفينس فورسز اجتماعي دفاع جي حق جو استعمال ڪري سگهي ٿي. بعد ۾ تاڪائچي اصرار ڪيو ته سندس بيان حڪومت جي پراڻي موقف موجب هو ۽ سندس پنهنجو بيان واپس وٺڻ جو ڪو به ارادو نه آهي.

بقايا 39 گهرو وزير

نقوي ۽ چوڌري سالڪ حسين لاهور ايئرپورٽ جو اوچتو دورو ڪيو ٻنهي وزيرن 2 ڪلاڪن تائين لاهور ايئرپورٽ تي موجود رهيا ۽ اميگريشن پراسيس جو مشاهدو ڪيو انهي موقعي تي گهرو وزير اميگريشن ڪائونٽرز تي رش ڏسي ناراضگي جو اظهار ڪيو ۽ پراسيس جلد اڪلائڻ جا حڪم جاري ڪيا. وفاقي وزيرن پرڏيهه ملڪن ڏانهن ويندڙ مسافرن سان ڳالهيون ڪيون. اميگريشن پراسيس بابت پڇيو وفاقي وزير سالڪ حسين سفري دستاويزات تي پروٽيڪٽر اسٽيڪرز چيڪ ڪيا. انهي دوران ڊرائيور جي نوڪري لاءِ پرڏيهه ويندڙ نوجوان کي ڊرائيونگ لائسنس نه هجڻ تي روڪيو ويو. جڏهن ته وفاقي وزير سالڪ حسين ڪاوڙ جو اظهار ڪندي انڪوائري جو حڪم ڏنو ۽ هدايت ڪئي ته پروٽيڪٽر جي تحت مسافرن جي لاڳاپيل نوڪرين جي دستاويزات جي تصديق ڪئي ويندي. رپورٽ موجب ايف آءِ اي اهلڪار جي مبينا ملي ڀڳت سبب پرڏيهه ويندڙ مسافرن کي اميگريشن ڪائونٽر تي روڪيو ويو ۽ آف لوڊ ڪيل مسافر کي نجي ڪمپني کي ادا ڪيل رقم واپس ڏيارڻ جو يقين ڏياريو ويو.

بقايا 40 ايوارڊ ڏنا ويا

پيڙهي ڏسي ٿي" جي عنوان سان سيشن کي سيد خليل شاهه، سورٺ سنڌو شازيا نظاماڻي، ڪبير ڀيل، ۽ حنيفا امير پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو هن سيشن جو ميزبان جنيد انصاري هو نوجوانن جو چوڻ هو ته عورتن جي شموليت کان سواءِ معاشرو بهتر ڪردار ادا نه ڪري سگهندو پاڪستان ٺاهڻ ۾ جن عورتن جو ڪردار اهم هو انهن جو ڪٿي ذڪر نه پيو ٿئي، سيشن اٽم کيتي ٿيج نوڪري، وڌندڙ واپار ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته اڄ جو دور هنر جو دور آهي گهٽ تعليم واري کي اڄ نوڪري نه ٿي ملي نوجوانن کي نوڪري پٺيان ڊوڙڻ بدران پنهنجي ڪاروبار لاءِ سوچڻ گهرجي، اسان هر سال 2400 ارب روپين جو کاڄرو تيل امپورٽ ڪئي ٿو، جڏهن مقامي طور اسان وٽ زميندار کاڄري تيل جو ٻج نه پوکيندا آهن، ڪراچي جي مارڪيٽ ۾ واپار جا تمام گهڻا موقعا آهن. سرنهن جي تيل جي برانڊنگ ڪرڻ گهرجي. سيشن ٻهراڙين جي نوجوانن جي قابليت ۽ دنيا ۾ ڪاميابي جا رستا،، جي موضوع تي محبوب علي شر ڳالهائيندي چيو ته اڄ ڊجيٽل مارڪيٽنگ جو زمانو آهي مان هڪ هاري جو پٽ آهيان مون پنهنجي صلاحيت آهر دنيا ۾ جڳهه ٺاهي آهي، ڳوٺ جي نوجوان لاءِ ڪاميابيءَ جا رستا موجود آهن، مون کي اڄ پرڏيهي ڪمپنين مان پنجاهه پنجاهه لک روپيا ايڊوانس موڪليو ويندا آهن ته انهن جي ڊجيٽل مارڪيٽنگ ڪئي وڃي. سيشن جلد ناڪام وڏي ڪاميابي ۾ وحيده مهيسر خطاب ڪندي چيو ته دنيا جا وڏا وڏا سائنس دان ڪيترائي ڀيرا ناڪام ٿيا پر هو مايوس نه ٿيا، ناڪام ٿي ٻيهر ڪامياب ٿيو آهي اسان کي ناڪامي ۽ بيروزگاري جي خوف مان نڪرڻو پوندو. سيشن ٻيلا ۽ جهنگلي جيوت بابت چيف ڪنزرويٽو جاويد مهر ڳالهائيندي چيو ته سمنڊ آڪسيجن جو سڀ کان وڏو ذريعو آهن، وڻ آڪسيجن جو ذريعو ناهن پر سمنڊ جڏهن به گندو ٿيندو ته آڪسيجن جذب ڪرڻ جي صلاحيت ختم ٿي ويندي آهي. سيشن خوف ۽ خواب جي وچ ۾ قابل نوجوان ۾ شاهه رخ نذير خطاب ڪندي چيو ته نوجوانن کي اڳتي وڌڻ لاءِ خوف مان نڪرڻو پوندو. سيشن سنڌ جي زراعت ۽ ان جو مستقبل ۾ ڪردار ۾ محمد ادريس ڪوسو الله ورايو رند، ڊاڪٽر ظهير الدين ڪيريو ۽ جميلا ناز خطاب ڪندي پنهنجي خيال جو اظهار ڪندي چيو ته سنڌ ۾ 14 هزار هارين ۾ هاري ڪارڊ ورهايا ويا آهن انهن جي اڪائونٽ ۾ چوڏهن چوڏهن هزار روپيا منتقل ڪيا ويا آهن. سنڌ لٽريچر فيسٽيول جو ٻيون ڏينهن. سنڌ جي ڏهه نوجوانن کي سفير سنڌ ايوارڊ ڏنو ويو. سنڌي فلم ٺاهيندڙ راحل اعجاز افشين ميمڻ رقص ۽ بابر منگي. سنڌو وادي گائو اميد ميراڻي. مظفر برهماڻي. آسرا عبدالغفور بلاول سولنگي. اسد ميمڻ. عاليا سومرو. شعيب پٽو کي ايم ڊي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن گهنور خان لغاري جي هٿان ايوارڊ ڏياريا ويا.

بقايا 41 سردار شاهه

شاعري قوم پرست به پڙهندا هئا پر حيدر آباد ۾ سنڌين جو قتل عام ڪرائي الطاف حسين به آڪاش انصاري جي شاعري جو ترجمو پڙهندو هئو آڪاش انصاري جي قتل جو واقعو سڄي سنڌ جي قومي ڪارڪن جو الميو آهي هن اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ لٽريچر فيسٽيول جي ٻئي ڏينهن ڊاڪٽر آڪاش انصاري بابت سيشن کي خطاب ڪندي ڪيو هن سيشن کي آڪاش انصاري جي ڌيءَ ميران آڪاش، فقير ذوالفقار علي به خطاب ڪيو سيشن جو ميزبان سيف سميجو هئو. سردار شاهه وڌيڪ چيو ته مون لاءِ اهو مشڪل هوندو آهي ته سڀ کان نفرت ڪندڙ ۽ سڀ کان محبت ڪندڙ ماڻهن تي ڳالهائي نه سگهندو آهيان. آڪاش انصاري کي پنهنجي مٽيءَ سان محبت هئي سندس شاعري موهن جو دڙو جو رقص آهي، هو هڪ مذهبي گهراڻي ۾ پيدا ٿيو مذهبي خطيب هو پر سندس سياسي استاد رسول بخش پليجو آهي، سندس پوري شاعري انسانيت ۽ مزاحمت جي شاعري آهي، مزاحمت سماج کي تبديل ڪرڻ لاءِ ٿيندي آهي، مزاحمتي ماڻهو مولوي واري جنت کان پهرين دوزخ جهڙي دنيا کي تبديل ڪرڻ چاهيندو آهي آڪاش جي امڙ شاهه لطيف جي حافظ هئي، هو هڪ موسيقار به هو پنهنجي شاعري جون ڌنون پاڻ ٺاهيندو هئو ون يونٽ کان بعد سنڌي شاعري ۾ وڏي ابار آئي ان ۾ شيخ اياز کان پوءِ آڪاش انصاري پنهنجي جڳهه ٺاهي.

بقايا 42 گهنور لغاري

خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جا سفير نوجوان اسان جو فخر آهن، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن انهن نوجوانن کي همٿائيندي ته اهي تعليم لاءِ اهڙو نمايان ڪم ڪن. فائونڊيشن انهن کي هن ڪم لاءِ ممڪن سهڪار ڪندي پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ جي عنوان هيٺ اچو ته هڪٻئي سان گڏجي سنڌ سنواريون.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
لطيف آباد جو دل ڏڪائيندڙ حادثو ۽ انتظامي غفلت!
صفحو 4

محمود شام
لڪ شابس هجي خيبرپختونخوا کي!
صفحو 4

ايڊووڪيٽ عبيدالله
آئيني ترميم: ججن جون استعيفائون ۽ وڪيلن جو احتجاج!
صفحو 4

عباس ناصر
27هين ترميم جا اثر!
صفحو 4

جاتي ۾ قبضا مافيا ڀيهر سرگرم،سرڪاري تعليمي اداري تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش

پراڻي گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول جاتي جي تاريخي گرائونڊ تي غير قانوني اڏاوت لاءِ ڪم شروع ڪيو ويو

والدين، شاگردن ۽ شهرين ۾ سخت ڳڻتي پيدا ٿي وئي،قبضا مافيا کي بااثر ڪامورن ۽ مخصوص ماڻهن جي پشت پناهي حاصل

قبضا مافيا بااثر ڪامورن ۽ مخصوص ماڻهن جي پشت پناهي سان سرڪاري اسڪول جي زمين تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي:شهري

اسڪول جو گرائونڊ نه رڳو شاگردن لاءِ راندين ۽ گڏيل سرگرمين جو اهم هنڌ آهي پر هن تي ڪو به قبضو مستقبل ۾ تعليمي ماحول کي سخت نقصان پهچائيندو

جاتي(ن ع)جاتي ۾ قبضا مافيا ڀيهر سرگرم ٿي وئي آهي هن ڀيري سرڪاري تعليمي اداري تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي پراڻي گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول جاتي جي تاريخي گرائونڊ تي غير قانوني اڏاوت لاءِ ڪم شروع ڪيو ويو آهي جنهن سبب والدين شاگردن ۽ شهرين ۾ سخت ڳڻتي پيدا ٿي وئي آهي مقامي ماڻهن موجب قبضا مافيا بااثر ڪامورن ۽ مخصوص ماڻهن جي پشت پناهي سان سرڪاري اسڪول جي زمين تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي جيڪا سنڌ سرڪار جي تعليم دوستي پاليسي ۽ قانون جي کليل ڀڃڪڙي آهي شهرين جو چوڻ آهي ته اسڪول جو گرائونڊ نه رڳو شاگردن لاءِ راندين ۽ گڏيل سرگرمين جو اهم هنڌ آهي پر هن تي ڪو به قبضو مستقبل ۾ تعليمي ماحول کي سخت نقصان پهچائيندو علائقي واسين ۽ سماجي تنظيمن اعليٰ اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ ڪم روڪڻ ۽ اسڪول جي گرائونڊ کي تحفظ ڏيڻ جو مطالبو ڪيو آهي

جاتي: سرڪاري اسڪول تي غير قانوني اڏاوت جو ڪم جاري آهي

هاءِ اسڪول نصيرآباد جي استادن جي مان ۾ 1995 بيچ پاران آجياڻو رکيو ويو

نصيرآباد(ن ع)گورنمينٽ بوائيز هاءِ اسڪول نصيرآباد جي استادن جي مان ۾ 1995 ڏهين پاس ڪلاس بيچ جو پروگرام ڪنوڙ سعيد احمد لوهار پنهنجي ڪلاس ميٽ پاران رٽائرڊ استادن نعمت الله ڪانڌڙن سلطان احمد پنهون علي نواز سومرو ۽ حاضر سروس علي اڪبر ڪانڌڙو جي مان ۾ آجياڻو رکيو ويو ۽ مانجهاندي جو بندوبست پڻ ڪيو ويو استادن کي اجرڪ پارايا ويا ۽ ڪيڪ ڪاٽيو ويو اڄ موقعي تي استادن ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو 19901995 ۽ 2000 علم ۽ تعليم جو وڏو دؤر هو توهان شاهد آهيون ته علم روشني جي لاٽ آهي اها لاٽ اوهان آهيون ۽ هي لاٽ جيڪا آهي ٻرندي رهي ٿي اسان کي گورنمنٽ سروس ملي ته وچن ۽ عهد ڪيوسين ته شاگردن کي پنهنجي اولاد سمجهي ۽ پنهنجي ٻارڙن جيان پڙهائينداسين علم وڏي طاقت آهي علم وڏو سرچشمو آهي علم قومن جي ترقي آهي ۽ علم قومن جو بنياد آهي

مورو شهر جي ٻانڊي روڊ تي دوڪان کي ڪاٽ،چور سامان کڻي فرار

مورو(ن ع)مورو شهر جي ٻانڊي روڊ تي جاويد علي ابڙو جي دوڪان جي ڇت کي نامعلوم چور ڪاٽ هڻي ٻيل سامان روڪ رقم چوري ڪري فرار ٿي ويا مورو ٿاڻي تي رپورٽ داخل متاثر جو چوڻ آهي ته رات دير سان نامعلوم چور دوڪان جي ڇت ٽپي دوڪان ۾ داخل ٿي سگريٽ، سوپاريون،بسڪيٽ جا پيڪيٽ،روڪ رقم تقريبن ڏيڍ لک رپين تائين چوري ٿي آهي،ملوث خلاف قانوني ڪارروائي ڪري چوري واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

ايمبولينس نه هئڻ سبب لاش رڪشا ۾ کڻي وڃڻ واري وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل

ڪروڙين روپيا بجيٽ رکندڙ روورل هيلٿ سينٽر دڙو ۾ علاج لاءِ آيل بيمار ناري فوت

22 سالن جي ناري جولان زال حسن ماڇي گذريل ڏينهن بيمار ٿي وئي،وارث ناري کي ڦٽي واري رڪشا ۾ روورل هيلٿ سينٽر کڻي آيا

ڊاڪٽر سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي،ايمبولينس نه هجڻ ڪري فوت ٿيل ناري جو مڙهه وارث ڦٽي واري رڪشا ۾ ئي واپس ڳوٺ کڻي ويا

گذريل ڏينهن ناري جولان سولنگي کي ڦٽي واري رڪشا ۾ دڙو اسپتال آندو ويو هو، پر هوءَ ڳوٺ ۾ ئي فوت ٿي وئي هئي:ڊاڪٽر ابراهيم ميمڻ

دڙو(ن ع)دڙي ويجهو ڳوٺ بچو ماڇي جي رهواسڻ 22 سالن جي ناري جولان زال حسن ماڇي گذريل ڏينهن بيماري سبب فوت ٿي وئي وارث ناري کي ڦٽي واري رڪشا ۾ روورل هيلٿ سينٽر دڙو کڻي آيا جتي ڊاڪٽر سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي، روورل هيلٿ سينٽر دڙو ۾ ايمبولينس گاڏي نه هجڻ ڪري فوت ٿيل ناري جو مڙهه سندس وارث ڦٽي واري رڪشا ۾ ئي واپس ڳوٺ کڻي ويا، وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي جنهن ۾ فوت ٿيل ناري جا پير چنگچي رڪشا ۾ لٽڪي رهيا آهن ان سلسلي ۾ روورل هيلٿ سينٽر دڙو جي ڊيوٽي تي موجود ڊاڪٽر ابراهيم ميمڻ رابطو ڪرڻ تي ميڊيا کي ٻڌايو ته گذريل ڏينهن ناري جولان سولنگي کي ڦٽي واري رڪشا ۾ دڙو اسپتال آندو ويو هو پر هوءَ ڳوٺ ۾ ئي فوت ٿي وئي هئي جنهن کان پوءِ سندس غريب وارث ڪيس واپس ڦٽي واري رڪشا ۾ ئي ڳوٺ کڻي ويا، جڏهن ته اسپتال ۾ گذريل ٻن سالن کان وٺي ايمبولينس گاڏي ميسرناهي، ياد رهي ته ڊي ايڇ او سجاول جي انتظام هيٺ سنڌ ريٽ هلندڙ دڙي جي سرڪاري اسپتال ۾ عوام کي صحت جي حوالي سان ڪا به سهولت ميسر ناهي ڪروڙين روپيا بجيٽ رکندڙ اسپتال ۾ 16 ڊاڪٽرن جي جڳهه تي فقط 5 ڊاڪٽر ڪم ڪري رهيا آهن جڏهن ته دڙو اسپتال کي مليل ايمبولينس گاڏي ڊي ايڇ او آفيس ٻاهران زنگجي رهي آهي

RURAL HEALTH CENTRE
DARRO
روورل هيلٿ سينٽر دڙو
ضلعي صحت کاتو (حڪومت سنڌ)
پاران: ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر سجاول
دڙو: روورل سينٽر ۾ فوت ٿي ويل ناري کي چنگچي رڪشا ۾ نيو پيو وڃي

شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي ۾ اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ سينيٽ جون چونڊون

چونڊن ۾ سپلا ڊيموڪريٽڪ پينل واضح اڪثريت سان ڪاميابي ماڻي ورتي

سڪرنڊ (س ر)سنڌ جي اهم علمي اداري شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي بينظير آباد ۾ اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ سينيٽ جون چونڊون جمهوري روايت موجب هن سال به پرامن ۽ منظم طريقي سان ٿي گذريون جنهن ۾ سپلا ڊيموڪريٽڪ پينل شاندار ڪاميابي ماڻي اليڪشن جيڪا هڪ ئي وقت ڇهن ضلعن بينظيرآباد ، سانگهڙ دادو ۽ نوشهروفيروز ۾ ٿي جنهن ۾ سپلا ڊيموڪريٽڪ پينل کي واضح اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ٿي جيڪا استادن پاران سندن اعتماد جو اظهار آهي جن اميدوارن ڪاميابي ماڻي انهن ۾ پروفيسر احمد خيام ، پروفيسر آفتاب ابڙو ، پروفيسر مس خديجه جمالي ، پروفيسر سيد منظور شاهه ، پروفيسر معمر قذافي عباسي ، پروفيسر غلام مصطفيٰ لاڪو شامل آهن ڪاميابي حاصل ڪرڻ بعد سپلا ڊيموڪريٽڪ پينل هن ڪاميابيءَ کي استادن جي اعتماد ۽ يقين جي فتح قرار ڏنو آهي ۽ اعلان ڪيو آهي ته هو يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ ۽ اداري جي بهتري لاءِ پنهنجو ڪم وڌيڪ ذميواريءَ سان جاري رکندا ان موقعي تي ڪامياب اميدوارن کي لنگين ، اجرڪن ۽ هارن جا تحفا پهرائي مبارڪون ڏنيون ويون

چمبڙ پرسان ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ زوردار ٽڪر،نوجوان فوت

ڳوٺ الهه بخش رند واسي 30 ورهين جو نوجوان امتياز رند فوت ٿي ويو

ڊرائيور موقعي تان فرار،ڪار پوليس تحويل ۾ وٺي ٿاڻي تي بيهاري ڇڏي

چمبڙ (ن ع)چمبڙ پرسان ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ زوردار ٽڪر نتيجي ۾ نوجوان فوت،چمبڙ کو ٽنڊوالهيار مين روڊ تي تيز رفتار موٽرسائيڪل ۽ ڪار وچ ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو نتيجي ۾ ڳوٺ الهه بخش رند واسي 30 ورهين جو نوجوان امتياز علي رند پٽ مير خان رند زخمن جا سور نه سهندي موقعي تي فوت ٿي ويو نوجوان جو لاش آر ايڇ سي چمبڙ آندو ويو جتان لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو نوجوان جو مڙهه گهر پهچڻ تي ماءُ کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا ۽ ڪهرام مچي ويو ٻئي پاسي پوليس موجب ڪار ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو جڏهن ته ڪار پوليس پنهنجي تحويل ۾ وٺي ٿاڻي تي بيهاري ڇڏي آهي

انصاري شوگر مل پرسان جاچين سان ڀريل سوزوڪي اونڌي ٿي وئي

نتيجي ۾ 2 ٻارن سميت 16 عورتون سخت زخمي ٿي پيون

بدين (د ر)انصاري شوگر مل پرسان زرداري روڊ تي شادي تي ويندڙ جاچين سان ڀريل تيز رفتار سوزوڪي گاڏي ٽائي راڊ ٽٽڻ سبب اونڌي ٿي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ 2 ٻارن سميت 16 عورتون سخت زخمي ٿي پيون حادثي جو اطلاع ملندي ئي ماتلي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي،جڏهن ته ايڌي رضاڪارن زخمين کي فوري طور تي تعلقي اسپتال ماتلي منتقل ڪيو اسپتال انتظاميا موجب، هڪ عورت جي حالت نازڪ هجڻ ڪري ڪيس سول اسپتال حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ٻين زخمي عورتن ۽ ٻارن کي ابتدائي طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي بدنصيب سوزوڪي ۾ سوار عورتون ۽ ٻار سنجر چانگ جي ڳوٺ رئيس لکي رند کان ماتلي ڏانهن هڪ تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ کان پوءِ واپس اچي رهيا هئا ته رستي ۾ حادثو پيش آيو افسوسناڪ حادثي کان پوءِ خوشي جو جلوس ڏک ۾ تبديل ٿي ويئي زخمين ۾ نگينه، فوزيه، فاضيلا، ندا، شهنيلا، ثوبيه، معظم، عليشا، معصوم، ياسمين، عابده، ندا ۽ ٻيون عورتون ۽ ٻار شامل آهن

سيوهڻ ۾ پوليس انسپيڪٽر جي زيادتين ۽ تشدد خلاف احتجاج

سيوهڻ(ن ع)اسٽيشن پاڙي سيوهڻ ۾ پاڻي جي لائين ٽوڙڻ کان منع ڪرڻ تي پوليس انسپيڪٽر هٿان مبينا زخمي ٿيل نارين پاران ڪالهه معصوم ٻارڙن سميت نيشنل پريس ڪلب سيوهڻ پهچي احتجاج ڪيو ويو آهي، متاثرا نارين پوليس انسپيڪٽر يونس پنهور جي ظلم ڏاڍائي ۽ ڪيس ۾ نامزد پوليس عملدار کي گرفتار نه ڪرڻ تي سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي متاثره ناري مسمات شبيران پنهور ۽ مسمات گل بانو پنهور ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو آهي ته ڄاڻايل بااثر پوليس عملدار ڏيڍ مهينو اڳ اسان جي گهر ۾ گهڙي سڌي فائرنگ ڪئي ۽ مٿي ۾ لوهي راڊ هڻي مٿو ڦاڙي ڇڏيو هو عدالتي حڪم تي ڄاڻايل انسپيڪٽر خلاف سيوهڻ ٿاڻي تي ايف آءِ آر پڻ داخل ٿي آهي پر پوليس ٻٽي پاڻي کي گرفتار نه ڪيو آهي، جوابدار اهلڪار ڪيس داخل ٿيڻ کان پوءِ منهنجي گهر مان 5 لکن جي چوري ڪرائي آهي ۽ موتمار ڌمڪيون ڏئي هراسان ڪري رهيو آهي ناري شبيران پنهور چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ سنڌ، آئي جي سنڌ ۽ ايس ايس پي ڄامشورو کان مطالبو ڪيو ته جوابدار انسپيڪٽر خلاف قانوني ڪارروائي ڪري کين تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

راڻيپور ۾ چيڪنگ دوران ڪار مان 10 ڪلو چرس هٿ ڪرڻ جي دعوا

ٽول پلازا وٽ چيڪنگ دوران ڪار مان اعليٰ ڪوالٽي جو 10 ڪلو چرس هٿ آيو

راڻيپور(ن ع)راڻيپور ٽول پلازه تي سي آئي اي پوليس خيرپور جي ڪارروائي چيڪنگ دوران ڪار مان 10 ڪلو چرس هٿ ڪرڻ جي دعوا ٻه ڄڻا ڪار سميت گرفتار راڻيپور ٿاڻي تي ڪيس داخل رپورٽ موجب: راڻي پور ٽول پلازه تي ڊي آءِ جي سکر فيصل عبدالله چاچڙ جي هدايتن تي ايس ايس پي خيرپور حسن سردار نيازي جي ٽيم سي آءِ اي انچارج ممتاز بروهي جي اڳواڻي ۾ منشيات خلاف وڏي ڪارروائي ڪئي وئي آهي خيرپور سي آءِ اي پوليس پاران راڻي پور ٽول پلازا وٽ چيڪنگ دوران هڪ اهم ڪارروائي ڪئي وئي آهي جنهن ۾ پوليس موجب پشاور کان ڪراچي ويندڙ هڪ ڪار کي شڪ جي بنياد تي روڪيو ويو جنهن جي تلاشي دوران گاڏي مان اعليٰ ڪوالٽي جو 10 ڪلو چرس هٿ آيو آهي جنهن بعد سي آءِ اي پوليس ڪار جي ڊرائيور سميت هڪ منشيات فروش کي گرفتار ڪري ورتو ابتدائي جاچ موجب ٻنهي جو تعلق منشيات جي اسمگلنگ واري نيٽ ورڪ سان هجڻ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي پوليس مطابق گرفتار ٿيل ٻنهي خلاف راڻي پور ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي ته جيئن منشيات جي هن ٽرانسپورٽنگ جي پويان موجود گروهه تائين پهچي سگهجي،جڏهن ته هٿ آيل گاڏي نمبر بي سي اين 359 ڊرائيور راحب الله پٺاڻ ۽ سندس گڏ انعام الحق خان پٺاڻ ٻڌايا پيا وڃن جيڪي پوليس تحويل ۾ آهن

نئون آباد ۾ ارڙي بيماري جي بچاءَ لاءِ وڪسين بابت آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو

نئون آباد(ن ع)سراوئيڪل ڪينسر ايليمينيشن ڊي جي حوالي سان نئون آباد ۾ 6 مهينن کان وٺي 5 سالن تائين ٻارڙن کي ارڙي بيماري جي بچاءَ لاءِ وڪسين ڪرائڻ واري 17 کان 29 نومبر تائين شروع ٿيندڙ جاڳرتا مهم جي سلسلي ۾ ضلعي انتظاميه ۽ صحت کاتي ۽ انڊس اسپتال نيٽ ورڪ ضلع سانگهڙ جي ڪوآرڊينيٽر نظر محمد مري ۽ سندس ٽيم طرفان گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول نئون آباد ۾ هڪ آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو جاڳرتا سيمينار ۾ ضلعي انتظاميه ۽ صحت کاتي تعليم کاتي سميت وڏي انگ ۾ ليڊي هيلٿ ورڪرز توڙي سجاڻ ڌرين شرڪت ڪئي انهي موقعي آيل مهمانن ۾ تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر محمد صديق قريشي ، انڊس اسپتال نيٽ ورڪ جي ڪوئيڊينيٽر نظر محمد مري ،پ پ ٽ الف جي محبوب خاصخيلي هائير سيڪنڊري اسڪول نئون آباد جي پرنسپل مولچند سوٿهڙ ، پي پي ايڇ آئي جي سٽينر ويڪسينيٽر نور محمد لغاري، محراب جوڻيجو،گرلز مڊل اسڪول جي مس آمنه شاهد بلوچ ۽ ٻين ڳالهيندي چيو ته والدين گهرجي ته سڀاڻ کان شروع ٿيندڙ ارڙي ۽ ٻين بيمارين جي بچاءَ لاءِ گهر گهر ٽڪن هڻڻ واري ٽيمن سان تعاون ڪن ۽ پنهنجي 6 سالن کان وٺي 5 سالن جي ٻارن کي حفاظتي ٽڪا لڳرائين ته جيئن ڪو به ٻار هنن خطرناڪ بيمارين ۾ مبتلا نه ٿئي


چمبڙ: ڪار ۽ موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويل نوجوان جو لاش

سنڌ ڌرتي اولياءَ الله جي ڌرتي آهي،جن هميشه امن اتحاد جو درس ڏنو آهي:نديم هاشمي

سوڀوديرو(ن ع)سنڌ ڌرتي اولياءَ الله جي ڌرتي آهي،جن هميشه امن ' اتحاد جو درس ڏنو آهي،سنڌ ڌرتي جي اڪثر درگاهن جي گادي ڌڻين ' مشائخن ' اتحاد بين المسلمين تي تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي ۽ سندن ڪوشش رهي آهي ته امت محمدي ۾ ڪي به ويڇا نه هجن ۽ مسلمان هڪٻئي سان جڙيل رهن ان عمل سان هر عالمي سامراج سان مقابلو ڪري سگهجن ٿا ' مسلمانن جو هڪٻئي سان جڙيل هجڻ اسلام جي مضبوطي جي ضمانت آهي ۽ هي وقت اسلام جي سڀني فرقن جي وچ ۾ ڀائيچاري رکڻ جو وقت آهي ' ان لاءِ اسان کي هڪٻئي جي طرف وڃڻو پوندو ' ملاقاتون ڪرڻيون پونديون ' عالمن سان ملاقاتون ڪري عام مسلمانن ۾ هڪ سٺو پيغام ڏيڻو پوندو ته اسان مسلمان هڪ آهيون ۽ هڪ رهنداسين ' هڪ امت آهيون ۽ خاتم النبيين صه تي ايمان رکندڙ آهيون ' توحيد اسان جو ڀرپور عقيدو آهي ان پروگرام ۽ عزم کي اڳتي وڌائيندي سنڌ جي مشهور درگاهن جي گادي نشينن جن جي اڳواڻي برصغير جي مشهور درگاهه مخدوم شهيد عبدالرحمان هاشمي ۽ مخدوم محمد اسماعيل پريالوءِ شريف جي گادي نشين مخدوم نديم احمد هاشمي جن اڳواڻي ڪري اهو پيغام کڻي عراق جي مقدس سرزمين جي زيارتن تي روانا ٿيل آهن

راڻيپور: چيڪنگ دوران هٿ آيل چرس ۽ گرفتار جوابدار

سنجهورو: پ پ ضلعي سانگهڙ جو اجلاس ٿي رهيو آهي

پ پ ضلعي سانگهڙ جو58 هين يوم تاسيس بابت اجلاس

اجلاس ضلعي ڪائونسل ۾جهانگير جوڻيجو جي صدارت ۾ٿي گذريو

ضلعي انفارميشن سيڪريٽري عمران ڏامرهه جي سربراهي ۾ ڪميٽي جوڙي وئي

شهيد ڀٽو سياست کي عام ماڻهن جي پهنچ تائين پهچايو: جهانگير جوڻيجو

سنجهورو (ٽ ر)پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاران پ پ پ جو 58هين يوم تاسيس ضلعي سطح تي ملهائڻ جي اعلان جي فيصلي جي پوئواري ڪندي پ پ پ ضلعي سانگهڙ جو اجلاس ضلعي ڪائونسل سانگهڙ ۾ پ پ پ ضلعي سانگهڙ جي جنرل سيڪريٽري جهانگير جوڻيجو جي صدارت ۾ ٿي گذريو اجلاس جو خاص مهمان پ پ پ شهيد بينظير آباد ڊويزن جو جنرل سيڪريٽري جاويد ناياب لغاري هو اجلاس ۾ پ پ پ ضلعي سانگهڙ جي انفارميشن سيڪريٽري عمران ڏامرهه ضلعي ڪائونسل سانگهڙ جي چيئرمين سيد رياض حسين شاهه خراساني ضلعي ڪائونسل جي وائيس چيئرمين نواب ڄام ظهيرعلي خان سيد سبطين علي شاهه بخاري علي محمد ڪوسو جاويد شورو سياف ضلعي سانگهڙ جي صدر خادم حسين خاصخيلي پ پ پ ڪلچرل ونگ ضلعي سانگهڙ جي صدر عبدالستار خاصخيلي راڻا راشد علي راجپوت راڻا حاجي انور راجپوت راشد مغل راجا آفتاب لغاري ذوالفقار علي زرداري سيد خير شاهه جيلاني گل محمد ڏاهري حاجي مبارڪ بروهي اصف علي رند علي گل رند ريحانه چانڊيو شيلا نوشاد بلوچ عابده بلوچ خيرالنساءِ پنهور غلام نبي زرداري امتياز حسن درس علي مراد دڙڪاڻي ياسر مري غلام حيدر پنهور ٻائي خان لغاري عثمان غني اختر نظاماڻي اختر زرداري سيد مريد شاهه من فاروق لغاري موهن داس خوشحال داس ڪي ٻه دڙڪاڻي راجا خير محمد لغاري ڄام عمران انڙ سائين بخش لغاري غلام رسول مگريو مير ابراهيم مري منصور پنهور باسط لانڊر شرڪت ڪئي اجلاس ۾ پ پ پ جو 30نومبر تي پ پ پ جو يوم تاسيس جو جلسو سانگهڙ شهر جيم خانو گرائونڊ تي ملهائڻ جو فيصلو ڪندي عوام جي شرڪت کي يقيني بنائڻ لاءِ تعلقي صدرن سڀني يونين ڪائونسل جي صدرن ضلعي ونگن جي صدرن تي ڪميٽي جوڙي وئي جيڪي ڪميٽيون يونين ڪائونسلن سطح تائين عوام جي شرڪت کي يقيني بڻائڻ لاءِ عوامي رابطه مهم هلائڻ سان گڏ هاري ڪارڊ شهيد بينظير ڀٽو هاري ڪارڊ جي تقسيم کي يقيني بڻائڻ ڏيهه سطح آگاهي مهم هلائينديون اجلاس ۾ يوم تاسيس جي جلسي کي ڪامياب ڪرائڻ اعجاز زرداري پ پ پ جي ضلعي انفارميشن سيڪريٽري عمران ڏامرهه جي سربراهي ۾ ڪميٽي جوڙي وئي اجلاس کي خطاب ڪندي جهانگير جوڻيجو جاويد ناياب لغاري عمران ڏامرهه سيد رياض شاهه خراساني ڄام ظهيرعلي خان اعجاز زرداري خادم حسين خاصخيلي چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جا هن ملڪ جي عوام تي لکين ڪروڙين احسان آهن جنهن پ پ پ جهڙي عوامي جمهوري پارٽي ناهي هن ملڪ جي عوام کي مڪمل حق ڏنا نه ته غريب مسڪين پورهيت طبقي جي مقدر جا فيصلا محلن ۾ ٿيندا هئا،شهيد ذوالفقار ڀٽو محلاتي سياست جو خاتمو آڻي سياست کي عام ماڻهن جي پهنچ تائين پهچايو اڄ هرسياسي پارٽي غريب جي عوام جي جي حقن ڳالهه ڪري رهي آهي اهو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي نظرئي جي وڏي ۾ وڏي فتح آهي

ٺري ميرواهه ۾ شاگرد سان زيادتي ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف مظاهرو

پوليس بااثر جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ سهولتڪار بڻيل آهي:والدين

جوابدارن وڏو ظلم ڪيو آهي،انصاف نه مليو ته پيٽرول هاري پاڻ ڏينداسين

ٺري ميرواهه(ن ع)ٺري ميرواهه شهر ۾ ستين ڪلاس جي معصوم شاگرد سان زيادتي ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف نينگر جي والدين جو احتجاجي مظاهرو . پوليس بااثر جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ سهولتڪار بڻيل آهي انصاف نه مليو ته پيٽرول هاري پاڻ ڏينداسين متاثره نينگر جي والدين جو چوڻ تفصيل موجب ٺري ميرواهه شهر جي نباهو شاهه محلي جي رهواسي ستين ڪلاس جي شاگرد 12 سالا نينگر عبدالرحمان پٽي کي مبينا طور جوابدارن پاران زيادتي نشانو بڻايو ويو هو ، جنهن جي وڊيوز پڻ سوشل ميڊيا تي وائرل ڪيون ويون هيون متاثره نينگر والد احسان احمد پٽي ۽ امڙ پٽ سان گڏ ٺري ميرواهه ۾ احتجاج ڪندي چيو آهي ته اسان محنت مزدوري ڪري پنهنجي ٻچن جو گذر سفر ڪندا آهيون پر بااثر جوابدارن اسان جي معصوم پٽ سان وڏو ظلم ڪيو آهي ٻن نامزد جوابدارن شاهزيب لغاري ۽ بلاول مانڌڻ خلاف ٺري ميرواهه ٿاڻي تي ڪيس داخل آهي پر پندرهن ڏينهن گذرڻ باوجود به بااثر هئڻ ڪري جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو ويو آهي ويتر جوابدار اسان کي ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ ڌمڪائي رهيا آهن پوليس جوابدارن جي سهولتڪار بڻيل آهي نينگر جي والد ۽ امڙ ، آءِ جي سنڌ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ايس ايس پي خيرپور ڪميشن پاس اي ايس آئيز ۾مقرري جا آرڊر ورهايا

اميدوارن ۾ اقليتي ڪوٽا مان 52 مرد، 14 عورتون ۽ 04 نوجوان شامل

اميد آهي ته توهان سنڌ پوليس جو هڪ باوقار حصو بڻجندا: حسن سردار نيازي

سوڀوديرو (ن ع)سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي سفارشن گهرو کاتي سنڌ، آءِ جي پي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي پي سکر رينج جي هدايتن موجب، سنڌ پوليس ۾ ڀرتي لاءِ خيرپور ضلعي جي 66 اميدوارن جي مقرري جا آرڊر جاري ڪيا ويا،ايس ايس پي خيرپور حسن سردار نيازي پنهنجي آفيس ۾ اميدوارن ۾ خط ورهايا، اميدوارن ۾ اقليتي ڪوٽا مان 52 مرد، 14 عورتون ۽ 04 نوجوان شامل آهن اميدوارن جي دستاويزن جي ضروري تصديق، پوليس جي تصديق ۽ طبي فٽنيس کان پوءِ انهن اميدوارن کي باقاعده مقرري جا خط جاري ڪيا ويا ايس ايس پي خيرپور حسن سردار نيازي حڪم حاصل ڪندڙن کي مخاطب ڪندي چيو ته "مون کي اميد آهي ته توهان سنڌ پوليس جو هڪ باوقار حصو بڻجندا. ماڻهن جي حفاظت ڪرڻ جان ۽ مال جي حفاظت ڪرڻ ۽ ماڻهن کي دهشتگردن کان پاڪ ڪرڻ آهي

نئون آباد: اسڪول ۾ آگاهي پروگرام ۾ شاگردن کي مڊل ڏنا پيا وڃن

جهانگارا شهر ۾ اقليتي ۽ واپاري برادري پاران شٽربند هڙتال،ريلي

پوليس ۽ روڊ ڪمپني جي ڏاڍائين ۽ فراڊ خلاف ڪمپني گيٽ آڏو ڌرڻو

ٺيڪيدار ڪمپني روڊ جي پراڻين پلين مان نڪرندڙ لوهه چوري ڪري رهي آهي:اڳواڻ

سيوهڻ(ن ع)سيوهڻ لڳ يوسي جهانگارا ۾ روڊ ڪمپني ۽ پوليس جي ڏاڍائين ۽ فراڊ خلاف ڪالهه جهانگارا ۾ اقليتي برادري جي سوين ماڻهن، واپارين ۽ ڳوٺاڻن ڪانٽي جي مالڪ ڪشور ڪمار جي اڳواڻي ۾ شٽر بند هڙتال ڪري جهانگارا باءِ پاس تي حاجي سعيد سنز اينڊ برادرز ڪمپني خلاف سخت احتجاج ڪيو ويو آهي، ان حوالي سان متاثرن ماڻهن جهانگارا شهر کان احتجاجي ريلي ڪڍي جهانگارا باءِ پاس روڊ تي ڪمپني جي مک گيٽ آڏو ڌرڻو هڻي ٿيل فراڊ ۽ ناانصافين خلاف سخت نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي اقليتي برادري جي ڪشور ڪمار نند لال صدام حسين ترڪ اشوڪ ڪمار پيرو مل ۽ مجاهد ترڪ احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي چيو ته اقليتي برادري جا پرامن ماڻهون سالن کان جهانگارا شهر ۾ پنهنجو ڪاروبار ڪري رهيا آهن جن جو جهانگارا جي باءِ پاس تي سنڌ ڪوهستان ڪمپيوٽرائيزڊ ڪانٽو آهي جتي روڊ ٺاهيندڙ نجي ڪمپني حاجي سعيد سنز اينڊ برادرز پاران سيوهڻ کان ڳوٺ ٻنڌي تائين روڊ جو تعميراتي ڪم ڪري رهي آهي ان دوران ٺيڪيدار ڪمپني روڊ جي پراڻين پلين مان نڪرندڙ لوهه چوري ڪري هتان کان ٻاهر منتقل ڪري رهي آهي، جڏهن اهو چوري ڪيل لوهه ڪٺي رات جي وقت ڪانٽي تي آندو ويو جتي ڪانٽي جا ملازم ننڊ ۾ ستل هئا ته ڄاڻايل ڪمپني جا ملازم ڪانٽي ۾ داخل ٿي بيٽري وارا لکين رپين وارا سيل ڪڍي ڪمپيوٽر کي هيڪ ڪري ۽ بعد ۾ ملازمن کي يرغمال ڪري ۽ ٻن گاڏين مان هڪ ڪارگو گاڏي کي 400 مڻ کان وڌيڪ وزن کي فراڊ ذريعي صرف 90 مڻ وزن ڄاڻايو ويو جڏهن ٻي گاڏي مزدا ۾ لوهه جو وزن ڪيو پئي ويو ته ملازمن سجاڳ ٿي کين پڪڙي ورتو ۽ ان بابت جهانگارا پوليس ٿاڻي تي فرياد داخل ڪرائڻ وياسين ته پوليس اسان جي رپورٽ داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جڏهن ته جهانگارا پوليس ايف آئي آر داخل ڪرڻ بجاءِ ڪمپني عملدارن سان ملي اسان کي ڌمڪائي هراسان ڪري رهي آهي، اسان جي ڪانٽي جو نقصان 40 کان 50 لک رپيا ٿيو آهي پر ڪير به اسان جي نقصان جو ازالو يا ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ، آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، ۽ ايس ايس پي ڄامشورو کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي ٿيل نقصان جو ازالو ڪري ڪمپني خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ سيوهڻ ڄامشورو روڊ بند ڪري سخت احتجاج ڪيو ويندو

ريلوي توسيعي منصوبي مان حيدرآباد بدين ريلوي سيڪشن خارج

لکن جي آبادي ۽ بدين ڪينٽ جا فوجي جوان ريلوي سفري سهوليت کان محروم

بدين حيدرآباد ريلوي سيڪشن 15 ڪروڙ جي لاڳت سان اپ گريڊ ڪري هلايو ويو هو

بدين (د ر)پاڪستان ريلوي اختيارين ملڪ ۾ 100 ارب روپين جي لاڳت سان 18 ريلوي برانچ لائينن جي اپ گريڊيشن جي منصوبي جي منظوري ڏني آهي جنهن ۾ 1905 ۾ انگريز جي دور ۾ تعمير ڪيل بدين تلهار ماتلي ٽنڊو محمد خان حيدرآباد ريلوي سيڪشن کي اپ گريڊ ڪرڻ واري عوامي مطالبي کي نظر انداز ڪري لکين ماڻهن جي مطالبي کي ردي جي ٽوڪري ۾ ڦٽو ڪيو ويو آهي بدين حيدرآباد ريلوي سيڪشن سنڌ جي ٽن ضلعن بدين ٽنڊو محمد خان حيدرآباد جي عوام کي سفري سهوليتون مهيا ڪري ٿو جنهن کي ڪي سبب ڄاڻائي گهڻي وقت کان بند ڪيو ويو آهي ڊاڪٽر فهميدا مرزا جي اسپيڪر قومي اسيمبلي واري دور ۾ بدين حيدرآباد ريلوي سيڪشن 15 ڪروڙ جي لاڳت سان اپ گريڊ ڪري هلايو ويو پر ڪجهه وقت ۾ مبينا طور تي ٽرانسپورٽرن ۽ ريلوي اختيارين جي ملي ڀڳت سان هن سيڪشن کي بند ڪيو ويو هو هن سلسلي ۾ بدين شهري اتحاد جي اڳواڻن طارق عزيز ميمڻ عاشق حسين خواجه تاجر الائنس جي اڳواڻن محمد حسن ميمڻ مختيار حسين خواجه صحافين کي ٻڌايو ته بدين حيدرآباد ريلوي سيڪشن جي بندش سبب بدين کان حيدرآباد ۽ ڪراچي ويندڙ واپارين ۽ ڪم ڪار سان ويندڙ شهرين کي ريلوي جي سفري سهوليتن کان محروم ڪيو ويو آهي جيڪو هن سيڪشن تي سفر ڪندڙ لکين ماڻهو ۽ بدين ڪينٽ جي هن ريلوي سيڪشن تي سفر ڪندڙ فوجي جوانن سان پڻ وڏي زيادتي آهي هنن صدر پاڪستان وزيراعظم فيلڊ مارشل ۽ وزيراعليٰ سنڌ ۽ ٻين کان مطالبو ڪيو آهي ته بدين حيدرآباد ريلوي سيڪشن کي اپ گريڊ ڪري هن ريلوي سيڪشن جي رهواسين کي ريلوي جي سفري سهوليت مهيا ڪري ڏيئي عوام مان مايوسي ۽ بي چيني کي ختم ڪيو وڃي

سنڌ جي ناليواري اديب ولي رام ولڀ جي ٻي ورسي تقريب،ولڀ سنڌي ادب جو اهم اثاثو قرار

ولي رام ولڀ سنڌي ٻولي کي دنيا جا شاهڪار ناول الفائي / ترجمو ڪري ڏنا آهن،سنڌي ادب ۾ مرزا قليچ بيگ کان پوءِ وڏي شخصيت آهي:ڊاڪٽر تهمينه مفتي

هن هٿ ۾ جهلي علم ادب جي جوت جاڳائي ۽ هن جي ترجمي ۽ تخليقي واري لازوال پورهئي جي دم قدم سان سنڌي ادب جي ساک برقرار آهي:تاج جويو

ولي رام ولڀ جهڙي اعليٰ پائي جي شخصيت اسان جي شهر مٺي جو فخر ۽ مان آهي،هن ڌرتي مٺي جو مان ڏيهه پرڏيهه ۾ وڌايو آهي:مهيش ڪمار ملاڻي

ولي رام ولڀ جا ترجما سنڌس روح جي ٻولي آهن،انهن جي حساسڪي ۽ ترجمي جو ادا ڪيل حق پڙهندڙن کي متوجه ڪرڻ ۾ سوڀارو ثابت ٿئي ٿو:پروفيسر منوج ڪمار

ولي رام ولڀ سنڌي ادب جو روشن مينار آهي جنهن جي جوت جي سائي مان اسان سڀ روشني ماڻيون ٿا: ڊاڪٽر سونو ڪنگهاراڻي

مٺي (ن ع)سنڌ جي نالي واري اديب ولي رام ولڀ جي ٻي ورسي جي مناسبت سان منعقد ڪيل تقريب ۾ سنڌ جي اديبن ليکڪن شاعرن سياسي سماجي اڳواڻن ناميارا اديب ولي رام ولڀ جي قلمي پورهئي کي سنڌي ادب جو اهم اثاثو قرار ڏيندي چيو آهي ته سندس ترجمي واري ڪم جو يوڳدان انتهائي گهڻ رخو ۽ گهڻ ٻوليائي تخليقن تي ٻڌل آهي . ٿرپريس ڪلب مٺي جي آڊيٽوريم ۾ وليرام ولڀ ادبي سوسائٽي ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ مٺي جي ميزباني ۾ ٿرپريس ڪلب جي سهڪار سان هيٺين يادگار ليڪچر واري پروگرام ۾ صدارتي ڪلمات ادا ڪندي سنڌ جي ناميارين ليکڪا ۽ محقق ڊاڪٽر تهمينه مفتي چيو ته ولي رام ولڀ سنڌي ٻولي کي دنيا جا شاهڪار ناول الفائي / ترجمو ڪري ڏنا آهن انهي جو مقام سنڌي ادب ۾ مرزا قليچ بيگ کان پوءِ وڏي ۾ وڏو سنڌي ويسڪاري تي ڪم ڪرڻ واري شخصيت جو جڙي ٿو . سنڌ جي نالي واري اديب شاعر ۽ نقاد تاج جويو چيو ته ولي رام ولڀ سچي چمار قلم کي هٿ ۾ جهلي علم ادب جي جوت جاڳائي ۽ هن جي ترجمي ۽ تخليق واري لازوال پورهئي جي دم قدم سان سنڌي ادب جي ساک برقرار آهي ناميارين ليکڪا امر سنڌو چيو ته ولي رام ولڀ عالمي لکڻين مان ترجمي لاءِ ترقي پسند سوچ وارين لکڻين کي اهميت ڏني ۽ اسان ڪجهي وهي ۾ ولي رام صاحب جا ناول پڙهي سماجي تحرڪ پٺي ۾ اڳڀرا ٿيا آهيون . قومي اسيمبلي جي ميمبر ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي چيو ته ولي رام ولڀ جهڙي اعليٰ پائي جي شخصيت اسان جي شهر مٺي جو فخر ۽ مان آهي . هن ڌرتي مٺيءَ جو مان ڏيهه پرڏيهه ۾ وڌايو آهي هن چيو ته مون سنڌ جي وڏي وزير کان مٺي جي مکيه روڊ کي سندس نالي سان منسوب ڪرايو آهي . نالي واري ليکڪ پروفيسر منوج ڪمار چيو ته ولي رام ولڀ جا ترجما سندس روح جي ٻولي آهن ۽ انهن جي حساسڪي ۽ ترجمي جو ادا ڪيل حق پڙهندڙن کي متوجه ڪرڻ ۾ سوڀارو ثابت ٿئي ٿو هن چيو ته ترجمو ٻن ثقافتن جو ميل هوندو آهي ۽ اهو اصل شهپاري کي جاگرافيائي حد بندين کان ٻاهر ڪڍي سنڌي ادب کي ايڏا ته عالمي شهپارا ترجمو ڪري ڏنا جو سنڌي ٻولي جو پاڙهڪ هن جا ٿورا لاهي ئي نه ٿو سگهي سماجي اڳواڻ ۽ پروفيسر واسواڻي پرشوتم ولي رام ولڀ کي اخلاقي اڏغ هار ڪوٺيندي چيو ته سندس شخصيت گڻن جو ڀنڊار هئي . سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر سونو ڪنگهاراڻي چيو ته ولي رام ولڀ سنڌي ادب جو روشن مينار آهي جنهن جي جوت جي سائي مان اسان سڀ روشني ماڻيون ٿا . صحافي ڪاڪاڻو جاني چيو ته ولي رام ولڀ سنڌي ادب جو نه رڳو اهم اثاثو آهي پر ولڀ جهڙن اديبن جي پورهئي مان اتساهه وٺي اسان پنهنجي ڪيتر ۾ پورهئي وسيلي پنهنجي سڃاڻپ ڏاهي . ولي رام ولڀ جي ننڍي نياڻي شاعره ۽ پروفيسر گوري ولڀ چيو ته بابا جي شخصيت ٻاجهه جي مورت هئي ۽ هن جي ڏنل تربيت اسان کي زندگي گذارڻ جا حقيقي ڏان ڏنا . ليکڪ اديب دليپ ڪوٺاري چيو ته ولي رام ولڀ پيڙهي رچوٽي جي فرق کان بي نياز هو هن هميشه نوجوانن کي اتساهيو ۽ دنيا جي بهترين هم اثر ادب کي وقت سر سنڌي ٻولي جي پاڙهڪن تائين پهچايو . ولي رام جي وڏي نياڻي ۽ نثري نظم جي مقبول شاعره پشپا ولڀ چيو ته بابا پنهنجي اولاد جي مثالي تربيت ڪئي ۽ هن جي ڏنل علمي ادبي لاڙي سبب ئي اسان ادب جي شعبي ۾ پنهنجي سڃاڻپ ڏاهي ۽ ٻولي سان وڏ ڦياسين . وليرام ولڀ جي سياٽر ڪمليش ولڀ چيو ته بابا جو وجود اسان لاءِ ٻڙ جي ڇانو مثل هو ۽ سندس آدرشن جي ڪري ئي اسان پنهنجي سڃاڻپ ڏاهي آهي ۽ ان جي روايتن کي ايندڙ پيڙهين تائين منتقل ڪرڻ لاءِ اسان پنهنجو فرض بخوبي نڀائينداسين لوڪ ادب جي لاڪيڻي محقق پارو امراڻي چيو ته تاريخ نويس سائين راڻچند راٺوڙ جي شخصيت مان اولين ادبي اتساهه ماڻيو ۽ تادم حيات پنهنجي استاد جي ڏنل ادبي لاڙي جو معترف رهيو مٺي ادبي سنگت جي سيڪريٽري نصير ڪنڀر ولي رام ولڀ جي طبع زاد ڪهاڻين کي هلندڙ وقت جي ڪهاڻي ۾ نئون چال قرار ڏنو . تقريب کي ڊاڪٽر راڌا پرياڻي ، شنڪر ساگر، ڪملا پونم ، ۽ ولي رام ولڀ جي ترجمن تي ڊاڪٽريٽ ڪندڙ ڏکيه ڪالير خطاب ڪيو، جڏهن ته ڪارروائي مشهور يورالاجسٽ ۽ ليکڪ ڊاڪٽر مرلي لال هلائي . جڏهن ته تقريب جي شروعات ناٿي واري راڳي ڪريم فقير پٺاڻي جي وائي سان ڪئي ان موقعي تي ولي رام ولڀ جي شخصيت ۽ سموري عمر جي علمي ادبي ڪم تي دستاويزي فلم پڻ ڏيکاري وئي جڏهن ته راڳ رنگ جي محفل ۾ جاويد مريد فقير ۽ ڪريم فقير سرن جي ورکا ڪئي

مٺي: ناليواري اديب ولي رام ولڀ جي ٻي ورسي جي موقعي تي مهمان اسٽيج تي ويٺل آهن

باڊهه شهر کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ تعلقہ موومينٽ پاران 330 هين هفتي ۾ احتجاجي ريلي

تعلقہ موومينٽ جي ڊپٽي ڪنوينر جي اڳواڻيءَ ۾ نڪتل احتجاجي ريلي ۾ مختلف مڪتبہ فڪر سان واٻسته شخصيتن سميت شهرين شرڪت ڪئي

باڊهه کي تعلقي جو درجو ملڻ شهرين جو جمهوري، آئيني ۽ بنيادي حق آهي، جيڪو ڪير به ڦٻائي نه ٿو سگهي:زيب علي سارپو

اسان پنهنجي بنيادي حق باڊهه تعلقي لاءِ ستن سالن کان روڊن تي ويٺل آهيون، پر اسان جا حڪمران اسان جي مطالبي کي نظرانداز ڪري رهيا آهن

باڊهه (ن ع)باڊهه تعلقہ موومينٽ پاران شهر کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ 330 هين هفتي ۾ باڊهه ميڊيا هائوس کان ٽائون هال تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو باڊهه تعلقہ موومينٽ جي ڊپٽي ڪنوينر زيب علي سارپو جي اڳواڻيءَ ۾ نڪتل احتجاجي ريلي ۾ مختلف مڪتبہ فڪر سان واٻسته شخصيتن علي انور عسڪري، ڪامريڊ محمد علي خشڪ، اصغر نوناري، مولا بخش ڦليوٽو، حاجي معشوق علي بروهي، فدا حسين ٿيٻو، مرتضيٰ گوپانگ، محمد امين سيال، فرقان بروهي، سراج بروهي، غلام حسين بروهي، اڪرم بروهي، تنوير بروهي، طلعت بروهي، زاهد پٺاڻ، امير علي منگي، فقير جلال سارپو، علي زهري، وقار سنڌي ۽ فهد ميراڻي سميت شهرين شرڪت ڪري باڊهه کي تعلقي جو درجو نه ملڻ خلاف زوردار نعريبازي ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته باڊهه کي تعلقي جو درجو ملڻ شهرين جو جمهوري، آئيني ۽ بنيادي حق آهي، جيڪو ڪير به ڦٻائي نه ٿو سگهي هنن چيو ته پيپلز پارٽي حڪومت هميشه باڊهه واسين کي نظرانداز ڪيو آهي، باڊهه جي پيٽ ۾ پرپاسي ۾ موجود شهر جن کي تعلقي جو درجو مليل آهي اهي آبادي توڙي ايراضي جي لحاظ کان باڊهه کان ڪافي ننڍا آهن هنن چيو ته دنيا جي سڌريل ملڪن ۾ جڏهن ڪو هڪ ماڻهو روڊ تي نڪري پنهنجي حق جي لاءِ احتجاج ڪندو آهي ته حڪومت فوري طور ان جو نوٽيس وٺي مسئلي جي جانچ ڪري کيس بنيادي حق ڏيندي آهي اسان باڊهه واسي پنهنجي بنيادي حق باڊهه تعلقي لاءِ ستن سالن کان روڊن تي ويٺل آهيون، پر اسان جا حڪمران اسان جي مطالبي کي نظرانداز ڪري رهيا آهن جنهن ڪري شهرين ۾ سخت غصي جي لهر ڦهليل آهي هنن گهر ڪئي ته باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏئي شهرين ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

سڪرنڊ جي مياڻ محلي ۾ انڊس پبلڪ سوشل فورم جي اهم گڏجاڻي،تنظيمي يونٽ قائم

سڪرنڊ (س ر)سماج ۾ بهتري آڻڻ ۽ عوام کي پنهنجن حقن جي حاصلات لاءِ شعور ڏيڻ لاءِ قائم سماجي تنظيم انڊس پبلڪ سوشل فورم جي اهم گڏجاڻي سڪرنڊ جي مياڻ محلي ۾ رکي وئي جتي تنظيمي صورتحال جو جائزو وٺڻ بعد مياڻ ۾ تنظيمي يونٽ قائم ڪيو ويو جنهن ۾ صلاح مشورن بعد هيٺيان عهديدار مقرر ڪيا ويا جن ۾ صدر عبدالرشيد ملاح ، سٽينئر نائب صدر محمد صفر عرف پوڙهو ملاح ، نائب صدر عطاالله ملاح ، نائب صدر ڪو زاهد لاشاري ، جنرل سيڪريٽري ريحان علي ملاح ، جوائنٽ سيڪريٽري عاشق ملاح ، انفارميشن سيڪريٽري رياض ملاح ۽ آفيس سيڪريٽري محمد عمر ملاح شامل آهن مقرري جي اعلان بعد ڪيترن مبارڪون ڏنيون ويون ان موقعي تي نون عهديدارن ڳالهائيندي چيو ته جنهن اعتماد سان اسان کي تنظيمي ذميواري ڏني وئي آهي ان شاءَ الله ڪوشش ڪنداسين ته سندن اعتماد تي پورو لهون ۽ تنظيمي يونٽ کي سگهارو ڪيون ان موقعي تي انڊس پبلڪ سوشل فورم سٽي سڪرنڊ جا عهديدار پڻ موجود هئا جن ۾ مجيد عباسي ، محمدالدين مغل ، ايڊووڪيٽ نويد علي سومرو ، شاهنواز ماڇوٺو ، آفتاب علي ڪيريو ، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ ڪيريو ، محمد هاشم ڪيريو ، سڪندر علي سولنگي ۽ منصور عباسي شامل هئا گڏجاڻيءَ ۾ انڊس پبلڪ سوشل فورم جي سرپرست اعليٰ سردار عبدالستار ڪيريو جي صحتيابي لاءِ دعا پڻ گهري وئي

WE WANT BADAH AS TALUKA
باڊهه تعلقو
WE WANT BADAH AS TALUKA
باڊهه تعلقي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو
باڈه تحصیل کا نوٹیفکیشن جاری کرو
BADAH TALUKA MOVEMENT
باڊهه: شهر کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

راڌڻ ۾ ايم ايل-2 تي بند پيل ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو

راڌڻ (ن ع)راڌڻ ريلوي اسٽيشن پليٽ فارم تي سماجي ڪارڪن صحافي حسين بخش بروهي معشوق علي سولنگي مظهر علي پنڊ هادي بخش جانوري جي اڳواڻي ۾ ڪوٽڙي سيوهڻ دادو راڌڻ لاڙڪاڻو حبيب ڪوٽ ريلوي سيڪشن (ايم ايل-2) تي بند پيل ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين جو چوڻ هو ته حبيب ڪوٽ کان سيوهڻ تائين ٽريڪ جي مرمت نه ٿيڻ سبب ٽرينن جي آمدورفت سخت متاثر ٿي آهي روزانو هلندڙ گاڏيون 8 کان 10 ڪلاڪ دير سان پهچن ٿيون جيڪا مسافرن لاءِ سخت تڪليف جو سبب بڻجي ٿي هنن الزام هنيو ته لاهور ۾ ويٺل متعصب ريلوي آفيسر خاص طور تي سنڌ دشمن پاليسي تحت ٽرينن جي سروس خراب ڪري رهيا آهن ته جيئن روڊ ٽرانسپورٽرن کي فائدو ملي جڏهن ته ايم ايل 1 تي روز نيون ٽرينون هلائي پنجاب واسين کي نوازي رهيا آهن پر ايم ايل ايي 2 تي هلندڙ گاڏيون بند ڪرڻ ويون آهن احتجاج ڪندڙن ٻڌايو ته خوشحال خان خٽڪ ۽ بولان ميل جهڙين گاڏين جا صرف ريڪ (ڊبا) ايم ايل 2 تي هڪ طرف کان هلن ٿا جنهن ڪري اهي ٽرينون ڪيترن ئي ڏينهن تائين بند رهن ٿيون جنهن ڪري مسافرن کي نه صرف پريشاني ٿي ٿي پر اڻڄاڻائي رهي ٿي ته ڪڏهن ٽرين ايندي ان ڪري ٽرين جي خبر نه پوڻ ڪري هو ٽرين ۾ سفر نٿا ڪري سگهن ان لاءِ انهيءَ ٽرينن جا 3 ٽريڪ هلايا وڃن جهڙي روزانو ٽرينون اپ ڊائون ۾ هلن جڏهن ته ايم ايل ٽو جي لائين ڪمزور ۽ ناقص آهي جنهن ڪري مسافر ٽرين سست رفتار سان هلڻ ڪري مسافر بسن ڪوچن ۽ ڊومن ۾ سفر ڪرڻ کي ترجيح ڏين ٿا ان ڪري حبيب ڪوٽ کان سيوهڻ تائين نئين مضبوط لائين پٿري وڃائي وڃي

سڪرنڊ: انڊس پبلڪ سوشل فورم جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ٻانڌي ۾ ٺهندڙ آر او فلٽر پلانٽ معاملي تان ڳوٺاڻن وچ ۾ جهيڙو

عورتن واٽر سپلائي پلانٽ جي تعمير ٿيندڙ ديوار ڪرائي پٽ ڪري ڇڏي

ٻانڌي (ن ع)ٻانڌي ڳوٺ يار محمد جمالي ۾ 2ڪروڙ جي لاڳت سان ٺهندڙ آر او فلٽر پلانٽ معاملي تان ڳوٺاڻن وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو عورتن پاران واٽر سپلائي پلانٽ جي تعمير ٿيندڙ ديوار ڪرائي پٽ ڪري ڇڏي عورتن جون پوليس سان ڇڪريون ٿي پيون جنهن بعد ايس ايڇ او ٻانڌي سٽي ٿاڻي جي پوليس طلب ڪري ورتي جڏهن ته جهيڙو ٿيڻ جو اطلاع ملڻ شرط ڊي ايس پي دوڙ حبيب الرحمان لاشاري وڏي نفري سان گڏ ڳوٺ يار محمد جمالي پهتو جتي امن امان جي صورتحال جائزو پڻ ورتو ڊي ايس پي دوڙ صحافين کي ٻڌايو ته آر او فلٽر پلانٽ تان مولا بخش جمالي ڌر ۽ شاهنواز جمالي ڌر ۾ فلٽر پلانٽ لڳائڻ واري جاءِ تي تڪرار هلندڙ هو جڏهن اسان کي ڊي سي نوابشاهه جو حڪم هو ته فلٽر پلانٽ جو ڪم جاري رکيو وڃي ۽ اسانکي حڪم ڪيو ويو ته اريگيشن آفيسرن ۽ واٽر فلٽر پلانٽ جي تعميراتي ڪم ڪندڙن مزدورن ۽ مستريڻ کي سيڪيورٽي فراهم ڪئي وڃي پر اڄ مولابخش جمالي ڌر جي عورتن ۽ مردن اچانڪ واٽر پلانٽ جي ديوار ڪرائي پٽ ڪري ڇڏي آهي جن ب قانون هٿ ۾ کنيو آهي انهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

وائٽل گروپ جي سي اي او ميان غلام مجتبيٰ گهوٽڪي جو دورو ڪيو

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي ملڪ جي ناميارين سماجي شخصيت ۽ وائٽل گروپ جي سي اي او ميان غلام مجتبيٰ گذريل ڏينهن گهوٽڪي جو دورو ڪيو جتي هن پاڪستان مسلم ليگ (ن) سنڌ جي نائب صدر چوڌري حبيب الله آرائين سان ملاقات ڪئي چوڌري حبيب الله آرائين طرفان ميان غلام مجتبيٰ جي اعزاز ۾ چانهه پارٽي جو پڻ اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ سياسي، سماجي ۽ معاشي معاملن بابت تفصيلي خيالن جو اظهار ڪيو ويو ميان غلام مجتبيٰ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان جي معيشت درست رخ ۾ اڳتي وڌي رهي آهي ۽ وائٽل گروپ ملڪ جي اقتصادي مضبوطي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي هن اميد ظاهر ڪئي ته جلد اهو وقت ايندو جڏهن پاڪستان ترقي جي نئين سنگ ميلن کي ڇهندو هن وڌيڪ چيو ته وائٽل گروپ هن وقت دنيا جي 60 کان وڌيڪ ملڪن ۾ پاڪستان جو نالو روشن ڪري رهيو آهي، جيڪو ملڪ جي وقار.

سيتارجا ۾ ٽرانسپورٽر پاران ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ خلاف احتجاج

سيتارجا(ن ع)سيتارجا جي ٽرانسپورٽر بخش علي پليجو سيتارجا پريس ڪلب پهچي بااثرن پاران مليل موتمار ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جهڙيون ڌمڪيون ڏيڻ خلاف احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته مون پنهنجي هائي ايس وين/ڊوم نمبر - JF 5281 ڪراچي جي هڪ مهاجر کي 9 سال اڳ 30 لک روپين ۾ وڪرو ڪئي هئي، جنهن مونکي 5 لک روپيا ايڊوانس طور رقم ڏني ۽ گاڏي چورائي ڪري اڳتي وڪرو ڪري ڇڏي، مون گهڻي ڪوشش بعد هن وٽ پهچي پنهنجي بقايا رقم جي تقاضا ڪئي ته هن رقم ادا ڪرڻ بدران مون مٿان پستول رکي هراسان ڪري موٽائي ڇڏيو جنهن بعد مون ڪيترائي سال گاڏي جي ڳولا ڪئي ۽ 9 سالن بعد 2 مهينا اڳ نوابشاهه مان هڪ اعوانڻ وٽان گاڏي هٿ ڪري ڪاهي آيس پنهنجي گهر بيهاري ڇڏي آهي هينئر ڪجهه بااثر ماڻهون مون کي مسلسل هراسان ڪرڻ سبب منهنجي ۽ منهنجي گهر وارن جي زندگي مفلوج بڻجي وئي آهي، هن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي سکر، ايس ايس پي خيرپور ۽ ايس ايڇ او هنگورجا کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري معاملي جو نوٽيس وٺي مون ۽ منهنجي گهر ڀاتين کي قانوني تحفظ فراهم ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي

سيتارجا: ٽرانسپورٽر ڪيس ۾ ڦاسائڻ جي ڌمڪين خلاف احتجاج ڪندي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائدہ تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

سومر 17 نومبر 2025ع

لطيف آباد جو دل ڏڪائيندڙ حادثو ۽ انتظامي غفلت!

لطيف آباد نمبر 10 جي بجاءِ بند تي قائم غيرقانوني آتش بازي ۽ ڦٽاڪن جي فئڪٽريءَ ۾ لڳل باهه، ان جا لڳاتار ڌماڪا، عمارت جو ڊهي پوڻ ۽ انساني جانين جو زيان؛ هي رڳو هڪ اتفاقي حادثو نه پر انتظامي نظام جي سنگين ناڪامين جو تمام وڏو ثبوت آهي. هن حادثي ۾ 6 نوجوانن جي جان وڃڻ عورت سميت 10 کان وڌيڪ ماڻهن جو زخمي ٿيڻ ۽ ڪيترن جو عمارت هيٺ دٻجي وڃڻ اهو سڀ ڪجهه هڪ اهڙي بيحسيءَ جي علامت آهي جنهن جو زور اڄ هر شهر ۽ هر ڳوٺ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن واقعي جا منظر هر باشعور شهريءَ کي ڌوڏي وجهن ٿا. ڌماڪيدار مواد سان ڀريل عمارت ساڍي چار وڳي ڌماڪي سان ڦاٽي پئي، ڀرپاسي جا گهر ڌڏي ويا، شيشا ٽٽي پيا، ٻار ڊڄي وڃي گهرن کان ٻاهر نڪري آيا ۽ ماڻهو بنا ڪنهن سيڪيورٽي انتظام جي پنهنجي مدد پاڻ تحت مٽي هٽائڻ لڳا. جڏهن رياستي ادارا دير سان پهتا ۽ ايمبولينسون نه ملڻ تہ زخمين ۽ لاشن کي پوليس موبائل ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو. ڇا هي اسان جي شهري نظام جو معيار آهي؟ ڇا انسان جي جان ايتري سستي ٿي چڪي آهي؟ اسان کي انهيءَ سوال کان به منهن نه موڙڻ گهرجي ته آخر آتش بازي، بم ۽ ڦٽاڪا ٺاهڻ جهڙي خطري واري سرگرمي شهر جي وچ ۾، هڪ آباديءَ جي ويجهو ڪنهن جي مرضي يا بيخبريءَ سان هلندي رهي؟ هيءَ فئڪٽري ڪيتري عرصي کان ڪم ڪري رهي هئي؟ ان جو مالڪ ڪير هو؟ ضلعي انتظاميا، پوليس، مڪاني حڪومت ۽ لاڳاپيل لائسنسنگ ادارا ڪيڏانهن ويا هئا؟ ڇا انهن کي خبر نه هئي يا خبر هوندي به اکيون بند ڪيون ويون؟

لطيف آباد جي حادثي مان جيڪو سبق ملي ٿو سو هي آهي ته غيرقانوني فئڪٽرين، گودامن، اسٽورن ۽ گنجان آباديءَ ۾ خطري واري ڪاروبار تي ضلعي انتظاميا ڪنٽرول مڪمل طور تي وڃائي چڪيو آهي. لڳي ٿو ته ڪو ادارو سنجيده نه آهي، جڏهن به اهڙو حادثو ٿئي ٿو ته رينجرز پوليس، بم ڊسپوزل اسڪواڊ، فائر بريگيڊ ۽ ريسڪيو 1122 کي طلب ڪيو وڃي ٿو. پر جڏهن انهن جي ضرورت اصل وقت ۾ هجي، يعني اهڙي نوعيت جي فئڪٽرين جي سروي، پابندي، چڪاس يا بندش وقت ته سڀ ادارا خاموش هوندا آهن. هي حادثو اهو سوال به اڀاري ٿو ته عوام جي حفاظت لاءِ ٺاهيل قانون صرف ڪاغذن تائين محدود ڇو آهن؟ آتش بازيءَ جو سامان يا ڌماڪيدار شيون ٺاهڻ لاءِ لائسنس نه رڳو ضروري آهن پر سخت نگراني به لازمي آهي. پر لطيف آباد ۾ جيڪا فئڪٽري ڪم ڪري رهي هئي، اها مڪمل طور غيرقانوني هئي. ان جي موجودگيءَ سان هر ڏينهن ماڻهو موت جي ويجهو رهندا هئا. پر ڪو ادارو نه جاڳيو ڇا اسان جو نظام هڪ وڏو حادثو ٿيڻ کان پوءِ ئي حرڪت ۾ اچي ٿو؟ ساڳئي وقت، حادثي کان پوءِ عوام جو پاڻمرادو امدادي ڪارروائين ۾ ٽپو ڏيڻ سنڌ جي سماجي ڪردار ۽ انسان دوستيءَ جو ثبوت ضرور آهي. پر اهو پڻ رياستي مشينريءَ جي ڪمزوريءَ جو اظهار آهي. ايمبولينس نه هجڻ ڪري زخمين کي پوليس موبائل ۾ کڻڻ، پهرين طبي مدد ۾ دير، اسپتالن ۾ ايمرجنسي لڳائڻ ۽ ڊپٽي ڪمشنر، ميئر ۽ ٻين عملدارن جو حادثي کان پوءِ پهچڻ- هي سڀ ڪجهه انتظاميا جي ناڪاميءَ جو نقشو پيش ڪن ٿا.

هيءَ وقت هاءِ الرٽ ۽ مڪمل احتساب جو آهي. هن حادثي جي جاچ شفاف، کليل ۽ بنا دٻاءَ جي ٿيڻ گهرجي. فئڪٽريءَ جو مالڪ، ذميوار ڪامورا، لاپرواهي ڪندڙ پوليس اهلڪار ۽ هر اهو شخص جنهن جي سُستي سبب هي حادثو ٿيو انهن خلاف سخت ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. معاملن کي غفلت، سفارش يا سياسي دٻاءَ هيٺ دفن ڪرڻ اهو ظلم جي ٻيهر ورجاءَ جو دروازو کولڻ برابر آهي. لطيف آباد جو حادثو اسان لاءِ هڪ آخري وارننگ هجڻ گهرجي. جيڪڏهن اڄ به ضلعي انتظاميا سنجيدگيءَ سان قدم نه کنيا، ته سڀاڻي وڌيڪ وڏا حادثا ٿيندا ۽ وڌيڪ زندگيون ختم ٿينديون. انساني جان ڪنهن به غيرقانوني ڪم کان وڌيڪ قيمتي آهي- پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اسان جي نظام ۾ ان جي قيمت روز گهٽجي رهي آهي.

برطانوي مئگزين ۽ بشرا بي بيءَ وارو مامرو!



غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان جي سياست ۾ ڪيترين ئي حڪومتن جا اهڙا دور پڻ گذريا آهن، جن ۾ ڪردار، فيصلا ۽ پٺيان لڪيل قوتون عوام جي ڌيان جو مرڪز بڻجي وڃن آهن پر پي ٽي آءِ حڪومت وارو عرصو خاص طور تي هڪ عجيب بحث جو ڪارڻ رهيو، جنهن ۾ نه فقط رياستي پاليسين، سياسي حڪمت عملين ۽ حڪومتي استحڪام جا سوال اڀريا پر ان سان گڏ عمران خان جي گهريلو زندگي، خاص ڪري سندس گهرواري به بحث جو موضوع رهي، برطانوي ميگزين The Economist ۾ شايع ٿيل هڪ تفصيلي ۽ تڪراري رپورٽ ان بحث کي وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ۾ دعويٰ ڪئي وئي آهي ته پي ٽي آءِ حڪومت ۾ ان وقت جي وزيراعظم عمران خان ڪيترن ئي اهم فيصلن ۾ پنهنجن سياسي مشيرن کان وڌيڪ پنهنجي گهرواريءَ جي هدايتن تي ڀروسو ڪندو هو ۽ ڪيترائي اهم سرڪاري قدم به اهڙن مشورن جي بنياد تي کنيا هئا. رپورٽ موجب ڪيترن ئي حڪومتي معاملن، تقررين، پاليسين ۽ وزيراعظم هائوس جي ماحول ۾ اهڙو اثر موجود هو جيڪو روايتي سياسي انداز کان وڌيڪ روحاني رنگ رڱيل لڳندو هو. ميگزين موجب عمران خان پنهنجي شاديءَ کان اڳ ئي روحاني ڳولا ۾ هو، جنهن ۾ هن جي گهرواري هڪ وڏي اهميت رکندڙ شخصيت طور سامهون آئي ۽ شاديءَ کان پوءِ سندن اثر وڌيڪ گهٽ وڌ نه رهيو پر وڌندو ويو. رپورٽ ۾ اها دعويٰ به ڪئي وئي آهي ته عمران خان جي روزمره سياسي زندگيءَ ۾ پنهنجي گهرواريءَ جا مشورا انتهائي اهم سمجهيا ويندا هئا ۽ قومي پاليسين کان وٺي پارٽيءَ جي ڪيترن ئي معاملن تائين هوءَ هڪ خاص روحاني رهنمائيءَ جو ذريعو تصور ڪئي ويندي هئي.

پي ٽي آءِ جي حڪومت دوران ان وقت جي مخالف ڌر ڪيترائي ڀيرا عمران خان تي اهو الزام لڳايو ته ملڪ جي اهم فيصلن ۾ ڪا سياسي مشاورتي اجلاس نه ٿي رهي آهي ان الزام کي ٽوڙڻ لاءِ يا ته حڪومت کان ڪو واضح ترديد نه آئي يا وري اهڙا بيان ڏنا ويا، جن سان قياس آرائيون وڌيڪ هٿي وٺڻ لڳيون. قابليت جي بنياد تي ٿيندڙ تقررين، پاليسي سازيءَ جي شفافيت ۽ رياستي ادارن جي وچ ۾ هم آهنگيءَ جي صورتحال تي جڏهن سوال اڀرڻ شروع ٿيا ته تڏهن مخالف ڌر ان صورتحال کي عمران خان جي گهرواريءَ جي "روحاني اثر" سان ڳنڍي وڌيڪ شدت سان پيش ڪندي رهي.

رپورٽ ۾ اهو پڻ لکيل آهي ته ڪجهه حڪومتي ۽ سياسي حلقا بشرا بي بيءَ کي رڳو روحاني رهنمائي ڪندڙ نه پر وزيراعظم جي فيصلن ۾ حصيدار قوت طور ڏسندا هئا. ڪي اهڙا مثال به ڏنا ويا، جن ۾ مبينا طور وزيراعظم جو جهاز ڪنهن سفر تي تڏهن اڏاميو جڏهن هن جي گهرواري ان لاءِ مناسب وقت جو اشارو ڏنو. رپورٽ مطابق وزيراعظم هائوس اندر ڪڏهن ڪڏهن اهڙو ماحول محسوس ٿيندو هو جيڪو روايتي سياسي قيادت کان هٽي ڪري ڪنهن غيرمعمولي حڪمت عمليءَ جو پتو ڏيندو هو.

پر ان سڀني ڪمن جي باوجود اها حقيقت آهي ته هن قسم جا الزام ۽ رپورٽون ڪنهن به ملڪ جي سياسي ماحول ۾ تڏهن هٿي وٺن ٿيون، جڏهن حڪمران ۽ سندس گهريلو خاندان بابت شفافيت گهٽ هجي يا فيصلا ان حد تائين غيرمتوقع ٿين جو عوام ۽ تجزيہ نگار سندن اصل سبب کي سمجهي نه سگهن. پاڪستان جهڙي ملڪ ۾، جتي مذهب، روايتون ۽ روحاني شخصيتن جو اثر هميشہ سماج ۾ موجود رهيو آهي، اهڙي بحث کي مڪمل طور رد ڪرڻ يا قبول ڪرڻ ٻنهي ۾ مسئلا موجود آهن عمران خان پاڻ ڪيترا ئي ڀيرا اهو چئي چڪو آهي ته هو روحانياتي طور گهڻو سادو ۽ متوازن ماڻهو آهي ۽ هن جي گهرواريءَ کي روحاني اعتبار سان پنهنجي زندگيءَ جو اهم حصو سمجهي ٿو پر هن ڪڏهن به اهو تسليم ناهي ڪيو ته رياستي فيصلا به ان جي مشوري جي بنياد تي ٿيندا هئا. ٻئي طرف سندس مخالفن جو موقف آهي ته جيڪڏهن اهي فيصلا اهڙن بنيادن تي ٿيندا هئا ته پوءِ اهو ملڪ جي حڪومتي ڍانچي ۾ غيرمعمولي مداخلت آهي.

پي ٽي آءِ حڪومت دوران فوج سان لاڳاپا، پارٽيءَ جي اندروني اختلافن بي اعتمادي رٿ، حڪومت جي ڪمزور حڪمت عملي ۽ پاليسين جي کوٽ جا جيڪي نتيجا سامهون آيا، انهن کي ڪجهه تجزيہ نگارن خان جي گهرواريءَ جي مبينا اثر سان ڳنڍيو آهي، جڏهن ته ڪجهه وري چون ٿا ته اهي سڀ سياسي ۽ انتظامي نااهليءَ جا نتيجا هئا ۽ انهن ۾ روحاني اثرن يا جادو ٽوڻي جي ڪا به حقيقت يا اثرانداز ٿيڻ شامل ناهي.

ملڪ جي سياست ۾ خان جي گهرواريءَ جي موجودگي هڪ نئون باب آهي، ڇاڪاڻ ته ان کان اڳ ڪنهن به وزيراعظم جي زال بابت اهڙو وڏو عوامي بحث پيدا ناهي ٿيو جيڪڏهن هن کي سياسي فيصلا متاثر ڪرڻ ۾ ڪردار حاصل هو ته پوءِ اهو پاڪستان جي سياسي تاريخ جو هڪ نئون ۽ تڪراري باب آهي جيڪڏهن نه هو ته پوءِ به سياسي مخالفن کي اهڙي الزام جي ذريعي عوامي راءِ تبديل ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ ان جو اثر پي ٽي آءِ حڪومت جي مقبوليت تي پئجي رهيو آهي.

پر هتي هڪ سوال آهي ته ڇا سياست واقعي روحاني قوتن جي اثر هيٺ اچي سگهي ٿي؟ رياست، سياست يا حڪومتي فيصلو ڪرڻ جو عمل مڪمل طور ثابت قدمي قانوني ضابطن، تجربي، شفافيت ۽ عقلي حڪمت عمليءَ تي ٻڌل هجڻ گهرجي روحانيت انسان جي زندگيءَ جو هڪ ذاتي حصو ٿي سگهي ٿو پر رياستي پاليسين ۽ قومي فيصلا ڪرڻ نه هلندا آهن، نه هلڻ گهرجن ۽ نه ئي ڪنهن جديد رياست ۾ انهن کي قبول ڪيو وڃي ٿو.

ٻئي طرف پي ٽي آءِ پنهنجي موقف ۾ هن سڄي سياسي ۽ قانوني صورتحال کي هڪ منظم سازش قرار ڏئي رهي آهي، جنهن ۾ پارٽيءَ جو خيال آهي ته عمران خان ۽ هن جي ويجهن ساٿين کي سياسي ميدان مان ٻاهر رکڻ لاءِ رياستي سطح تي قدم کنيا پيا وڃن. پي ٽي آءِ جو موقف آهي ته اها ڪنهن به قسم جي آئيني ترميم يا سياسي فيصلي جي مخالفت نه ٿي ڪري پر اعتراض صرف ان ڳالهه تي آهي ته ملڪ جي بنيادي شعبي کي بنا مشاورت ۽ بنا اتفاق جي ڪمزور نه ڪيو پيو وڃي. عمران خان جي گهرواريءَ، پي ٽي آءِ حڪومت بابت اهو پراسرار بحث ۽ برطانوي ميگزين ۾ شايع ٿيل رپورٽ جهڙيون دعوائون سياست ۽ روحانيت جي حدن کي واضح ڪرڻ کان وڌيڪ، ملڪ جي سياست جي پيچيده حقيقتن کي اجاگر ڪن ٿيون.

لڪ شاباس هجي خيبر پختونخوا کي!



محمود شام

پاڪستان جون صبحون پهرين اذانن جي گونج سان جاڳن ٿيون، پوءِ ايندڙ نسل ٿيلها کڻي پنهنجي اسڪولن ڏانهن مرڪندا روانا ٿين ٿا. ڪيترن شهرن ۾ مون سج کي چڙهندي ڏٺو آهي- اُميد جا لمحا، اڳتي وڌڻ جو پيغام.

پر اڄڪلهه ملڪ ۾ ايترو انتشار ۽ خلفشار آهي جو ميڊيا ته اهو ٻڌائي ٿي ته ڪير ڪيترا سال پنهنجي عهدن تي رهندو پر اهو ڪو نٿو ٻڌائي ته غربت جي لڪير هيٺ رهندڙ ڪيترو سيڪڙو ماڻهو ڪيتري مُدت ۾ ان مٿان گذرندا؟ ڊالر ٻيهر 60 روپين تي ڪڏهن ايندو؟ نوجوانن جي بي روزگاري ڪهڙي سال ختم ٿيندي؟ ريڪوڊڪ مان سُون ڪيتري مُدت ۾ باقاعدي برآمد ٿيڻ شروع ٿيندو؟ ڪڻڪ، چانورن، ڪمند، ڪڻڪ جي في ايڪڙ پيداواري صلاحيت ٻيڻي ڪڏهن ٿيندي؟ تعليم ۽ صحت جا قومي انگ اکر مطلوبہ معيار تائين ڪڏهن پهچندا؟

وڪيل، صحافي، اسيمبليءَ جا ميمبر شايد دل ۾ سوچيندا ضرور هوندا ته هي سخت جان قوم ڪيئن زندگيءَ جي گاڏي کي ڇِڪي رهي آهي. سياسي اڳواڻ جڏهن اوطاقن ۽ آفيسن ڏانهن ويندا هوندا ته ڪڏهن ان فڪر ۾ ته ضرور هوندا ته 80 گز، 120 گز ۽ 240 گز جي گهرن ۾ رهندڙ ماڻهو ڏينهن ڪيئن گذارين ٿا؟ رات جو اونده انهن تي ڪيئن حملي آور ٿئي ٿي؟ غربت جي لڪير هيٺ رهندڙ ماڻهو ٻارن لاءِ ڪيس اسڪول فيس ۽ بزرگن جي دوائن جو بندوبست ڪيئن ڪندا آهن؟

مون لاءِ هر صبح هڪ نئين اميد کڻي ايندي آهي. مسجد جو مؤذن موٽر سائيڪل تي پنهنجي ٻارن کي اسڪول ڇڏڻ لاءِ نڪري ٿو. قاري صاحب جون ڌيئرون ٿيلها ناهي سنجيدگيءَ سان موٽر سائيڪل تي ويهنديون آهن. اسڪول ويندڙ وڏيون وينون پارڪ اڳيان بيٺل ملن ٿيون. ڪنهن يونيورسٽيءَ جي وڏي بس نوجوانن کي منزل ڏانهن کڻي رواني آهي. کير وارو موٽر سائيڪل تي محلي وارن ۾ توانائي ورهائي ٿو. سوزوڪي ڊبل روٽيءَ جا بنڊل کڻي گذري ٿي. ريڙهيون حليم، برياني، چاٽ کڻي ميلن جو سفر طئي ڪري پنهنجي جاءِ تي پهچن ٿيون. فوڊ پانڊا وارا ٻڍا ۽ جوان، آرڊر کڻي گهر ڳولڻ ۾ رُڌل.

مون اهڙيون اميد ڀريون صبحون سنڌ جي ريگستانن ۾، بلوچستان جي پري پري شهرن ۾، ڪي پي ڪي جي سرسبز وادين ۾، پنجاب جي ميداني علائقن ۾، آزاد ڪشمير جي سرسبز بلنديءَ تي ڏٺيون آهن. گلگت بلتستان ۾ اهڙي تصوير ڏسڻ جي اڃا به آرزو آهي. 25 ڪروڙ ماڻهن مان اڪثريت هر تڪليف جي باوجود پنهنجي مستقبل کان مايوس ناهي. سندن منهن تي ڏک آهن، پر دلين ۾ آسرو زنده آهي. اهي ئي ماڻهو پوليس، رينجرز ۽ ٻين ادارن جي هر دٻاءَ جو سڀ کان وڌيڪ بار کڻندا آهن. ٿاڻا، حوالات، جيل، سرڪاري اسپتالون- هر هنڌ سڀ کان وڌيڪ تعداد انهن ئي جو آهي. پر ان هوندي به اهي پنهنجي وطن جي ترقي چاهين ٿا. غربت ۽ تنگدستي هوندي به پنهنجي ٻارن کي پڙهائي سٺو شهري بڻائڻ چاهين ٿا. انڊس اسپتال، سٽيزن فائونڊيشن جهڙا ادارا انهن لاءِ تعليم ۽ صحت جا در کولي رهيا آهن.

سينيٽ، قومي ۽ صوبائي اسيمبليون، بلدياتي ادارا- لکين ڪروڙين رپيا ان لاءِ خرچ ڪيا وڃن ٿا ته اهي ادارا عام ماڻهوءَ جي زندگي آسان ڪن. جيڪي نمائندا چونڊجي اچن ٿا، انهن جو فرض آهي ته پنهنجي علائقي ۾ رستا ٺاهين. روزگار جا موقعا پيدا ڪن. ماڻهن جون مشڪلاتون گهٽائن.

ڏاڍن سالن بعد اربع تي اهڙو منظر ڏسڻ ۾ آيو جنهن لاءِ اسان جون اکيون ترسجي ويون هيون. پشاور ۾ خيبر پختونخوا اسيمبليءَ ۾ هڪ غير رسمي اجلاس، جنهن کي 'امن جرگ' جو نالو ڏنو ويو آهي، جاري هو. پشتون ته صدين کان جرگي ۾ گڏجي پنهنجا فيصلا ڪندا آيا آهن. حيرت ۽ خوشي ٿي ته گورنر به موجود، اپوزيشن ليڊر، اڳوڻا وزيراعظم، اڳوڻا گورنر ۽ پي ٽي آءِ سميت مخالف پارٽيون سيئي سنجيدگيءَ سان امن لاءِ تجويزون ڏئي رهيون هيون. نه طنز نه شڪايت- صرف امن جو عزم.

تجويزون لکجي ويون. سيئي دستخط ڪيا. ان وقت جڏهن ٻيا ادارا ملڪ کي تقسيم ۾ وجهي رهيا آهن، ان وقت ڪي پي ۾ سيئي پارٽيون گڏ ويٺيون آهن. جڏهن قومي اسيمبليءَ ۾ 27هين ترميم پاس ٿي رهي هئي ۽ پي ٽي آءِ بائيڪاٽ ڪري رهي هئي، تڏهن ڪي پي ۾ پي ٽي آءِ جي سڏ تي سيئي سياسي جماعتون گڏ ويٺيون هيون.

مون ته سدائين خواهش ڪئي آهي ته 23 مارچ تي سڀ سياسي جماعتن جا سربراهه مينار پاڪستان تي گڏ ٿين. 14 آگسٽ تي قومي اسيمبليءَ جي عمارت اڳيان صدر، وزيراعظم، اپوزيشن ليڊر، چيف جسٽس، آرمي چيف، سيئي قومي ترانو گڏجي پڙهن ته جيئن قوم کي 1940 ۽ 1947 جا پيغام نئين سر ملي سگهن.

اربع 12 نومبر جي هن گڏجاڻيءَ ثابت ڪيو ته ڪي پي جا اڳواڻ پنهنجي ماڻهن کان جدا نه آهن. انهن جو درد رکن ٿا. سوال اهو آهي ته ڇا سنڌ، پنجاب، بلوچستان، آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جا وڏا وزير به ڪڏهن پنهنجي اسيمبلين ۾ اهڙو اتحاد ڏيکاريندا؟

خيبر پختونخوا اسيمبليءَ ۾ هڪ غير رسمي اجلاس، جنهن کي 'امن جرگ' جو نالو ڏنو ويو آهي، جاري هو. پشتون ته صدين کان جرگي ۾ گڏجي پنهنجا فيصلا ڪندا آيا آهن حيرت ۽ خوشي ٿي ته گورنر به موجود، اپوزيشن ليڊر، اڳوڻا وزيراعظم، اڳوڻا گورنر ۽ پي ٽي آءِ سميت مخالف پارٽيون سيئي سنجيدگيءَ سان امن لاءِ تجويزون ڏئي رهيون هيون. نه طنز نه شڪايت. صرف امن جو عزم. تجويزون لکجي ويون سيئي دستخط ڪيا. ان وقت جڏهن ٻيا ادارا ملڪ کي تقسيم ۾ وجهي رهيا آهن ان وقت ڪي پي ۾ سيئي پارٽيون گڏ ويٺيون آهن. جڏهن قومي اسيمبليءَ ۾ 27هين ترميم پاس ٿي رهي هئي ۽ پي ٽي آءِ بائيڪاٽ ڪري رهي هئي تڏهن ڪي پي ۾ پي ٽي آءِ جي سڏ تي سيئي سياسي جماعتون گڏ ويٺيون هيون.

آئيني ترميم: ججن جون استعيفائون ۽ وڪيلن جو احتجاج!



ايڊووڪيٽ عبيدالله چڃڙ

اڃان ملڪ مان 26هين آئيني ترميم پيڪا ۽ ارسا ايڪٽ جو رينگٽ بند ٿي نه ٿيو آهي ته وقت جي رفتار سان نه رڳو مخالف ڌر جون پارٽيون پر ملڪ جي وڪيلن جا ڪوٺايل ڪنوينشن ۽ احتجاج جاري هئا ته مٿان وري 27هين آئيني ترميم آڻي ملڪ اندر اڃان وڌيڪ ٻرڙڪ مچائي وئي آهي نئين ترميم لاڳو ٿيڻ کان پوءِ جيتوڻيڪ وفاقي آئيني عدالت سان گڏوگڏ آرمي چيف کي ڇُوٽ ڏيڻ توڙي ڪورٽ ساريون ٻيون تبديليون اچڻ بعد ملڪ جي عدالتي نظام کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ واري فيصلي کان پوءِ هڪ طرف مقرر نوان معزز جج حلف کڻي رهيا آهن ته وري ٻئي پاسي سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جا سينيئر ۽ معزز جج پنهنجون استعيفائون ڏئي هن آيل نئين ترميم کي رد ڪن ٿا. اهڙي طور اچوڪن ڏينهن ۾ جيتوڻيڪ مخالف ڌر جي مختلف سياسي پارٽين جو جيڪو ردِعمل اچڻو هو سو ته سامهون نظر نه اچي رهيو آهي، باقي ملڪ جي وڪيل برادريءَ پاران آيل 27هين ترميم کي نه رڳو ڪارو قانون پر ڪنهن به صورت ۾ قبولڻ کان انڪار ڪندي ملڪگير تحريڪ هلائڻ جا سانباها ڪيا پيا وڃن.

هتي ملڪ جي چئني صوبن جي پيٽ ۾ سنڌ جا وڪيل 27هين ترميم پاس ٿيڻ کانپوءِ گذريل ڇهن ڏينهن کان سراپا احتجاج بڻجي چڪا آهن، جتي سڄي سنڌ اندر عدالتي ڪارونهوار مسلسل ٺپ ٿي چڪو آهي. سنڌ جي مختلف وڏين وڏين بارن اندر وڪيلن جا احتجاجي ڪنوينشن ٿي رهيا آهن. حيدرآباد جي تاريخي ڪنوينشن کانپوءِ ڪراچي ۽ سکر سميت مختلف وڏين بارن اندر هزارين وڪيل گڏ ٿي 27هين آئيني ترميم خلاف هن وقت سراپا احتجاج بڻيل آهن. اهڙي ڪيفيت کانپوءِ ملڪ اندر هڪ وڏو عدالتي خال ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. هزارين ڪيس رولڙي جو شڪار ٿيڻ کانپوءِ سائلين بي يارو مددگار نظر اچي رهيا آهن.

27هين آئيني ترميم کانپوءِ جيتوڻيڪ شايد تاريخ ۾ اِهو به پهريون ڀيرو ٻڌو توڙي ڏٺو آهي جو عدالتِ عظميٰ جا معزز جج پنهنجين نوڪرين تان احتجاجن استعيفائون ڏيندي نظر اچي رهيا آهن؛ جسٽس منصور علي شاهه، جسٽس اطهر من الله ۽ ٻين معزز ججز طرفان استعيفائون ڏنيون ويون آهن. انهن پاران مؤقف ڏنو ويو آهي ته 27هين آئيني ترميم کانپوءِ آئيني عدالت سياسي مفادن لاءِ ٺاهي وئي آهي، جمهوريت جي روح کي ڪاري ضرب لڳائي معزز سپريم ڪورٽ کي حڪومت جي ماتحت ڪيو ويو آهي. ساڳئي وقت سپريم ڪورٽ جي هڪ ٻئي جج وفاقي آئيني عدالت جون ذميواريون سنڀالڻ کان معذرت ڪري ڇڏي آهي. اهڙي ريت هن وقت سڄي ملڪ اندر تاريخي بدتر جهڙيون حالتون درپيش آهن. جيتوڻيڪ 2024ع ۾ ٿيل عام چونڊن کانپوءِ هن وقت حڪومت کي ڏيڍ سال ٿي چڪو آهي. جتي نه رڳو وفاقي حڪومت پنهنجي ڪابينا ۾ وزارتون ورهائي ڪاميابي ماڻي آهي پر صوبائي حڪومتن جو حال به ساڳيو ٻڌايو پيو وڃي جو هڪ ئي پارليامينٽرين وٽ ٻه کان چار کاتا موجود هجڻ بعد بس قانوني خانہ پوري ڪرڻ لاءِ ميمبرشپ جوڙي وئي آهي، جيڪي حقيقي عوامي اُمنگن خاطر ڪم ڪرڻ بجاءِ وفاقي توڙي صوبائي حڪومتن ڏيڍ سال جي عرصي گذرڻ کانپوءِ رڳو عوام دشمن فيصلا مڙهي سڄي ملڪ کي منجهائي مشڪلاتن ۾ ڦاسايو ويو آهي.

اتحادي پارٽين سان ٺهندڙ نواز ليگي حڪومت جي اهم اڳواڻن اليڪشن کان پهريان ته عوام کي ڏاڍا خواب پئي ڏيکاريا پر مخالف ڌر جي احتجاجي ڌمڪين بعد خوف وچان اڄ جيڪي عوام دشمنيءَ طور نظر ايندڙ ڪم ڪري پنهنجو بچاءُ ڪيو آهي، تن عملن کي ڏسجي ته انهن وقت جي آمرن به ملڪ مٿان اهڙا مونجهارا نه آندا هئا.

شروعاتي طور وفاقي حڪومت 26هين آئيني ترميم آڻي نه رڳو جوڊيشريءَ مٿان راتاهو هنيو پر ملڪ جي معزز عدالتِ عظميٰ کي توڙي موڙي ڇڏيو آهي. اسان جي حڪومت پنهنجي سِرن جو سانگو بچائڻ خاطر معزز عدالتِ اعليٰ ۽ هاڻي وري آئيني عدالتون ٺاهي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. گڏوگڏ تاريخ ۾ اِهو به پهريون ڀيرو ڏٺو ۽ ٻڌو ويو آهي جو هڪ صوبي مان ٻئي صوبي جي اعليٰ عدالتن جي معزز ججن جون بدليون به هن ڀيري پهريون ڇڪر ڏنيون ويون آهن. اهڙي ريت اڳ جيڪي هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ اندر مقرريون ٿينديون هيون، انهيءَ ڪميشن ۾ به سياسي مداخلت ان ڪري آندي وئي آهي جو حڪومت پنهنجي مرضيءَ جا ماڻهو جج طور مقرر ڪري سگهي. اها پڻ حقيقت آهي جو ملڪي سطح تي اسان مان ڪنهن به ماڻهوءَ کي انهن مقررين تي اعتراض هرگز نه آهي. ڪجهه مهينا پهريان جوڊيشل ڪميشن جو جيڪو اجلاس ٿيو هو، جنهن ۾ مجموعي طور هاءِ ڪورٽ جي ڇهن ججن کي سپريم ڪورٽ ۾ جج طور مقرر ڪيو ويو هو، اهڙي جوڊيشل ڪميشن جي اجلاس دوران سپريم ڪورٽ جي ٻن سينيئر ججن جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽس منيب اختر جي بائيڪاٽ باوجود چيف جسٽس پاران جوڊيشل ڪميشن جي اجلاس مان اهڙين مقررين کي پاس ڪرائي ورتو هو. ملڪ اندر جيتوڻيڪ جتي ٻين گهڻ رُخين عوام دشمن منصوبن ۽ آيل ڪٿي 26هين ۽ 27هين آئيني ترميم، ارسا ايڪٽ ۽ پيڪا ايڪٽ جهڙيون زيادتيون ڪري ملڪ سميت سنڌ صوبي جي عوام کي روڊن تي اچڻ تي مجبور ڪيو آهي، جو ته مذڪوره زيادتين کان علاوه اڄ سنڌ صوبي جي عوام سان هر طرف کان بي واجبيون ٿي رهيون آهن ڌرتي ڌڻين سان آئيني مذاقن پر سنڌو درياهه مٿان ڏاڙو توڙي ديس ڌڻين جي سرزمين جا سودا ڪري وقت جي آمرن واري دور کان به وڌيڪ زيادتيون ٿيندي نظر اچي رهيون آهن ملڪ اندر جيتوڻيڪ 26هين ۽ 27هين آئيني ترميم معزز ججن جي مقررين ۽ بدلين کانپوءِ ملڪ جي مڙني ئي بار ڪائونسلز مختلف وقتن تي پنهنجا احتجاج رڪارڊ ڪرايا آهن ته گڏوگڏ بند ڪمرن ۾ ويهي مختلف قراردادون به پاس ڪرايون پر حڪومت پنهنجي هوڏ کان هيٺ نه لٿي. نتيجي طور وڪيل برادريءَ انهيءَ احتجاج کي اڄ ڪنهن خطرناڪ تحريڪ طرف منهن موڙي رهيا آهن.

گذريل ڏينهن ملڪ جي مڙني وڏين وڏين بارن اندر ڇويهين ۽ ستاويهين آئيني ترميم خلاف وڪيل برادريءَ پاران احتجاج جو سڏ ڏنو ويو هو، خاص طور سنڌ جي ٽئين نمبر وڏي بار سکر ۾ جڏهن وڪيلن جو 27هين ترميم خلاف ڪنوينشن ڪوٺايل هو، جتي مقامي شرپسندن پاران وڪيلن مٿان پڻ حملو ڪيو ويو ۽ ڪنوينشن کي ختم ڪرائڻ جي ناپاڪ ڪوشش ڪئي وئي. نتيجي طور احتجاجي وڪيلن پنهنجو ڪنوينشن جاري رکندي ايندڙ احتجاجي ڪنوينشن ميرپورخاص بار ۾ ڪوٺائڻ جو اعلان ڪيو ۽ اهو به اعلان ڪيو ويو ته جيڪو به وڪيل آئيني عدالت ۾ پيش ٿيندو ته ان جي سند رد ڪئي ويندي. هن وقت جيتوڻيڪ ملڪ اندر هڪ طرف وفاقي حڪومت پاران اهڙيون نيون ترميمون آئي، جتي عدالتن کي مونجهاري جو شڪار ڪرائي ڇڏيو آهي، اُتي يقينن عدالتي ڪارونهوار به متاثر ٿيندي ڏسجي رهيو آهي. اڄ جيڪي نيون روايتون قائم ڪري حڪومت پنهنجا فيصلا مڙهي رهي آهي سي عمل تاريخ جي بدترين واقعن جيان ياد ڪيا ويندا. جيئن ان وقت جي آمر جنرل مشرف جي فيصلن کي ننديو ويندو هو جنهن به هن اتحادي حڪومت جيان پنهنجا من گهڙت فيصلا مڙهي نه رڳو ملڪ اندر هڪ انتشار ڦهلايو هو پر عدالتن مٿان راتاها به هنيا.

جڏهن سڀ ڪجهه اڪثريتي طور ڏاڍ جي زور تي ٿي رهيو هجي، اُتي جو نه جوڊيشل ڪميشن ڪهڙا به فيصلا ڪري پر هتي ته جوڊيشل جو نالو رڳو باقي ججن جون مقرريون آهن. انهن لاءِ هي عدالتي نه پر حڪومتي ڪميشنون آهن. جيڪي پنهنجا فيصلا ڪري هن وقت هڪ طرف ملڪ اندر هر طرف کان عوام سان بي واجبيون ڪيون پيون وڃن ته ساڳئي وقت عدالتي ڪارونهوار کي متاثر ڪرڻ لاءِ هٿ وٺي اهڙا فيصلا ڪيا پيا وڃن، جنهن سان نه رڳو آئيني بحران پيدا ٿي سگهي ٿو پر ملڪ وڌيڪ ٽڪيڙ طرف ڌڪجندو پيو وڃي. هن وقت جيتوڻيڪ ملڪ جا وڪيل سڏي طرح احتجاجي مظاهرن کي ماضيءَ جيان هڪ منظم تحريڪ ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ سنڌرا ٻڌي بيٺل آهن، ڪالهه سڄي سنڌ اندر احتجاجن مڪمل عدالتي ڪارونهوار ٺپ رهيو ۽ مختلف شهرن مان وڪيل برادري احتجاج طور ڇويهين ۽ ستاويهين آئيني ترميم خلاف روڊن تي نڪري آئي، جتي هنن پاران چتاءُ ڏنو ويو ته ايندڙ ڪجهه ڏينهن کانپوءِ ملڪ جا وڪيل آئيني ترميمن ۽ ٻين عوام دشمن فيصلن خلاف هڪ منظم تحريڪ هلائيندا.

لطيفي لاٽ —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪڏهن تاڪيون ڏين، ڪڏهن ڪلن در دوست جا،
ڪڏهن اچان، اچڻ نه لهان، ڪڏهن ڪوٺيو نين،
ڪڏهن سڪان سڏ کاڻ، ڪڏهن ڳجهاندر ڳرهين،
اهڙا ئي آهين صاحب منهنجا سپرين.

27هين ترميم جا اثر!



عباس ناصر

'دهشت ۽ خوف' 26هين ترميم جي منظور ٿيڻ جو اهم ڪارڻ هو خوف اهو هو ته سپريم ڪورٽ ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان جيل ۾ قيد اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کي آزاد ڪري سگهي ٿي ۽ انهيءَ حد تائين وڃي سگهي ٿي ته گذريل چونڊن کي معطل ڪري ڇڏيندي، جنهن لاءِ عام تاثر هو ته اُن جا نتيجا عوامي اُمنگن جي اُبتڙ آيا آهن. تنهنڪري اهو مڪمل طور تي درست نٿو لڳي. 27هين ترميم ان سوچ کي پنهنجي منطقي نتيجي تائين پهچائي ٿي.

هي قدم اُن 'هائبرڊ' سسٽم کي آئيني تحفظ مهيا ڪري ٿو جنهن جو ذڪر دفاعي وزير ڪيو آهي ۽ ان سان گڏوگڏ سول پارٽنر جي ذميواريءَ کان وڌيڪ، وڏي پارٽنر جي اهميت ۽ قيادت کي تسليم ڪري ٿو جيڪا عهدن کان پوءِ به برقرار رهندي. جڏهن ته ناقدين جو چوڻ آهي ته اعليٰ عدليا هاڻي انتظاميہ جي اثر ۽ ڪنٽرول هيٺ هوندي، ان جو مطلب آهي ته جتي سِول ۽ فوجي قوتن ۾ طاقت جو توازن آهي، اتي عدالتن جا ڪجهه حصا هاڻي اسٽيبلشمينٽ جي گرفت ۾ هوندا. جيڪڏهن اهو صحيح آهي، ته به اهو نه ٿو چئي سگهجي ته جيڪو ٿيو آهي، اهو هڪ طئي ٿيل نتيجو آهي؛ سواءِ ڪجهه گهٽن ۽ اهم آزاد دورن کان، اعليٰ عدليہ تاريخ ۾ ڪڏهن به اسٽبلشمينٽ سامهون مستقل مزاحمت ناهي ڪئي.

وفاقي ڪورٽ جي زماني ۾ منصب فيڊرل ڪورٽ کان شروع ڪري، چيف جسٽس منير جو بدنام فيصلو جيڪو سنڌ هاءِ ڪورٽ جي مولوي تميزالدين جي حق ۾ فيصلي کي رد ڪري ڇڏيو، جيڪو جنرل غلام محمد طرفان اسيمبلي کي dissolveڪرڻ جي خلاف جنگ ڪري رهيو هو. کان وٺي اڄ تائين، اعليٰ عدليہ جي اهم فيصلن ۾ هميشہ طاقت جي مرڪز جي مرضيءَ کي قانون ۽ آئين جي بالادستيءَ کان وڌيڪ اهميت ڏني وئي آهي. آءٌ آئين، قانون ۽ انصاف کان پوءِ اهڙن واقعن کي ڳڻڻ ۾ دير نٿو ڪري سگهان، جنهن ۾ جنرل ضياءُ الحق جي دور کان، ذوالفقار علي ڀٽو جي برطرفي، موت جي سزا ۽ سزا تي عملدرآمد، 1988 کان 1999 جي فوجي بغاوت تائين ڪيترن ئي حڪومتن جي برطرفي تائين اعليٰ عدالت ڪڏهن ثابت قدم رهي؟ حقيقت اها آهي ته جيڪڏهن سپريم ڪورٽ واقعي ڪمزور ٿي آهي ته اها 27هين ترميم کان پهريان ئي جُڪي هئي.

تازن سالن ۾ به عدالت ٻن چونڊيل وزيراعظمن کي گهر موڪليو ۽ اڪثر ڪري انهن ڌرين جي هدايتن ۽ رهنمائيءَ تي هلندي رهي. اڄ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، اهو رڳو ان ڪري وڌيڪ سنجيده ۽ ڳرو محسوس ٿي رهيو آهي جو هاڻي اهو سڀ ڪجهه آئيني شڪل اختيار ڪري چڪو آهي. جنهن تي ماضيءَ ۾ ڪيترن ئي ججن خاموش رضامندي سان آماده رهيو. ڪجهه جج جيڪي دٻاءَ کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري پنهنجن عهدن تان الڳ ٿي ويا، اهي يقيناً قابل احترام آهن. پر انهن جي حيثيت هميشہ استثنيٰ واري رهي آهي. هر اهڙي جج جي مقابلي ۾ ڪيترائي ٻيا موجود هئا، جيڪي نظام جون خاميون ۽ انهيءَ ۾ پيدا ٿيل خال ڀرڻ لاءِ هر وقت تيار بيٺل هئا. اهو ئي ته اصل سانحو آهي. بين الاقوامي صورتحال به ڪجهه گهٽ مختلف ناهي. اڄ جمهوريت، قانون جي بالادستي، انساني حقن ۽ فرد جي آزادي اهڙي طرح گهيراءَ يا حملي هيٺ محسوس ٿين ٿا، جڻ سڄي دنيا ۾ انهن جي مٿان ڪڙو گهيرو وڌي چڪو هجي. سوشل ميڊيا جي نهيل موقف جي دور ۾، جڏهن روايتي ميڊيا جي اثر ۾ به نمايان گهٽتائي آئي آهي- خاص طور تي اهو روايتي ميڊيا جيڪو سچ، غيرجانبداري، توازن ۽ انصاف تي يقين رکندو هو. هڪ نئون عالمي توازن تيزيءَ سان اڀري رهيو آهي، جنهن جي پڄاڻي ڪٿي ٿيندي، اهو اڃا واضح نه آهي.

جيڪڏهن اسان پنهنجي ملڪ جي تناظر ۾ ڏسون ته ٻاهريان خطرا، دهشتگرديءَ جي نئين لهر ۽ بهتر جمهوري نظام ڇڏي مبينہ هائبرڊ ماڊل اختيار ڪرڻ کان پوءِ ساري طاقت ۽ اختيار هاڻي هڪ ئي فرد جي هٿ ۾ اچي چڪا آهن ڪي ناقد ته اهو به چون ٿا ته غيرمنتخب طاقتور حلقن جي خواهشن ئي ڪمزور سياسي قيادت کي ڪناري ڪري، سڄو ڪنٽرول ان هڪ فرد جي حوالي ڪيو آهي. هاڻي ڪارڪردگي هجي يا ناڪامي- سڀني جو بار ساڳي شخص تي هوندو. منهنجي تمنا آهي ته قومي دفاع جي ميدان ۾ ڀارت سان مئي جي تڪرار ۾ جيڪي ڪاميابيون حاصل ڪيون ويون، اهي اڳتي هلي وڌيڪ بهتر ٿين ۽ ايس آءِ ايف سي جي ڪارڪردگي ۾ به سڌارو اچي، جنهن اجا تائين پنهنجا مقرر ڪيل هدف حاصل نه ڪري سگهيا آهن.

اڳتي هلي ڳالهه صاف آهي ته قومي سلامتي ۽ استحڪام جي سڀ کان مضبوط ضمانت صرف معاشي ترقي، روزگار جي فراهمي ۽ ماڻهن کي بنيادي سهولتون ڏيڻ ۾ آهي- اهي ماڻهو جيڪي واقعي ڪجهه به نه هجڻ جي برابر حالت ۾ زندگي گذاري رهيا آهن. اسان جي ماڻهن کي ڏاڍو مايوس ڪيو ويو آهي. اڃا تائين گهٽ ناڪامين جو ذميوار سياسي طبقي کي قرار ڏنو ويندو رهيو. جيتوڻيڪ ڪيترن ئي مرحلن تي معاشي بحاليءَ جي وقت منتخب قيادت کي فيصلن کان پري رکيو ويو. غيرمنتخب عنصرن جون ذاتي خواهشون عوامي مفادن تي هٽي وٺندي رهيون.

هائبرڊ نظام پنهنجي فطرت موجب گڏيل ذميواريءَ جو مطالبو ڪري ٿو ته تنهن ڪري سينئر پارٽنر پنهنجي ناڪامين جو ڏوهه جونيئر يعني سولين حڪومتن تي هرگز نٿو مڙهي سگهي، هر غلطي، هر ڪمزوري، گڏيل طور قبولڻيون پونديون. 27هين ترميم اپوزيشن، سياسي پارٽين ۽ زير حراست اڳواڻن لاءِ واپسيءَ جو رستو اڳ کان وڌيڪ ڏکيو ڪري ڇڏيو آهي. اسٽيٽس ڪو خلاف روڊن تي نڪرڻ جون ڪوششون اڳ ۾ ئي ناڪام ٿي چڪيون آهن. هاڻي اعليٰ عدالتن مان ممڪن رليف جي جيڪا هلڪي اميد بچي هئي، سا به هن ترميم سان ختم ٿي وئي آهي. طاقتور ادارن ۾ موجود امڪاني همدردن کي به پاسي ڪيو ويو آهي يا خاموش ڪرائي ڇڏيو ويو آهي. هاڻي اپوزيشن لاءِ لازمي آهي ته هو مڪمل نئين حڪمتِ عملي اختيار ڪري، ڇو ته ملڪ جي طاقت واري ڍانچي مان ڪنهن حمايت جي اميد نه رهي آهي.

عمران خان جا حامي چون ٿا ته سندن مؤقف اصولي ۽ اٽل آهي. ڪيترائي تجزيہ نگار پڻ مڃين ٿا ته هن، هائبرڊ نظام جي جونيئر پارٽنر سان ڳالهين کان انڪار ڪندي وڏي مزاحمت ڏيکاري آهي. پر قانوني رستا بند ٿيڻ کان پوءِ هاڻي هو ڪهڙو لائحہ عمل اختيار ڪندو؟ اهو ڏسڻ جهڙو هوندو سندس ساٿي اڪثر شڪايت ڪن ٿا ته هو گهڻو وقت ناقابل رسائي هوندو آهي. تنهن ڪري ڪنهن به ممڪن تبديليءَ جا اشارا ظاهر ٿيڻ ۾ شايد هفتا، شايد مهينا لڳي سگهن ٿا.

پائيدار ترقيءَ ۾ سائنس جو ڪردار ۽ سنڌ جي زراعت!



رحمت الله ٻرڙو

دنيا هن ڊيجيٽل دور ۾ جيئن جيئن تيزيءَ سان ترقيءَ ڪري رهي آهي ته اتي وري جديد ٽيڪنالاجيءَ جي اثرن هيٺ ڪيترائي ٻيا مسئلا به پيدا ٿيا آهن. انهن مسئلن، بيمارين ۽ اثرن جو جڙ ته ڪو انت ئي ناهي. انهن مسئلن ۽ بيمارين جو وڏو نالو ڪلائيميٽ چينج، يعني موسمياتي تبديليون آهن. موسمياتي تبديليون فقط ۽ فقط ترقي پذير ملڪن جو مسئلو ناهي رهيو، پر جن وٽ وسيلن جي کوٽ ۽ ترقيءَ جي رفتار واري صلاحيت جديد دور سان هم آهنگ ۽ ٽيڪنيڪل طور گهٽ آهي، اتي ڪلائيميٽ چينج ترقي يافتہ دنيا لاءِ به مسئلو بڻيل آهي. ان سلسلي ۾ ترقي يافتہ ملڪن سائنس، تحقيق ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي سهولتن واري بنياد تي ڪافي گهرجون پوريون ڪرڻ جا طريقا ڳولي لڌا آهن. اڄ جي ڏينهن هڪ خبر پڙهيم ته پاڪستان، جيڪو پنهنجي علائقائي ۽ عالمي سطح تي سدائين حالتن جو بهتر کان بهتر مقابلو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هوندو آهي سو پائيدار ترقيءَ ۾ خلائي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جهڙي موضوع تي عالمي سطح جي هڪ ڪانفرنس منعقد ڪرڻ وڃي رهيو آهي، جنهن جو اهم مقصد پائيدار ترقيءَ جا رستا ڳولڻ آهي.

پائيدار ترقيءَ جي عالمي بحث ۾ هاڻي خلائي سائنس ۽ سيٽلائيٽ ٽيڪنالاجيءَ کي هڪ مرڪزي مقام حاصل ٿي چڪو آهي. دنيا جا ترقي يافتہ ملڪ ته اڳ ئي خلائي ذريعن مان ڊيٽا، تجزيا ۽ اڳڪٿيون حاصل ڪري پنهنجي معيشت، زراعت، آبي وسيلن ۽ آفتن جي انتظام کي مضبوط بڻائي چڪا آهن پر هاڻي ترقي پذير ملڪ به تيزيءَ سان هن شعبي ڏانهن وڌي رهيا آهن. سپارڪو پاران 18 نومبر 2025ع تي اها عالمي ڪانفرنس رٿي وئي آهي، جنهن ۾ 25 ملڪن مان لڳ ڀڳ 70 نمائندا شرڪت ڪندا. جيڪو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته پاڪستان خاص طور تي سنڌ جي زرعي ۽ آبي نظام لاءِ خلائي ڊيٽا کي وڌيڪ منظم نموني استعمال ڪرڻ جي طرف وڌي رهيو آهي.

موسمياتي تبديلي ۽ خلائي ڊيٽا: مستقبل جي پاليسين جو بنياد، موسمياتي تبديليءَ جي ڪري سنڌ ۾ گرمي پد جو وڌڻ، برساتن جا غير يقيني نمونا ۽ درياهه جي وهڪرن ۾ شديد گهٽ وڌائي زرعي معيشت لاءِ وڏو خطرو بڻيل آهي. سيٽلائيٽ ڊيٽا هينئر عالمي سطح تي موسمي اثرن، بخارات جي شرح، مٽيءَ جي نمي ۽ درياهن جي مانيٽرنگ لاءِ سڀ کان معتبر ذريعي طور استعمال ٿي رهيو آهي. سنڌ ۾ جيڪڏهن خلائي ڊيٽا کي ضلعي سطح جي موسمياتي ماڊلز سان ڳنڍيو وڃي ته پوک جي موسم، پاڻيءَ جي ورڇ ۽ سوڪهڙي جي اڳڪٿي تمام گهڻي درست ٿي سگهي ٿي. اهڙي اڳڪٿيءَ سان نه صرف زرعي نقصان گهٽجي سگهي ٿو پر پاڻيءَ جي موثر انتظام جا امڪان به وڌي سگهن ٿا.

غذائي تحفظ ۽ جديد زرعي حڪمت عمليون: سنڌ جو زرعي دارومدار گهڻو ڪري ڪڻڪ، چانورن، ڪپهه ۽ ڪمند جي پوک تي رهيو آهي پر غير مستحڪم موسم ۽ پاڻيءَ جي کوٽ غذائي تحفظ لاءِ وڏو خطرو بڻجي چڪو آهي. سيٽلائيٽ ۽ رموٽ سينسنگ ذريعي پوک جي صحت، پيداوار جو اندازو ۽ مٽيءَ جي تبديليءَ جا رجحان وقت سِر معلوم ڪري سگهجن ٿا. ڪپهه ۽ چانورن جي پوک ۾ بيمارين جي اڳڪٿي، پاڻيءَ جي صحيح مقدار ۽ فصل جي وڌندڙ نقصان جي جلد سڃاڻپ وارو سسٽم پاڻي ۽ زراعت ٻنهي ۾ انقلاب آڻي سگهي ٿي. سپارڪو جي رڪارڊ موجب ريئل ٽائيم مانيٽرنگ سان سنڌ جي زرعي پيداوار ۾ گهٽ ۾ گهٽ 15 کان 20 سيڪڙو بهتري ممڪن آهي، جيڪڏهن سرڪاري پاليسين سان ڊيٽا کي ڳنڍيو وڃي.

آفتن کان بچاءُ: سنڌ لاءِ هڪ اهم ضرورت سنڌ ۾ ٻوڏن جو خطرو گذريل ڏهاڪي کان وڌي چڪو آهي. 2010ع ۽ 2022ع ۾ ايندڙ ٻوڏن ظاهر ڪن ٿيون ته انتظامي نظام کي جديد اوزارن جي ضرورت آهي. **سيٽلائيٽ ڊيٽا ذريعي:** ندي نالن جي اوجائي، پاڻيءَ جي وهڪري جا رُخ، درياهه جي ڪنارن جي ڪمزوري، ٻوڏ جي شدت ۽ پکڙجڻ دوران بچاءَ لاءِ حساس علائقن جي سڃاڻپ تمام آسان ٿي وڃي ٿي. جيڪڏهن سنڌ جي زرعي نظام کي سپارڪو سان مستقل ڊيٽا شيئرنگ ۾ ڳنڍيو وڃي ته بندن جي نگراني، واهن جي صفائي ۽ پاڻيءَ جي وهڪري جو هڪ جامع نظام قائم ٿي سگهي ٿو. جيڪو انساني ۽ معاشي نقصان گهٽائڻ ۾ مددگار ٿيندو. سنڌ جو آبپاشي نظام اڃا به گهڻو ڪري روايتي طريقن تي قائم آهي. واهن جي ٽُٽل بندش، پاڻي جي چوري ۽ غير منصفاڻي ورڇ سان زرعي پيداوار متاثر ٿئي ٿي. جڏهن ته درياهي ٻيلن يا ٻَراجن جي تباهيءَ واري حالت، درياهه جي ٻنهي پاسي بندن جو ڪمزور ٿيڻ جهڙي صورتحال کي خلائي ٽيڪنالاجيءَ جي مدد سان واهن جي سڃاڻپ، ٿر ۽ اتر سنڌ ۾ خشڪ علائقن جي پاڻيءَ جي ضرورتن جو تجزيو ممڪن ٿي سگهي ٿو. اها تحقيق سنڌ جي آبي پاليسين، آبپاشي کاتي ۽ زراعت کاتي لاءِ نئون رُخ ڏياريندو. سپارڪو جي عالمي ڪانفرنس علائقائي حوالي سان اهميت رکي ٿي. 18 نومبر تي ٿيندڙ سپارڪو ڪانفرنس ۾ 25 ملڪن جا 70 نمائندا شرڪت ڪري رهيا آهن. ڪانفرنس موسمياتي تبديلين جي خطري، زرعي تحفظ، کاڌ خوراڪ جو تحفظ، آفتن جي اڳڪٿي، شهري منصوبابندي ۽ پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ جهڙن مسئلن تي عالمي تجربي کي پاڪستان سان شيئر ڪرڻ لاءِ هڪ اهم فورم ثابت ٿيندو. هوڏانهن سپارڪو جي ماهرن موجب ڪانفرنس پاڪستان خاص طور تي سنڌ کي خلائي ٽيڪنالاجيءَ جي بنياد تي پاليسي، تحقيق ۽ نون منصوبن جي شروعات ۾ مدد ڏيندي. خلائي سائنس رڳو چنڊ ۽ تارن تائين رسائيءَ جو نالو ناهي پر اها هاڻي زراعت، پاڻي، ماحوليات، آفتن کان بچاءُ ۽ شهري ڊيولپمينٽ جو بنيادي اوزار بڻجي چڪي آهي. سنڌ لاءِ خلائي ڊيٽا ۽ سپارڪو جا جديد نظام نه صرف غذائي تحفظ کي مضبوط بڻائي سگهن ٿا پر آبپاشي ۽ ماحولياتي نظام کي پائيدار ترقيءَ ڏانهن به وٺي وڃن ٿا. پاليسي سازيءَ ۾ جيڪڏهن خلائي ڊيٽا کي سنجيده نموني شامل ڪيو وڃي ته سنڌ نه صرف موسمياتي خطري کي منهن ڏئي سگهي ٿي پر مستقبل جي زرعي ۽ انفراسٽرڪچر منصوبن ۾ به اڳڀرائي حاصل ڪري سگهي ٿي. دنيا جي مالياتي ادارن ۽ ملڪن مان موسمياتي تبديلين واري اثرن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ جيڪا بجيٽ يا فنانسنگ اچي رهي آهي، تنهن مان وفاقي ۽ سنڌ حڪومت جي ذميوارن کي کپي ته انهن حالتن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ مڪمل تياريون ڪري انهن مٿي ڄاڻايل ضرورتن کي سامهون رکي منصوبابندي ڪئي وڃي ته جيئن ڪنهن به اٿر صورتحال جو وقت سِر مقابلو ڪري سگهجي. سنڌ حڪومت جي زراعت کاتي ان سلسلي ۾ 2018 کان 2030ع واري زرعي پاليسيءَ کي سامهون رکي بهتر زرعي سڌارن ۽ پائيدار ترقيءَ واري حڪمتي عملي جوڙي آهي. سنڌ حڪومت زراعت کي هٿي ڏيارڻ لاءِ تمام ڪوشش ۾ آهي ته موجوده هن ٽيڪنالاجي جي دور ۾ موسمياتي تبديلين جو جيترو بهتر انداز ۾ مقابلو ڪجي سو ڪجي. ان سلسلي ۾ زراعت کاتي پنهنجي مختلف شعبن ۾ ڪم تيز ڪري ڇڏيو آهي. جنهن ۾ واٽرڪورسز کي بهتر کان بهتر ڪري پاڻيءَ جي کوٽ کي پورو ڪرڻ، زرعي تحقيق وارن سينٽرن کي اپڊيٽ ڪري سهولتون ڏيڻ ۽ کنيل قدمن جا نتيجا وٺڻ ۽ فائدو حاصل ڪرڻ. هوڏانهن تازو سنڌ ۾ آبادگارن کي جيڪا سنڌ حڪومت 55 ارب کان مٿي ڊي اي پي ۽ يوريا جي مد ۾ سبسڊي ڏني آهي. زراعت جي بهتر پيداوار لاءِ اهڙا بيشمار قدم کڻي سگهجن ٿا.

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سينئر سول جج نوابشاه
ايف سي سوٽ نمبر 237 سال 2024

بشير احمد پتو معرفت قانوني وارث....پلينٽف...خلاف: (1) رئيس منل ولد گلن خان ڏاهري (2) مسمات نصرت ڌيءُ رئيس منل خان ڏاهري (3) شيروز ولد عاشق حسين ڏاهري (4) رئيس فدا حسين ولد رئيس منل خان ڏاهري (5) صدا حسين ولد فدا حسين ڏاهري رهندڙ ديهه ڪار تعلقو قاضي احمد (6) محمد صادق ڏاهري معرفت قانوني وارث Farch (a) محمد (b) عزيز الله (c) بشير احمد (d) غلام رسول (e) غلام شبير (7) محمد يوسف ولد دين محمد ڏاهري (8) سڪيو ولد محمد ابراهيم ڏاهري (9) دوسڻ ولد Sipahi ڏاهري (10) خضر ولد Sipahi ڏاهري (11) محمد صالح پتو معرفت قانوني وارث (a) پليڻو (b) حبيب الله (c) عبدالمجيد (d) عبدالحميد (12) لال بخش پتو ولد محمد نوح پتو معرفت قانوني وارث (a) محمد نوح (جونئيل) معرفت قانوني وارث (i) باگو خان (ii) مقيم (iii) متل خان (iv) عبدالوهاب (v) مسمات صحبت (vi) مسمات صغران (vii) مسمات زبيده (viii) مسمات دادلي (ix) مسمات ڪورزادي (x) لال بخش (b) محمد حنيف (زنده) (c) حامد علي معرفت قانوني وارث مسمات Sadina بيواهه محمد حنيف پاءُ (13) الهي بخش ولد محمد پتو معرفت قانوني وارث (a) محمد خان معرفت قانوني وارث (i) الهي بخش پتو (ii) شاهنواز (iii) صدام (iv) مسمات عظيمت خاتون (v) مسمات علما (vi) مسمات سهڻا (vii) مسمات اقبالي خاتون (b) غلام قادر (c) عبدالرزاق (d) Sadina (e) مسمات رياست (f) مسمات ساستي (14) حاجي محمد پتو ولد مرحوم ساماڻو پتو معرفت قانوني وارث (a) امان الله (b) محمد عظير (c) لياقت علي (d) قربان علي (e) مسمات بشيران (فوتي) (f) مسمات سڪينه (g) مسمات حنيفان (h) مسمات حميدان (i) مسمات آمنت (j) مسمات فتح خاتون (k) مسمات دادلي (l) منظور (m) ممتاز علي (n) ساماڻو خان (جونئيل) (O) غلام مرتضيٰ (p) مسمات جنت (q) مسمات صاحبزادي (r) مسمات منظوران (s) مسمات بينظير (t) بشير احمد (u) شفيع محمد پتو معرفت قانوني وارث (i) مسمات عائشه (ii) اڪمل (iii) حاجي محمود (جونئيل) (iv) مسمات نجم (v) مسمات وزيران (vi) مسمات روزي (vii) مسمات پروين (viii) مسمات گلشاد (ix) مسمات نعمت (v) مسمات نتن بيواهه (15) مسمات حضوران ڌيءُ بشير احمد پتو (16) غلام قادر پتو ولد مرحوم ساماڻو پتو معرفت قانوني وارث (a) رسول بخش (b) عاشق علي © محمد سليم (d) مستقيم (17) محمد صديق ولد جمال پنهور معرفت قانوني وارث (a) لياقت علي (b) محمد يعقوب © ذوالفقار علي (d) بادل (e) حيدر علي (f) محمد يوسف (g) محمد موسيٰ (18) سب رجسترار سڪرنڊ (19) مختيارڪار روينيو قاضي احمد (20) اي سي قاضي احمد (21) ڊي سي شهيد بينظير آباد ..ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريش، ڪينسليشن، پزيشن، ميسني پراڦت، پرمننٽ انجڪشن جي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي زير قلم VII RULE 1 CPC & 39 RULE1 &2 CPC. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سيڪنڊ سينئر سول جج نوابشاه

بقايا 1 هڪ فوت

اوڏ ڇپيائجي سخت زخمي ٿي پيا جن مان درشن لال اوڏ زخمن جي سٽ نه سهندي موقعي تي ئي دم ڏئي حوالي ڪري چڏيو جڏهن ته اڄي ڪمار سخت زخمي ٿي پيو موقعي تي موجود ماڻهن ۽ پوليس فوتي درشن لال جي لاش سميت زخمي کي سول اسپتال ڪڻائي آيا جتي ڊاڪٽرن پاران زخمي کي طبي امداد ڏني وئي جڏهن ته درشن لال جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جيڪي ايمبولينس ذريعي نوجوان جو لاش ڪڻائي شڪارپور گهر ڏانهن روانا ٿي ويا، هوڏانهن حد جي پوليس ٽرڪ کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڊرائيور کي گرفتار ڪري حد جي ٿاڻي تي لاڪ اپ ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 2 4 ڄڻا گرفتار

آرائين جي گهر تي مبينا ڌاڪو ڪري 18 ورهين جي صائم ڌي فضل احمد آرائين کي مبينا اغوا ڪري پاڻ سان گڏ ڪڻي ويا آهن ناري جي وارثن موجب صائم کي اغوا ڪندڙن گهر ۾ ڦر لٽ ڪئي عورتن کي ۽ پاٿل زيور ۽ گهر ۾ پيل 5 تولا سونا جا زيور ۽ 4 لک روڪ رقم به کڻي ويا آهن ناري جي وارثن ڪيرو ٿاڻي تي پهچي اغوا جو اطلاع ڏنو ڪيرو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي تفصيل ورتا ذريعن موجب پوليس 4 ڄڻن کي حراست ۾ ورتو آهي جنهن کان جاچ جاري آهي

بقايا 3 مدد جي اپيل

موقعي تي متاثر جي وارثن ٻڌايو ته معصوم سيڏاجا شهر ويو هيو جيڪو واپس نه موٽيو آهي جنهن جي ڳولها متن ماڻڻ سميت علائقي جي مختلف هنڌن تي ڪئي آهي پر هن وقت تائين ڪٿي به ڏس پتو نه ملي رهيو آهي هنن وس وارن کان گهر ڪئي سنڌس معصوم ٽينگر جي ڳولها ۾ مدد ڪئي وڃي

بقايا 4 مدد جي اپيل

روپيا ٻڌائي وڃي ٿي معارين امداد لاءِ واجهائي رهيو آهي سنڌس چونڊيل نمائندي سميت ڪنهن به سار نه لهندي آهي

بقايا 5 ڊرائيور فوت

ڊرائيور نديم احمد زخمي ٿي پيو واقعي بعد موڪري پوليس حادثي واري هنڌ پهچي ڊرائيور جو لاش ۽ زخمي ڊرائيور کي تعلقه اسپتال سڪرنڊ پهچايو جتي زخمي جو علاج جاري آهي جڏهن ته لاش امانت طور تعلقه اسپتال سڪرنڊ ۾ رکيل آهي جنهن جو اطلاع وارثن کي ڪيو ويو آهي.

بقايا 6 عوامي ورڪرز

زبير آزاد، ضياء ۽ ٻين ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته هن وقت ملڪ 27 هين ترميم خلاف تحريڪ نڪرڻ گهرجي هنن چيو ته پارليامينٽ جي ساک نه رهي آهي 26 هين ڪانيون 27 هين ۽ 28 هين ترميم جي تياري ٿي رهي آهي هنن چيو ته هاڻ رياست جو رول نه رهيو آهي سنڌ ۾ ڪئنالن خلاف وڏو تحريڪ هلائي وئي هنن چيو ته ملڪ ۾ بدامني آهر ماڻهو گم ٿي وڃن ٿا رياستون عوام لاءِ هونديون آهن هن ملڪ ۾ اقليتن ۽ عورتن سان مسئلا وڌي رهيا آهن بحران رياست جو آهي سامراج رياست جي مدد ڪري ٿو ملڪ ۾ شديد بحران آهي هنن چيو ته ملڪ ۾ جمهوري قوتون ۽ روشن خيال قوم پرست گڏجي هڪ تبديلي آڻي سگهن ٿا هن وقت ٻين بحران سان گڏ منشيات جي ڪاروبار سان ڪرائيم وڌيو آهي سموري عوام کي هاڻ گڏجڻو پوندو خيبر پختون خواهه ۾ آئي روز حملا ٿي رهيا آهن اتي عوام جو نڪرڻ مشڪل ٿي ويو آهي هنن چيو ته اتي ڊرون ۽ بم حملا ٿي رهيا آهن آپريشن دوران حملي آورن جي قصر ٽٽڻ ڪانيون وري جڙڻ به شروع ٿي ويندي آهي هنن چيو ته جڏهن دهشتگردي جا واقعا ٿين ٿا ته هتي ڊيموگرافڪ مسئلا ٿين ٿا ترميم خلاف ماڻهن کي ٻاهر نڪرڻو پوندو اسان کي گڏجي متبادل آڻين گهرجي ملڪ جي پورهيت طبقي مظلوم قومن ۽ برباد ٿيندڙ ماحولياتي نظام کي هن وقت منافع خور ٽولي ۽ روز زور وٺندڙ آمراڻي رياستي ڍانچي جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي ۽ جيڪڏهن ان رياست ۽ سنڌس طبقاتي ڍانچي کي بنيادي طور تي بدلڻ لاءِ ڪو مضبوط ڪاٻي ڌر جو سياسي متبادل نه ابريو ته سماج مڪمل بربريت ڏانهن وڌي ويندو ترقي پسند ۽ جمهوريت پسند طاقتن کي گهرجي ته هو آئين جي 26هين ۽ 27هين ترميمن سان گڏ اظهار جي آزادي ۽ نگرانيءَ واري نئين رياستي جبر خلاف گڏيل مزاحمت جو هڪ مورچو قائم ڪن نئين ڪولڊ وار جي نتيجي ۾ سامراجي مداخلت ۽ طاقتور ملڪن جي وڌندڙ ڇڪتاڻ سبب خودڪش حملن ٽارگيٽ ڪلنگ ۽ تشدد جي نئين لهر نه رڳو پٺتي پيل علائقن پر وڏن مرڪزي شهرن تائين پهچي وئي آهي اهي سڀ ڳالهيون اسان سڀني سياسي قيدين جي آزادي ۽ جبري گمشدگين خاص طور قومي تحريڪن جي سياسي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن کي زوري کنيي گم ڪرڻ واري رياستي پاليسي جي خاتمي جو مطالبو ڪرين ٿا اسان بلوچستان ۽ پشتون علائقن ۾ بنا حساب ڪتاب فوجي ڪارروايون ۽ ڊرون حملن جي پڻ خاتمي جي گهُر ڪيون ٿا اسان اهو واضح ٿا ڪيون ته پارٽي ۽ سنڌس ڪارڪن نه رڳو قومن جي هر قسم جي حق تلفي ۾ سنڌ وسيلن جي چوري ۽ لٽ مار خلاف پڻ هر محاذ تي مزاحمت ڪندا.

بقايا 7 ڪم ڇڏ هڙتال

ڇڏهڙتال ڪندي احتجاج شروع ڪري ڇڏيو آهي.مقامي پورهيتن ۾ ڊرائيور فليئنگ مين گريڊر آپريٽر لوڊر آپريٽر سميت ٻيا ملازم شامل آهن.جيڪي پگهارون گهٽ ڏيڻ.پگهارن مان ڪٽوتي ڪري غلط پينلٽيون هڻڻ سميت گيٽ پاس ذريعي موڪلون نه ڏيڻ خلاف ملازم سراپاءِ احتجاج آهن.پورهيتن جي احتجاج بعد ڪمپنين مسئلا حل ڪرڻ بدران ويٺر ڏباءُ لاءِ پوليس جي وڏي نفري گهرائي احتجاج تي ويٺلن کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.پوليس جي پهچڻ تي سمورا ملازم پاڻ گرفتار ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويا.بلاڪ ون جي چائنيز انتظاميا سميت ڪمپني مينيجمينٽ طرفان پورهيتن کان زبردستي احتجاج ختم ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ مطالبا تسليم ڪرڻ بدران ويٺر انهن کي بليڪ لسٽ ڪري نوڪرين مان فارغ ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ويون.ڪمپني انتظاميا ۽ ملازمن وچ ۾ مختلف ڳالهين جا دور هليا پر ڪمپني مطالبا تسليم ڪرڻ بدران احتجاج ختم ڪرڻ تي زور ڀريو.جنهن تي ملازمن احتجاج ختم ڪرڻ کان ڪتو جواب ڏئي ڇڏيو آهي ۽ وڌيڪ اڄ صبح تائين احتجاج جاري رکڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي.احتجاج ڪندڙ ملازمن ڏانهيندي چيو ته اسان کان ڏيوٽي پوري ورتي وڃي ٿي پر اسان جا جائز مطالبا نٿا مڃيا وڃن.اها ملازمن سان سراسر ناجائزيون آهن.هنن چيو ته سنڌ حڪومت مزدورن جي پگهار 40 هزار جو اعلان ڪيو آهي هوڏانهن ڪمپني اسان کي 31 هزار ڏئي ٿي ۽ اسان کي تنگ ڪرڻ لاءِ هر وقت غلط پينلٽيون هڻي پگهارن مان ڪٽوتي ڪئي وڃي ٿي.اسڏن جي پگهار ڏهاڙي 1000 روپيا آهي اتي 2000 هزارن تائين ڏنڊ هنيو ويندو آهي ۽ پگهار ڏنڊ ۾ ڪٽوتي ڪئي ٿي وڃي.جيڪي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيون ويندي.هنن چيو ته ايچ آر شعبي جا عملدار شهباز رانگڻ،نثار راهمون،هوت خان،شاهزيب جهلڻ ۽ وحيد ڪمار سميت ٻيا بلاجواز اسان جا الائونس ڪٽن ٿا ۽ غلط پينلٽيون هڻي اسان جي پگهار ۾ ڪٽوتي ڪري ڪاٽي ٿا وڃن جيڪا هڪ وڏي ڪرپشن جي ڪهاڻي آهي.اسان پورهيتن کي سهولتون ڏيڻ بدران پگهار ڪٽوتي ڪئي ٿي وڃي.اهڙي نموني مقامي پورهيتن کي تنگ ڪري نوڪرين مان ڪڍيو ٿو وڃي.هنن چيو ته انتظاميا ڪم ڇڏ هڙتال تي ويٺل سمورن ملازمن جو ڪاٺ پيٺڻ بند ڪري ڇڏيو آهي.پوليس گهرائي اسان کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ۽ بليڪ لسٽ ڪري روزگار کسڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن.اسان سمورا پورهيت ڪمپنين جي عتاب جو شڪار آهيون اسان جي ڏانهن ڪير به نه ٿو ٻڌي.هنن اختيارين کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته گورنمينٽ جي پاليسين مطابق اسان جو بيسڪ وڌائي سمورا الائونس ڏنا وڃن.بي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.احتجاج ڪنهن به صورت ۾ ختم نه ڪيو ويندو

بقايا 8 ملاقات

جي مسئلن بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي ان موقعي تي سرفراز نبي لنڊ آيل مهمانن محمد صالح لنڊ بلوچ، اسد علي لنڊ بلوچ ۽ ولي محمد لنڊ بلوچ کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا.

بقايا 9 مجتا ۾ تقريب

سنڌس خدمتن تي مرتب ڪيل ڪتاب » ملڻ جو مور ماڻهو « جي مهورت ڪئي وئي تقريب جي شروعات ناميارا راڳي ڪريم فقير پنڌائي جي وائي سان ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ جي نالي واري اديب نقاد شاعر تاج جويو صدارتي ڪلمات ادا ڪندي چيو ته ٿر سنڌ جو تهذيبي ۽ ثقافتي طور محور رهيو آهي جنهن ۾ ڪيترائي تعليمدان ۽ ٻيون مهان شخصيتون پيدا ٿيون آهن جن ملي سميت ٿر ۾ علم ادب ۽ انساني قدرن جي خوشبو پکيڙي مثال قائم ڪيو آهي انهن شخصيتن ۾ ٿر جو تعليمدان سائين ساجن داس چنڊائي پنهنجي مٽ پاڻ آهي هڪ بهترين استاد ۽ بهترين منتظم جنهن بنا ڪنهن فرق جي علم دوست فڪر کي آخري دم تائين نه رڳو عملي طور ڦهلايو پر هن پنهنجي شخصيت جي خوبصورت جوهر ۾ سدائين شاندار رهي اتساهه پيدا ڪيو . انهي کان اڳ سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر سونو مل ڪنگهارائي مهمانن کي ڀليڪار ڪندي چيو ته هي سائين ساجنداس جي شخصيت ۽ سنڌس خدمتن تي لکيل هي ڪتاب رڳو لفظن جو مجموعو نه پر محبت، تعليم ۽ خدمت جو استعارو آهي نالي واري ليڪڪا امر سنڌو چيو ته سائين ساجن داس چنڊائي هڪ قابل استاد، تعليمي ماهر اصول پرست انسان ۽ روشن فڪر شخصيت جو مالڪ هو ، جنهن جي زندگي جو هر پل علم ۽ خدمت جي نالي وقف ٿيل هو ۽ هو پنهنجي شخصيت جي جوهر ۾ به نهڏائي شاناٽي ٻولي قربائي لهجي ۽ سٺي روش جو سحر رکندڙ شاناٽو ڪردار هو جنهن پنهنجي ڏيٺن کي انهي دوڙ ۾ پڙهايو جنهن دور ۾ سنڌس قبيلي جا ماڻهو پٽن کي به نه پڙهائيندا هئا . سماجي اڳواڻ پروفيسر پرشوتم واسواڻي چيو ته تعليمدان ۽ سلو استاد سماج سڌارڪ ساجنداس چنڊائي روشنين جو مينار هو هن تعليم ڪاتي جي اسڪولن لکين ٻارن کي پڙهائي نوڪري بعد گهر ويهي رهڻ بدران هن ۽ صون نالي واري تعليمدان اديب حاجي محمد دل سان گڏ ملي ۾ غريبن جا ٻار پڙهائڻ لاءِ سماجي خدمت طور ملي ۾ ڀهرين خانگي اسڪول قائم ڪيو جنهن ۾ سائين ساجن داس چنڊائي آخر تائين خدمت جي جذبي سان پڙهائيندو رهيو هن چيو ته ٿر ۾ تعليم جي ميدان ۾ مثالي خدمتون سرانجام ڏيڻي مثال قائم ڪندڙ سائين ساجن داس چنڊائي حاجي محمد دل پروفيسر شامداس جوشي سروپچند شاد جي نالي تعليمي ادارا قائم ڪري يا موجود ادارن کي سنڌس نالي سان منسوب ڪري سنڌس خدمتن جي مڃتا سان گڏ هنن جي تعليمي مشن کي اڳتي وڌائڻ گهرجي . تقريب کي ليکڪ پروفيسر ڪمليش ولپ خطاب ڪندي چيو ته استاد شاگردن ۾ اخلاق، انسانيت ۽ فڪر جي روشني پيدا ڪندا آهن ۽ سائين ساجنداس حاجي محمد دل ۽ پرشوتم واسواڻي مليءَ ۾ مارئي گرامر اسڪول جو بنياد رکي نياڻين جي تعليم لاءِ رستو هموار ڪيو جيڪو پنهنجي وقت ۾ سماجي تبديليءَ جو انقلابي قدم هو هن چيو ته ساجنداس چنڊائي ڪرينڊ فالوئر نه ڪرينڊ سيٽر استاد هو" صحافي ڪاڪاڻو جاني چيو ته سائين ساجن داس چنڊائي واقعي ملي جو مور ماڻهو هو سنڌس تعليمي خدمتون مثالي آهن جنهن کي ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهجي سائين ساجنداس جي نياڻي ۽ سنڌس شخصيت تي ڪتاب مرتب ڪندڙ ڪملا ساجنداس چيو ته بابا ساجنداس علم ۽ ماڻهپي جو پيندار هو جنهن جي باجهاري شخصيت اسان نياڻين کي اونداهي دور ۾ تعليم جي زيور سان روشناس ڪرڻ جو حوصلو ۽ ڏک ڏنو اهڙا مهان استاد تاريخ ۾ ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن جڏهن ته سماجي اڳواڻ ڪرشن شرما ساجنداس کي قول ۽ فعل جي تضاد کان پاڪ بي لوث ۽ خدمتگار شخصيت قرار ڏنو نالي واري شاعره ڊاڪٽر پشپا ولپ ۽ نالي واري ليکڪ ڊاڪٽر مرلي ٻنهي سائين ساجن داس تي لکيل ڪتاب جي ڇيڇڻ ڪي سائين ساجنداس جي فڪر جو تسلسل قرار ڏنو تقريب کي نالي واري استاد شاعر هيمن داس چنڊائي نالي واري اديب پارو مل امراڻي ثناء الله جماڻي شاعراه گوري ولپ ، ليکڪ اديب دليپ ڪوٺاري ڊاڪٽر راڻو مل پرياڻي پروفيسر ۽ ليکڪ دولترام ڪتري پيشمر ڪوٺاري ۽ ٻين سائين ساجن داس چنڊائي جي تعليمي خدمتن ۽ سنڌس شاندار شخصيت ۽ سماجي خدمت کي ساراهيندي چيو ته ساجن داس چنڊائي پنهنجي نالي جيان پيار ڪرڻ وارو ماڻائتو انسان هو ان موقعي تي مهمانن کي محبتن جي مان ۽ احترام ۾ لوئيون پارايون ويون جڏهن ته نالي واري راڳي ڪريم فقير سر ورڪا ڪئي

بقايا 10 ڪمشنر سکر

ذميداري آهي ارڙي ۽ روبيلا جهڙين بيمارين اسان جي معصوم ٻارڙن جي صحت، نشو نما ۽ سنڌن مستقبل لاءِ وڏو خطرو آهن. اهڙن خيالن جو اظهار ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي والدين جي نالي جاري ڪيل پنهنجي آگاهي پيغام ۾ ڪيو آهي ڪمشنر سکر پنهنجي پيغام ۾ وڌيڪ چيو آهي ته پوري ملڪ جيان سکر ڊويزن ۾ ٻارن کي ارڙي ۽ روبيلا کان بچاءَ جي حفاظتي ٽيڪن جي 12- ڏهاڙن واري قومي مهم 17 نومبر سومر ڏهاڙي کان شروع ٿي رهي آهي جيڪا 29 نومبر تائين جاري رهندي هن چيو آهي ته انهيءَ دوران والدين کي کپي ته اهي پنهنجن ڇهن مهينن کان 5 سالن تائين عمر جي سمورن ٻارڙن کي ويجهي صحت مرڪز پاڙي يا ڳوٺ ۾ ايندڙ صحت ڪاتي جي ٽيمن کان مفت سيليمينٽري حفاظتي ٽيڪو ضرور لڳرائين جڏهن ته گڏوگڏ 5 سالن تائين جي عمر جي سمورن ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا سيليمينٽري ڦڙا به لازمي پيارين هن وڌيڪ چيو آهي ته ماهرين صحت مطابق هي ٽيڪو مڪمل طور تي محفوظ ۽ مؤثر آهي جيڪو ارڙي ۽ روبيلا (ايم-آر) جهڙي بيمارين خلاف هڪجهڙو تحفظ فراهم ڪري ٿو ڪمشنر سکر جو چوڻ آهي ته معاشري جي هر ذي شعور تي اها ذميداري لاڳو ٿئي ٿي ته اهي پنهنجي ۽ پاسي سيني والدين کي ايم-آر جي ٽيڪي جي اهميت کان آگاهه ڪن ڇا ڪاڻ ته اهو ٽيڪو ئي ٻنهي بيمارين کان بچاءَ جو واحد ۽ مؤثر ذريعو آهي ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي چيو آهي ته اسان جي هن ننڍڙي ڪوشش سان اسان جا مستقبل جا معمار گلن جهڙا ٻارڙا بيمارين جي خطرناڪ اثرن کان محفوظ رهي سگهن ٿا. هن چيو آهي ته حڪومت سنڌ ۽ اسان سڀني جو گڏيل مقصد پنهنجن ضلعن، صوبي ۽ ملڪ کي ارڙي، روبيلا ۽ پوليو فري بڻائڻ آهي

بقايا 11 دعويٰ

آءِ اي پوليس پاران راڻي پور ٽول پلازا وٽ چيڪنگ دوران هڪ اهم ڪارروائي ڪئي وئي آهي جنهن ۾ پوليس موجب پشاور کان ڪراچي ويندڙ هڪ ڪار کي شڪ جي بنياد تي روڪيو ويو جنهن جي تلاشي دوران گاڏي مان اعليٰ ڪوالٽي جو 10 ڪلو چرس هٿ آيو آهي جنهن بعد سي آءِ اي پوليس ڪار جي ڊرائيور سميت هڪ منشيات فروش کي گرفتار ڪري ورتو ابتدائي جاچ موجب ٻنهي جو تعلق منشيات جي اسمگلنگ واري نيٽ ورڪ سان هجڻ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي پوليس مطابق گرفتار ٿيل ٻنهي خلاف راڻي پور ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي ته جيئن منشيات جي هن ٽرانسپورٽنگ جي پويان موجود گروهه تائين پهچي سگهجي.جڏهن ته هٿ آيل گاڏي نمبر بي سي اين 359 ڊرائيور واحب الله پٺاڻ ۽ سنڌس گڏ انعام الحق خان پٺاڻ ٻڌايا پيا وڃن جيڪي پوليس تحويل ۾ آهن

بقايا 12 احتجاج

اسلم سومرو،صاحب خان سومرو،نجيب الله نوناري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي مبينا قتل ٿيل شاگرد عبدالله سومرو جي وارثن چيو ته لمس يونيورسٽي جي السينا هاسٽل جو ڪمرو نمبر 144 وڪرم سنگ جو آهي جنهن ۾ ڊاڪٽر عبدالله سومرو کي 19 آڪٽوبر تي رات جو پر اسرار نموني قتل ڪيو ويو جنهن کي اپگهات جو رنگ ڏنو پيو وڃي.هنن چيو ته وڪرم سنگ ، محسن بگهيو ، فيصل جروار ۽ سونو عبدالله سومرو کان پٺو وٺندا هئا ۽ چئيني گڏجي ڊاڪٽر عبدالله سومرو کي قتل ڪيو آهي. هنن چيو ته پوليس 27ڏينهن گذرڻ باوجود ڪا به ڪاروائي نه ٿي ڪري نه ئي قتل ۾ ملوث ڪو جوابدار گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته ڊاڪٽر عبدالله سومرو جي ذاتي استعمال واري موٽر سائيڪل هن وقت تائين جوابدارن جي قبضي ۾ آهي. وارثن وڌيڪ چيو ته ايس ايس پي جامشورو عبدالله جي قتل ۾ ملوث جوابدار گرفتار ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي ، پوليس تمام شاهدين ۽ پوسٽ مارٽم رپورٽ گم ڪري ڇڏيون آهن. جنهن مان ظاهر ٿي رهيو آهي پوليس قاتلن سان ٻٽ ٻڌيل آهي. هنن چيف جسٽس سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ، آئي جي سنڌ ، ڊي آئي جي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته شاگرد عبدالله سومرو قتل واقعي جو نوٽس وٺي قاتلن کي فوري گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 13 احتجاج

ڪنڌائي سول اسپتال سکر پهچايو جتي نوجوان جي صحت ۾ بهتري نه اچي سگهي آهي خليل لغاري جو چوڻ آهي ته نوجوان سان انصاف ڪري غفلت ڪندڙ پوليس اهلڪار خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي زخمي ٿيل نوجوان ساگر ڪمار عرف بلما ميگهواڙ جي پاءُ روشن لال جو چوڻ آهي ته پوليس شهرين تي بنا ڪنهن خوف جي سڌا فائر ڪيا جنهن ڪري منهنجي مسڪين پاءُ سخت زخمي ٿي پيو آهي جيڪو سول اسپتال ۾ پوليس پهچائي بي يارو مددگار ڇڏي وئي آهي ڪو به علاج نه ٿو ٿي جنهن ڪري منهنجي پاءُ زندگي ۽ موت جي جنگ وڙهي رهيو آهي پوليس انتظاميا غفلت ڪندڙ پوليس اهلڪار معان ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي جنهن ڪري اسين وس وارن ڪان مطالبو ڪيون ٿا ته فوري زخمي جو علاج ڪري اسان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 14 ٻه وارداتون

هڪ مهيني اندر شهري هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ رقم ڦرائي ويٺا زرعي ٻج پاڻ جي گودام تان موٽرسائيڪل سوار ٽي هٿيارٻند هٿيارن جي زور تي زرعي ٻج پاڻ جي واپاري سروانند بيشمر لعل کان 40 لک رپيا رقم ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا بئي پاسي پبلڪ ميڊيڪل اسٽور تان هٿيارٻند هٿيارن جي زور تي 8 لک رپيا ڦري فرار ٿي ويا ڪشمور پوليس ڦورن آڏر بيوس بڻجي وئي گڏريل هڪ مهيني اندر ڪشمور شهر جي مختلف هنڌن تان ڪاروباري مرڪزن تان شهري هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ رقم ڦرائي ويٺا ايس ايس پي ڪشمور من پسند 7 اسڪيل جو اهلڪار سفير جاگيراڻي ڪشمور ٿاڻي تي ايس ايڇ او طور مقرر ڪري ڇڏيو ڪشمور شهر جي مين بازار پوليس ٿاڻي کان پنجاهه فوٽ جي مفاصلي تي زرعي پاڻ جي واپاري بيشمر لعل سروانند کان موٽرسائيڪل سوار هٿيارٻند 40 لک رپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا ان کان اڳ مکي نرمل داس کان 20 لک رپيا ڦر ڪيا ويا، نريش بجاج کان 10 لک سنمڪ داس کان 5 لک رپيا شنڪر لعل کان 6 لک رپيا انبس هاءِ وي روڊ تي قائم اسپيئر پارٽس جي دڪان کان 8 لک رپيا ڦر ٿي ويا گڏريل هڪ مهيني اندر ڪشمور شهر جي واپارين کان هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ رقم ڦرجي وئي آهي آئي جي سنڌ ڊي آئي جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي ڪشمور ڪو نوٽس ناهي ورتو شهري غير محفوظ بڻيل آهن متاثر هندو واپاري بيشمر لعل وٽ پ پ ايم پي اي حاجي عبدالرئوف ڪوسو پهتو پوليس کان جوابدار گرفتار ڪرائي ڦر ٿيل رقم ريڪور ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي امن امان قائم ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي آهي

بقايا 15 وارث سخت پريشان

ٿي بند پئجي وئي جنهن انتظاميا جي ڪارڪردگي ۽ شفافيت بابت سنگين سوال اپاري ڇڏيا آهن.ذريعن موجب سول اسپتال ۾ نه رڳو ايم آر آئي مشين پر ٻيون ڪيترين ئي تشخيصي مشينون به اڪثر خراب رهن ٿيون جنهن سبب مريضن کي ضروري ٽيسٽ ڪرائڻ لاءِ بار بار نجي اسپتالن يا ٻين سرڪاري مرڪزن جو رخ ڪرڻو پوي ٿو. پري وارن علائقن مان ايندڙ غريب مريضن لاءِ هي صورتحال وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ آهي چو ته اضافي خرچ ۽ سفر جون مشڪلاتون انهن جي علاج ۾ وڏي رڪاوٽ بڻجي رهيون آهن.ريڊيالوجي شعبي سان لاڳاپيل ذريعن جو چوڻ آهي ته ايم آر آئي مشين جي مرمت لاءِ ڪروڙين رپيا خرچ ڪيا ويا، پر مشين جي بيهر خراب ٿيڻ ڪان پوءِ اهو شڪ پيدا ٿئي ٿو ته ڇا واقعي معيار مطابق مرمت ڪئي وئي يا نه. ٻي طرف مريضن جو چوڻ آهي ته روزانو سوين ماڻهو ايم آر آئي لاءِ اسپتال اچن ٿا پر مشين بند هئڻ سبب انهن کي نااميدي سان واپس وڃڻو پوي ٿو.شهري حلقن پاران مطالبو ڪيو ويو آهي ته صحت کاتو سنڌ ۽ اسپتال انتظاميا فوري طور خراب مشينن جي مرمت، مڪمل شفاف انڪوائري ۽ مستقل حل لاءِ قدم کڻن ته جيئن عوام کي بنيادي صحت جون سهولتون بنا ڪنهن رڪاوٽ جي فراهم ٿي سگهن.واضح رهي ته سکر سول اسپتال ضلعي ۽ پرپاسي وارن علائقن جي لکين ماڻهن لاءِ وڏو سرڪاري علاج مرڪز آهي جتي مشينن جي بار بار خرابي ۽ انتظامي غفلت سبب عوام ۾ شديد بيچيني پيدا ٿي رهي آهي.

بقايا 16 ڪرڻ جو فيصلو

صدارت ڊائريڪٽر (هيومن رائيٽس) آغا فخر حسين ڪئي، جڏهن ته پروفيسر ڊاڪٽر نثار سوهو ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ، سينيٽر ڪلينڪل سائيڪالاجسٽ، اسپتال انتظاميا، سي اي او هينڊز مقبول راهو ۽ هينڊز جي ٻين نمائندن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ چيوريوٽ هينڊز پاڪستان جو بهترين ترقياتي ۽ صحت جي شعبي جو ادارو آهي.اجلاس ۾ وزيراعليٰ سنڌ جي معاون خصوصي براءِ انساني حق راڄ وير سنگهه سوڍو جي وژن تحت ڪيو ويو جنهن جوچوڻ آهي ته ذهني صحت جون خدمتون قانوني معاونت جو نظام ۽ ڪميونٽي سطح تي نفسياتي ۽ سماجي مدد خصوصي طور سنڌ جي پٺتي پيل علائقن ۾ وڌيڪ منظم ۽ مضبوط ڪيون وڃن.اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته اسپتال جي اندر گڏيل هيومن رائيٽس ۽ ليگل سپورٽ يونٽ قائم ڪيو ويندو، جيڪو انساني حقن ۽ اسپتال انتظاميا جي گڏيل سهڪار سان هلندو هي يونٽ اسپتال ۾ علاج هيٺ سڀني مريضن کي قانوني رهنمائي حقن جي تحفظ ۽ قانوني ڪارروائي ۾ مدد فراهم ڪندو.ان موقعي تي وڌيڪ طئي ڪيو ويو ته سنڌ جي ٿرپارڪرجي علائقن ۾ وڌندڙ خودڪشي جي واقعن تي خاص ڌيان ڏنو وڃي. قائم ڪيل لاڳاپيل يونٽ خودڪشي جي وڌندڙ رجحان جي پس منظر ۾ سماجي نفسياتي ۽ قانوني سببن جي روڪٿام لاءِ ڪم ڪندو.انسٽيٽيوٽ جي سينيئر نفسياتي ماهرن تي مشتمل ٽي رڪني ڪميٽي جوڙڻ جو به فيصلو ڪيو ويو جيڪا تازين خودڪشين جي سلسلي وار واقعن جي جاچ ۾ سهڪار ڪندي. انساني حق جوڪاٽو ڪنٽينجنسي بنيادن تي 10 نفسيات ماهر ڀرتي ڪندي جڏهن ته اسپتال انهن کي باضابط تربيت ۽ رهبري فراهم ڪندو. هينڊز ان مقصد لاءِ قابل اميدوارن جي نامزدگي ۾ مدد ڪندو. انهن مان چار نفسيات ماهر ٿرپارڪرسميت پٺتي پيل ضلعن مان چونڊيا ويندا ته جيئن هو مقامي سطح تي جلد ۽ مؤثر خدمتون ڏئي سگهن.ان موقعي تي ڊائريڪٽر انساني حق سنڌ آغا فخر حسين اسپتال جي مختلف وارڊز جو معائنو ڪيو عملي سان ملاقات ڪئي ۽ مريضن کي فراهم ڪيل سهولتن جو جائزو ورتو.

بقايا 17 آرڊر ورهايا

عورتن آفيسرن ۾ آرڊر ورهايا.تفصيل موجب SPSCجي امتحان ۾ ڪامياب ٿيندڙ 79 اميدوارن ۾ 66 مرد ۽ 13 عورتون شامل آهن. ان کان علاوه پنج مرد ۽ هڪ عورت پوليس ڪانسٽيبل به ڪميشن جو امتحان پاس ڪري بطور ASI (BPS-11) ترقي حاصل ڪئي، جيڪا محڪمي جي ڪارڪردگي ۽ ميرٽ تي پرڻين جو واضح ثبوت آهي اپائنٽمينٽ آرڊر ورهائڻ واري تقريب دوران ايس ايس پي سکر اظهر خان نون آفيسرن کي شموليت تي مبارڪباد ڏيندي چيو ته سنڌ پوليس کي پنهنجي نوجوان آفيسرن تي فخر آهي جيڪي عوامي خدمت ۽ قانون جي بالادستي جي جذبي سان سرشار آهن.هن وڌيڪ چيو ته نون ASIsکي گهرجي ته هو پنهنجون ذميواريون ايمانداري، ديانتداري، نظم ۽ ضبط ۽ پيشاورانه مهارت سان نڀائين | شهرين جي خدمت ۽ هڪ مثالي پوليس فورس جي قيام لاءِ اخلاق شائستگي ۽ عوام سان بهترين رويو اختيار ڪرڻ لازمي آهي.ايس ايس پي اظهر خان اميد ظاهر ڪئي ته سڀ نوان آفيسر پنهنجي ڪارڪردگي،ڪمٽمينٽ ۽ فرض شناسي سان پوليس کاتي جو نالو روشن ڪندا ۽ ضلعي ۾ امن امان کي وڌيڪ مؤثر بڻائيندا.تقريب ۾ اعليٰ پوليس آفيسرن تربيت يافته اميدوارن ۽ انهن جي وارثن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. نوان ڀرتي ٿيل ASIsجلد پنهنجا فرض سنڀالي وٺندا.

بقايا 18 احتجاج جاري

گهرن تي مراد علي شاهه هٿيار بند ٻهاري قبضو ڪيو آهي جيڪا سراسر ناانصافي آهي.ان سلسلي ۾ اڳوڻو ايم پي اي سيد مراد علي شاهه چيو ته اهيا زمين منهنجي آهي جنهن جا سوري نمبر ۽ ڪاغذ موجود آهن. تفصيل موجب پرپاسکي ۾ اڳوڻو ايم پي اي سيد مراد علي شاهه جي مبينا زيادتي خلاف قرآن پاڪ هٿن ۾ کڻي جوڳي محلا کان ٿاڻي تائين سوين عورتن مردن ۽ معصوم ٻارڙن بخشل جوڳي رمضان جوڳي ٻانهو جوڳي سليم جوڳي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي ٻڌايو ته اسان سٺن سالن کان هتي آباد آهيون پيپلز پارٽي جا ووٽر آهيون سيد مراد علي شاهه اسان جي گهرن ۾ ڏوهاري قسم جا ماڻهو سيال ۽ ڪلهوڙا برادري جا ماڻهو ويهاري ڇڏيا آهن. جيڪي اسان کي گهر خالي ڪرڻ لاءِ حراسان ڪري رهيا آهن .جيڪا سراسر زيادتي آهي هنن چيو ته اسان غريب ۽ مسڪين آهيون اسان پنهي پيٽ گذر ڪندا آهيون ۾ مراد علي شاهه اسان کان گهر اجها خالي ڪرائي رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته مراد علي شاهه قبضي جي آڙ ۾ اسان جي برادري کي پاڻ ۾ ويڙهائي خونريزي ڪرائڻ چاهين ٿو هنن وزير اعليٰ سنڌ گهرو وزير ضياالحسن لنجار ۽ ٻين کان معاملي جو نوٽيس وٺي تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي جڏهن ته ٻئي پاسي اڳوڻو ايم پي اي سيد مراد علي شاهه رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته مان ڪنهن جي به پلاٽن تي قبضو ناهي ڪيو.جاٿايل زمين ۽ پلاٽ منهنجي ذاتي سروري نمبر 561 . 776 . 773هن منهنجي والد جوڳي برادري کي ويهاريو هو هاڻي مالڪ بڻجي ويا آهن ۽ هو ٻين سياسي ماڻهن جي هٿن ۾ ڪيڏين پيا.

بقايا 19 موڪل جو اعلان

نومبر سومر ڏينهن کان چام صاحب شهر ۾ شروع ٿيندڙ جيڪي 19 نومبر تائين جاري رهنديون ضلع انتظاميه پاران شهيد بينظيرآباد ضلع ۾ عرس جي پهرين ڏينهن 17 نومبر سومر تي مقامي موڪل ڪئي وئي آهي جڏهن ته پوليس پاران عرس دوران سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا آهن 17 نومبر تي سخي چام ڏاتار جي عرس جو باقائدا افتتاح ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن شهمير خان پلو ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي، درگاهه جو سجاده نشين فقير نويد حسين وسطڙو پ پ ضلع صدر محمد سالم زرداري درگاهه تي چادر چاڙهي ڪندا.عرس جي ٻئي ڏينهن تي شام جو درگاهه جي احاطي ۾ پاڪستان عالمي مشائخ ڪائونسل پاران امن ڪانفرنس پڻ منعقد ڪئي ويندي جنهن ۾ سمورين درگاهن جا گادي ۽ سجاده نشين شرڪت ڪري بزرگن جي ڏنل پيغام کي عام ڪندا عرس مبارڪ جي حوالي سان ٽائون انتظاميان پاران شهر ۾ صفائي سٿرائي سميت عرس تي ايندڙ پانڌيئڙن کي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ انتظام ڪيا ويا آهن عرس جي موقعي تي ٽن ڏينهن واري تقريبن ۾ مختلف ڪاتن پاران سائنسي ثقافتي، زراعت سميت ٻيا استال لڳايا ويا آهن عرس جي پهرين ڏينهن تي شام جو7 وڳي انجمن قلندري سخي چام ڏاتار پاران بس اسٽاپ کان درگاهه تائين چادر پوشي لاءِ ريلي ڪڍي ويندي جڏهن ته عرس جا ٽئي ڏينهن ڪوڏي ڪوڏي راند، گهوڙن جي ڊوڙ سنڌ جي ثقافتي راند ملهه جي مقابلن کان علاوه ڪرڪيٽ ۽ ٻين راندين جا مقابلا منعقد ڪيا ويندا ميلي جي آخري ڏينهن تي ضلع انتظاميان پاران راڳ رنگ جي محفل ۽ سگهڙ ڪچهري پڻ منعقد ڪئي ويندي جنهن ۾ سنڌ جا مشهور فنڪار ۽ سگهڙ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا.

بقايا 20 اعجاز احمد چنڊ

لاسز ۾ نمايان گهٽتائي، گهٽڻ فيڊرن تي لوڊشيڊنگ صفا ختم — بجلي چورن ۽ سنڌن سهولتڪارن خلاف سخت ڪارروائيون سکر اليڪٽرڪ پاور ڪمپني (سيپڪو) جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر اعجاز احمد چنڊ چيو آهي ته سنڌس هڪ سال دور ۾ سيپڪو جي ڪارڪردگي ۾ نمايان بهتري آئي آهي جڏهن ته وڌيڪ سڌارن لاءِ اڃا به وڏي گنجائش موجود آهي جنهن لاءِ لاڳيتا قدم کنيا پيا وڃن هن چيو ته منهنجو هدف آهي ته سيپڪو کي ملڪ جي بهترين ۽ نمبر ون بجلي ڪمپني بڻايو وڃي.پنهنجي آفيس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي سي اي او اعجاز چنڊ ٻڌايو ته گذريل هڪ سال دوران سيپڪو جي لائن لاسز ۾ قابل ذڪر گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي.هن چيو: "اسان جو سڄو ڌيان لائن لاسز گهٽ ڪرڻ، رڪوري بهتر بڻائڻ ۽ صارفين کي وڌيڪ سهولتون فراهم ڪرڻ تي آهي "سي اي او موجب پلاري انتظامي قدمن ۽ مؤثر حڪمت عملي سبب ڪيترن ئي فيڊرن تي لوڊشيڊنگ مڪمل طور ختم ڪئي وئي آهي.هن چيو: "لوڊشيڊنگ جي حوالي سان عوام کي ڀرپور رليف ڏئي رهيا آهيون "اعجاز احمد چنڊ وڌيڪ ٻڌايو ته بجلي چوري روڪڻ لاءِ وفاقي حڪومت، وفاقي وزير توانائي اويس لغاري ۽ وزير مملڪت عبدالرحمان ڪانجو جي هدايتن تي وڏي پيمائي تي قدم کنيا ويا آهن جن سان بجلي چوري ۾ نمايان گهٽتائي آئي آهي.هن ٻڌايو ته بجلي چوري خلاف جاري مهم دوران نه رڳو بجلي چور گرفتار ڪيا ويا آهن بلڪ انهن جي سهولتڪارن جن ۾ سيپڪو جا آفيسر ۽ عملي جا ماڻهو شامل آهن خلاف پڻ سخت قدم کنيا ويا آهن. سي اي او چيو: "بجلي چوري ۾ ملوث سيپڪو ملازمن جا ڪيس ايف آءِ اي ڏانهن موڪليا ويا آهن "هن چيو ته بجلي چور ملڪ ۽ قوم جا دشمن آهن ۽ ڪنهن به قسم جي رعيت جا مستحق ناهن.تنهن ڪري بجلي چوري جي معاملي تي زيرو ٽالرنس پاليسي لاڳو آهي.آخر ۾ اعجاز احمد چنڊ عوام ۽ بجلي صارفين کي اپيل ڪئي ته سيپڪو سان تعاون ڪيو وڃي.هن چيو: "بجلي چورن جي سڃاڻپ ڪريو ته جيئن انهن خلاف فوري ڪارروائي ڪري قومي خزاني کي نقصان کان بچائي سگهجي"

بقايا 21 تقسيم ڪيون

مشهور ڊاڪٽر پهتا مريضن جو مفت چڪاس ۽ دوائون ڏنيون ويون اڄ سماجي تنظيم اڏيرو لال ويلفيئر آرگنائيزيشن ٽرسٽ جي سهڪار سان ڪڏڙو ۾ مفت ميڊيڪل ڪئمپ قائم ڪئي وئي ڪئمپ ۾ مختلف مرضن جا مشهور ڊاڪٽر ڊاڪٽر آسودو مل .ڊاڪٽر سڪندر راهو .ڊاڪٽر صادق سيال .ڊاڪٽر ارشد چاريڪو .ڊاڪٽر پريات ڪمار . ٿيليسميا ڪيئر سينٽر جو .ڊاڪٽر غلام نبي چنا ۽ ٻيا ڊاڪٽر پهتا هن ڪئمپ ۾ آيل مريضن جو مفت ۾ چڪاس ڪرڻ بعد کين دوائون به مفت ۾ ڏنيون ويون هن ڪئمپ ۾ سانگهڙ .سنجهورو شهدادپور شاهپور چاڪر جي آسپاس جا وڏي تعداد ۾ مرد عورتون ۽ ٻارڙا علاج لاءِ پهتا جڏهن ته هن ڪئمپ ۾ خصوصي سهڪار سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر اشوڪ ڪمار پريملاڻي .ڊاڪٽر ڏتي بخش ماري .استاد رمضان ملڪ .ارشاد ملڪ ۽ ٻين ڪيو ڪئمپ شام تائين جاري رهي اختر ماري رپورٽر ڪڏڙو

بقايا 22 شرڪت

پاسي منصور حيات بلوچ سان تعزيت جو سلسلوجاري جنهن عبرت اخبار جي مالڪ قاضي اسد عابد ايم پي اي غلام قادر چانڊيو خالد ڪوڪر ٽيليفون ذريعي تعزيت ڪندي ڏک جواظهار ڪيو ٻئي طرف ڳوٺ شڪل پهچي سيٺ رفيق توڪل آپڪا اڳواڻ نانا جمال خان ٻلال نظاقت علي ارباب مولوي اعجازمجيداڻو قربان پنهور قمرعلي ملوڪاڻي دلاورپگهيو نويدراجپوت ولي محمد چانڊيو لال محمد چانڊيو ڪامران سمون ايوب لاڪو وڏيروصديق ڪوسو رفيق جت قاضي جت دلاور راجپوت عبدالغفوراڌا پاٿو گل حسن چانڊيو وڏيرو ٽوهو خاصخيلي ليموچو پرويز احمد ميمڻ ايوب ارباب مولوي ماسترالهه بچايوچانڊيو منصور حيات بلوچ خالد حيات بلوچ جاويد حيات بلوچ ۽عبدالرحمان چانڊيو سان تعزيت ڪئي ٻئي طرف تعزيت جو سلسلوجاري آهي

بقايا 23 اغوا جو شڪ

سنڌس ڪابه مدد نه ڪئي آهي هن گهر واري ۽ ٻارن جي اغوا ٿيڻ جو خدشو ظاهر ڪندي وس وارن کي تدارڪ جي اپيل ڪئي آهي

بقايا 24 محمود سومرو

جنهن پارليامينٽ ۾ عملي مخالفت ڪئي مخالف ووٽ ڏيندڙ ميمبر خلاف ڪارروائي مڪمل جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي سيڪريٽري جنرل علامه راشد خالد محمود سومرو چيو آهي ته 27هين آئيني ترميم صوبائي خودمختياري کسڻ ۽ هڪ شخص کي غير معمولي طاقت ڏيڻ جي خطرناڪ ڪوشش آهي هن چيو ته جي يو آءِ پاڪستان ئي واحد جماعت آهي جنهن سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي ٻئي ايوانن ۾ هن ترميم جي عملي واضح ۽ دليريءَ سان مخالفت ڪئي جڏهن ته مخالف ڌر هئڻ جا دعويدار وڏا پارٽيڙا رڳو بيانن تائين محدود رهيا ۽ ووٽ ڏيڻ وقت غائب ٿي ويا.علامه سومرو الزام هنيو ته دباءَ وجهي جي يو آءِ جي هڪ رڪن کان ووٽ ورتو ويو جنهن جي ڪا اهميت ناهي پارٽي انهيءَ رڪن خلاف سخت ڪارروائي به مڪمل ڪري ڇڏي آهي. اهي خيالات هن جامعه اسلاميه اشاعت القرآن حماديه پيارو واهه روهڙي ۾ ڪارڪنن سان خطاب ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي ظاهر ڪيا. هن موقعي تي صوبائي امير مولانا عبدالقيوم هاليجوئي علامه ناصر محمود سومرو مولانا محمد صالح انڍڙ حافظ عبدالحميد مهر ۽ ضلعي عهديدار وڏي تعداد ۾ موجود هئا.ترميم نه معاشي سڌارو آڻيندي، نه قرض گهٽائيندي صرف هڪ شخص کي مضبوط ڪرڻ جي سازش علامه سومرو چيو ته 27هين ترميم سان نه معاشي حالتون بهتر ٿينديون نه ملڪ جا قرض گهٽبا ۽ نه ئي عوام کي ڪو رليف ملندو ترميم جو اصل مقصد رڳو هڪ شخص کي طاقتور ڪرڻ ۽ سنڌ جي وسيلا تي سنڌس قبضي کي برقرار رکڻ آهي.هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن صوبن جي خودمختياري تي حملو ڪيو ويو ته جي يو آءِ اهڙو جواب ڏيندي جو نه ترميم بچندي ۽ نه ئي حڪمران.هن چيو ته سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي ڳڻتي جوڳي بڻجي وئي آهي.ميرپورخاص ۾ 8 ورهين جي نياڻيءَ سان زيادتي کان پوءِ قتل ۽ رتوديرو ۾ 4 ورهين جي ٻار جو قتل واضح ثبوت آهي ته سنڌ پوليس امن قائم ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي چڪي آهي.علامه سومرو چيو ته سنڌ حڪومت جو ڊاڪون مخالف آپريشن صرف نمائشي آهي. هن دعويٰ ڪئي ته حڪومت پستول کان وٺي ايل ايم جي ۽ اينٽي ايئرڪرافٽ گن تائين ڊاڪن کان خريد ڪري، انهن کي سرنڊر دوران ريڊ ڪارپيٽ ڏئي نوازيو."80 ڊاڪون سرنڊر ڪرايا وڃن جو دعويٰ ڪيو ويو پر عدالت ۾ صرف 35 پيش ڪيا ويا."هن چيو ته اهو طريقو رياست کي ڪمزور ۽ ڊاڪن کي وڌيڪ طاقتور ڪندي ۽ اهي ئي ماڻهو سياڻي بيهر ڏوهه ڪندا ۽ حڪومت سان نئون معاهدو ڪندا.علامه سومرو چيو ته سنڌ جي صحت نظام ۾ هر مهيني اربين روپين جي ڪرپشن ٿي رهي آهي جڏهن ته 60 لک کان وڌيڪ ٻار تعليم کان محروم آهن.حڪمرانن جي ترجيحن ۾ عوام شامل نه آهي بلڪ ڪابينا وڌائڻ مشيرن جو تعداد وڌائڻ ۽ تاحيات استثنيٰ حاصل ڪرڻ شامل آهن."ڇا آئين، قانون يا اسلام تاحيات استثنيٰ جي اجازت ڏين ٿا؟ هي قوم سان مذاق آهي.هن چيو ته جمعيت علماءِ اسلام قيادت تي ٿورا نه پر ڪيترائي خودڪش حملا ٿيا باوجود ۾ 90 جنازا هڪ ئي ڏينهن ڪلٿا پيا، پر ان باوجود جي يو آءِ ملڪ جي سلامتيءَ لاءِ ڊوڙ ۾ اڳيان رهي.علامه سومرو چيو ته آمريڪا، ڀارت ۽ مغرب گڏيل مفادن لاءِ هڪ پيج تي آهن جڏهن ته پاڪستان کي رڳو بيانن ۽ تعريفن تي ٽاريو پيو وڃي.ٽرمپ ڀارت سان وڏا معاشي معاهدا ڪري رهيو آهي جڏهن ته پاڪستان کي صرف بيان ملي ٿو."هن چيو ته هي تنهي ملڪن جو گڏيل ڳهه جوڙ پاڪستان کي خطي ۾ ڪمزور ڪرڻ جي سازش آهي.علامه سومرو دعويٰ ڪئي ته سنڌ جا 16 نوجوان بلوچستان ۾ اغوا آهن ۽ حڪومت انهن جي بازيابي ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي.افغان مهاجرن بابت هن چيو ته افغانستان هاڻي معاشي بحالي طرف وڌي رهيو آهي، تنهنڪري مهاجرن کي واپس وڃڻ گهرجي، البت جن افغانن هتي اربين رپيا سيڙايا آهن،حڪومت کي انهن جو معاوضو ڏيڻ گهرجي.علامه سومرو چيو ته مولانا فضل الرحمان جي واپسيءَ بعد جي يو آءِ 27هين آئيني ترميم خلاف مڪمل ملڪ گير تحريڪ جو اعلان ڪندي، ۽ سنڌ هن تحريڪ ۾ صفِ اول جو ڪردار ادا ڪندو.

بقايا 25 ميلو منعقد

صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي ايم پي اي هير سوهو ، پ پ ضلعي سجاول جي سرگرم اڳواڻ لطيف ميمڻ ارباب رميز الدين ميمڻ ڊاڪٽر اقبال ميمڻ واحد پرهياڙ راجه زميز دين زئور سميت صوفي شاهه عنايت پريس ڪلب ميرپوربٺورو جي صدر خالد ڪٽي جنرل سيڪريٽري امتياز علي سومرو بابو خيرپوري ڪريمڏاڏ چانڊيو عبدالغفور ميمڻ قاسم رنگريز انتظار ڪٽي اشرف چانڊيو نظير لاشاري سجل شوراڻي قربان چانگ ساگر خاصخيلي سجاد سومرو قيوم ملاح سميت ٻين ۽ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي پ پ اڳواڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته 27 هين ترميم ميثاق جمهوريت جو حصو هو جنهن تي پيپلزپارٽي عمل ڪندي پئي اچي، انهن چيو ته موجوده آرمي چيف حاليا ۾ هندستان ۽ پاڪستان وچ ۾ ٿيندڙ ڇڪتاڻ تي هندستان کي بهادري سان جواب ڏئي پوري دنيا ۾ پاڪستان جو نالو بلند ڪري ڇڏيو جنهن ڪري اسين پنهنجي هيروز کي فيلڊ مارشل جو عهدو ڏنو آهي جيڪو سٺي ڳالهه آهي اها هڪ مڃتا آهي هنن چيو ته جڇن جون استعيفا ڏيڻ انهن جو ذاتي عمل آهي پر اهڙي ڪابه ڳالهه نه ٿي آهي جنهن کي غلط چئجي، هنن چيو ته ميلا ملاڪڙا سنڌ جي ثقافت آهن سنڌ ۾ لڳندڙ ميلن ۾ سنڌ جي ثقافت کي اجاگر ڪيو ويندو آهي هي ميلو اسان جي پ پ اڳواڻ سجاد شورو پنهنجي شهيد پائرن ڊاڪٽر شمس شورو ۽ شهيد شهزاد شورو جي ياد ۾ هرسال جيان هن سال به لڳايو آهي جيڪو علائقي واسين لاءِ تفريح بڻيل آهي ميلي ۾ آشارام ڪوهستاني رفيع خواجا عبدالغني راهمون جنيد ميمڻ ۽ ٻيا گڏ هئا

بقايا 26 منعقد ڪئي وئي

پاڪ تي روشني وڌي وئي. مجلس جي سرپرستي سيد زاهد حسين شاهه سيد عابد حسين شاهه سيد نصرت حسين شاهه ۽ سيد ڪميل شاهه پاران ڪئي وئي علماءِ ڪرام پاران پنهنجي خطاب ۾ سيدة النساء العالمينؑ جي فضيلتن ڪردار ۽ اسلامي تاريخ ۾ سنڌن عظمت کي اجاگر ڪيو.شرڪت ڪندڙ مومنين چيو ته اهڙيون مجالس نه رڳو ديني شعور ۾ واڌارو ڪن ٿيون پر محبت اهل بيت عليهم السلام کي به وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون ان موقعي تي لنگر نياز جو پڻ اهتمام ڪيو ويو

بقايا 27 عقيدت پيش

شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ميڙاڪي جي صدارت ڳوڙهي ياسين پريس ڪلب جي صدر سليم احمد سومرو ڪئي تعزيتي ميڙاڪي جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي، جنهن بعد مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا گهري وئي ان کان پوءِ شرڪت ڪندڙن مرحوم جي صحافتي خدمتن سنڌس جدوجهد ۽ شخصيت تي تفصيلي گفتگو ڪئي ان موقعي تي پريس ڪلب جي صدر سليم احمد سومرو جنرل سيڪريٽري حبيب الله ڪمبوهه،ڳوڙهي ياسين پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري حبيب الله ڪمبوهه ، آجيانو پيش ڪيو مرحوم اسلم سومرو جي فرزند همير سومرو، سميت پريس ڪلب جي سينئرن صحافين جنهن شهمير علي جمالي ، شفيق احمد مهر ، نائب صدر مور خان جتوئي ، سينئر نائب صدر غلام قادر ابڙو ،پريس ڪلب جي خزانچي محڪم الدين مهر ،فائق خان پٺاڻ ،پريس ڪلب ڊپٽي جنرل سيڪريٽري محبوب علي ديناري ، علاوه الدين مهر ،بلاول سومرو ،نويد احمد سومرو ، ان سان گڏ مدڻجي کان سڪندر علي راهوجو عبدالوحيد جوڪيو ڊکڻ کان اصغر علي ٿهيم سجاد احمد پٺو مسلم چانڊيو شڪارپور پريس ڪلب جو نائب صدر ديدار احمد سومرو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته اسلم سومرو شڪارپور ضلعي جي صحافت جو اهڙو نالو هو جيڪو سچائي اصولن ۽ جرئت جي علامت بڻجي رهيو هن هر حال ۾ قلم کي ايمانداري سان استعمال ڪيو هو ڪنهن جي خوف يا لالچ هيٺ نه آيو اسان ڪيس صحافت جو فخر سمجهون ٿا، اسلم سومرو نه رڳو هڪ صحافي هو پر نئين نسل لاءِ هڪ ادارو هو هن شاگردن کي سيکاريو ته صحافت ۾ ضمير ايمانداري ۽ سچائي سڀ کان اهم شيون آهن هو جڏهن به ميدان ۾ نڪرندو هو ته ماڻهن جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪندو هو ڳوڙهي ياسين تعلقو ٽوڙي جو بدامني قبيلائي جهيڙن ۽ ٻين اهم مسئلن جو ڳوڙهه رهيو آهي اتي اسلم سومرو هميشه دليري سان صحافت ڪئي، هنن چيو ته اسلم سومرو پنهنجي قلم سان مظلوم ۽ پٺتي پيل ماڻهن جي ترجماني ڪئي سنڌس رپورٽون حڪومت جي ڌيان جو مرڪز بڻبيون هيون چو ته هو ڳالهه دليل ۽ ثبوت سان ڪندو هو اهڙو صحافي گهٽ پيدا ٿيندو آهي اسلم سومرو هميشه چوندو هو ته 'قلم امانت آهي، ان سان ڪوڙ لکڻ گناهه آهي' هو واقعي پنهنجي لفظن سان عبادت ڪندو هو اسلم سومرو هڪ نه فقط بهترين صحافي پر هڪ بهترين انسان به هو سنڌس چهري تي هميشه مسڪراهٽ هوندي هئي هو دوستن جي ڏکن ۾ ساٿ ڏيندو هو ۽ خوشين ۾ حصو وٺندو هو اهڙا ماڻهو معاشري جو حقيقي اثاثو هوندا آهن، سنڌس جو خال پرڻ انتهائي مشڪل آهي سنڌس جي اوچتي موت تي انتهائي ڏک پهتو آهي سنڌس جي صحافتي خدمتن ۽ دوستن سان هميشه ڏک سک ۾ گڏ رهڻ واري شخصيت کي ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهجي اسلم سومرو جهڙو باهمت، ايماندار ۽ جرئتمند صحافي هميشه دلين ۾ زنده رهندو تعزيتي ميڙاڪي جي آخر ۾ فاتحه خواني ڪئي وئي ۽ مرحوم جي اهل خانه سان دلي همدرديءَ جو اظهار ڪيو ويو

بقايا 28 ڏرين وٽ پهتو

برادرين ڏانهن ڌهرڪي کان نڪتل امن قافلو سيد لال شاهه ، مير پور ماٿيلو جي مينگهواڙ برادري جي مکي سنتوش ڪمار، سماجي اڳواڻ اڪبر علي ڪنب ۽ ڌهرڪي جي مقامي صحافي اعظم سهرياڻي پاڪستان پيپلزپارٽي جي جنرل سيڪريٽري نظر حسين چارڻ بخاري سيد ذوالفقار شاهه اڳواڻي ۾ بينظير چوڪ تي پهتو جتي امن قافلي جي اڳواڻي ڪندڙن جو چوڻ آهي قبيلائي جهڙن جي ڪري اسان جي ڪيترن ئي نوجوانن جو زندگيون کسجي ويون آهن ۽ سنڌن ٻارڙا يتيم ٿي ويا آهن سنڌن گهر اجڙي ويا آهن اسين امن جو پيغام کڻي سنڌن وٽ وڃي رهيا آهيون انشاء الله ڪجهه جا ماڻهون امن قافلي کي سٺي موٽ ڏيندا ۽ ڦاهه لاءِ راضي ٿيندا جنهن بعد امن قافلي ۾ صحافي، سماجي ، شهرين توڙي علائقي واسين پاران معصوم ٻارڙن ۽ نياڻين کي ساڻ ڪري پاڪ ڪتاب هٿن ۾ کڻي ميڙ منٿ قافلو رانوتي جي ڪچي ڏانهن روانو ٿي ويو آهي جتي امن قافلو جهڙيندڙ ڏرين شر برادري ، سيلرا برادري ۽ ڏوناڏو برادرين وٽ پهچندو جتي ڏرين کي قبيلائي جهڙا ختم ڪرڻ لاءِ نياڻين کي ميڙ ۽ پاڪ ڪتاب جا واسطا ڏنا ويا جتي امن قافلو سڀ کان شر برادري جي عمر شر جي پٽ شهزادو شر وٽ پهتا جتي پاران امن قافلي کي مان ڏيندي جتي شر برادري جي اڳواڻي ڪندڙ شهزادو شر جو چوڻ هو ته اسين پاڪ ڪتاب ۽ نياڻين کي مان ڏيون ٿا سيلرا برادري ۽ ڏونڌو برادري ۽ پتو برادري سان ڦاهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيون جهڙي دوران اسان جا ڪسيل هٿيار سيلرا برادري کان واپس ڪرايا وڃن پوءِ فيصلو ڪيو ويندو هوڏانهن ٻئي سيلرا برادري جي اڳواڻي ڪندڙ امان الله سيلرو ۽ ڏنڌو برادري جي اڳواڻي ڪندڙ قائم ڏونڌو به امن قافلي کي مان ڏيندي ڦاهه لاءِ راضپو ظاهر ڪندي چيو آهي ته جيڪي امير مقرر ڪيا ويندا تن وٽ اسين فيصلو ڪنداسين جڏهن تاريخ مقرر ڪندا جنهن بعد امن قافلو ڪوش برادري وٽ پهتو جتي امن قافلي کي سٺو موٽ ڏني وئي آهي اهڙي جهڙيندڙ ڏرين ڏي امن قافلو وڃڻ بعد ڏرين پاران سيز فائر به ڪيو ويو آهي جيستائين فيصلي جي تاريخ مقرر نٿي ٿئي ته ڏرين ۾ هڪ ٻئي معان ڪو به فائرنگ نه ڪئي ويندي

بقايا 29 اسپتال منتقل

گولين هڻي سرٽينگ ڪري موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا اطلاع تي واپاري جي وارثن واقعي واري هنڌ پهچي واپاري کي اعلاج لاءِ فيض گنج جي سرڪاري اسپتال داخل ڪرايو جتان طبي امداد ڏيڻ بعد واپاري کي خيرپور اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي واپاري جي وارثن موجب حسين شر گهر کان ٻاهر نڪتو ته لنڪ روڊ تي هٿيارٻندن هن کان موٽر سائيڪل ڦر ڪئي مزاحمت ته هن کي گوليون هنيون ويون آهن وارثن مطالبو ڪيو آهي ته واقعي ۾ ملوث جوابدسر گرفتار ڪري بدامني تي ڪنٽرول ڪرايو وڃي جڏهن ته واقعي بعد حد جي پوليس پهچي ڦورن جا پيرا پڻ کنيا جڏهن ته زخمي واپاري جي فرياد تي فيض گنج ٿاڻي تي ٽن نامعلوم جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته ڪابه گرفتاري عمل ۾ اچي نه سگهي آهي

بقايا 30 ڪهڙائي زخمي

مزاحمت دوران مون تي چاقن جا وار ڪري سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويو زخمي کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سکر اسپتال ريفر ڪيو ويو

بقايا 31 ماڻهو زخمي

پهچي زخمين کي فوري طبي امداد ڏني ۽ ٻين کي مٽياري ڊي ايڇ ڪيو اسپتال مٽياري پهچايو ويو ، زخمين ۾ 12 سالا شاهزيب، 5 سالا اصغر رحيمان مريم سلمان، ڊرائيور شهزاد اريشا ۽ ٻيا شامل آهن ڪوچ ملتان کان ڪراچي وڃي رهي هئي، ياد رهي ان موڙ جي ويجهو اين ايڇ اي آفيس پڻ آهي پر پيٽرولنگ نه هجڻ سبب حادثه روز جو معمول آهن

بقايا 32 ڪامران ٽيسوري

پيچڪڙي حادثن جو مک سبب آهن جڏهن ته غير تربيت يافته ڊرائيور ۽ خراب روڊ پڻ حادثن ۾ واڌ جو سبب بڻجي رهيا آهن گورنر سنڌ زور ڏنو ته ٽريفڪ ضابطن تي سختي سان عمل ڪرڻ سان حادثن کي گهٽائي سگهجي ٿو هن چيو ته وڏن شهرن ۾ جديد ٽريفڪ مئنيجمينٽ سسٽم جو قيام ناگزير ٿي چڪو آهي جڏهن ته عوامي آگاهي مهمون حادثن جي شرح کي گهٽائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون ڪامران خان ٽيسوري وڌيڪ چيو ته ڊرائيورن جي مناسب تربيت حادثن جي خطرن کي گهٽائي ٿي ۽ ڊرائيونگ لائسنس جاري ڪرڻ ۾ سختي عوامي حفاظت لاءِ ضروري آهي هن چيو ته حڪومت ۽ عوام کي گڏجي حادثن کي روڪڻ لاءِ ذميوار ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ته جيئن قيمتي انساني جانيون بچي سگهن

بقايا 33 اسپتال منتقل

گاڏي جي ٽڪر سبب پيش آيو ٻڌايو پيو وڃي. فوت ٿيل جي فوري طور تي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي ۽ سنڌس عمر لڳ ڀڳ 26 سال ٻڌائي پئي وڃي بهرحال پوليس حادثي جي وڌيڪ جاچ ۽ فوت ٿيل جي سڃاڻپ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي

بقايا 34

جهامن راٺوڙ پنهنجي دوستن سان گڏ ڪيرو هڪ شادي جي دعوت تي وڃي رهيو هو ته راٺا جاگير وٽ موٽر سائيڪل ۽ ڊمپر سان ٽڪر جي نتيجي ۾ پاگچند ڪولهي ٽڏي تي فوت ٿي ويو زخمين ۾ موهن سنڌي جي حالت سيريس ٻڌائي پئي وڃي جنهن کي حيدرآباد ريفر ڪيو آهي ،جڏهن ته راٺا جهامن راٺوڙ کي معمولي ڌڪ لڳو آهي نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 35 رهڻ جو نقصان

جي ماليت 15ڪان 20ڪروڙ رپيا ٿئي ٿي هن چيو ته حسيني هائٽس جي بلڊر 2017ع ۾ اسڪيم شروع ڪئي جنهن جي اسان 42لک رپيا مڪمل رقم ادا ڪري نو ڊيوز سرٽيفڪيٽ پڻ حاصل ڪري چڪا آهيون جڏهن ته فليٽن جي تعمير جو ڪم اڃان مڪمل ناهي ڪيو ويو ۽ بلڊر عبدالستار ڀٽ،ان جو پائيوار سنڌ جو ڪلارڪ مظهرعباس سومروشڪيل احمد هنگورو،آفتاب سومرو،منيجر زبير هنگورو ۽ هڪ سرڪاري ڪاتي جو ڪلارڪ معشوق سومرو آهن فليٽن جي هيرا ڦيري ۾ برابر جا شريڪ آهن. هن چيو ته فليٽن جي مالڪي گهرڻ تي بلڊر ۽ ان جا ساٿي ڌمڪين تي لهي آيا آهن ۽ سرزمين تي وڃڻ تي مقرر هٿيارٻند اورنگزيب سري ۽ ٻيا ڌمڪائن پيا.هن چيو ته منهنجي فليٽ سوڌو 25خريدارن جي فليٽن جا ڊبل فائل تيار ڪري وڪرو ڪري ڇڏيا آهن.هن نيب،اينٽي ڪرپشن سوڌو اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته ماري جو نوٽس وٺي فليٽن جو قبضو ڏياري ڪرپشن ۾ ملوث بلڊر ۽ ان جي ساٿين خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا 36 خدشو

سامنا ٿي سگهي ٿو ڌابيجي پمپنگ اسٽيشن ڪراچي جي اهم علائقن لاءِ هڪ اهم پاڻي جي فراهمي اسٽيشن آهي ۽ ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن پاران هلائي ويندي آهي ماضي ۾، اسٽيشن جي بندش جي ڪري اورپر ۽ وچ ضلعن جي ناظم آباد، نيو ڪراچي لانڍي ۽ ڪورنگي علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي متاثر ٿي آهي ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي ترجمان چيو ته ڌابيجي اسٽيشن جي فيز 2 ۾ صبح 6:35 تي بجلي جي وڏي بندش ٿي. ترجمان موجب، لائن نمبر 5 متاثر ٿي آهي ۽ فيز 2 جا ٻه پمپ بند ڪيا ويا آهن جنهن جي نتيجي ۾ 100 ملين گيلن پاڻي جي کوٽ پيدا ٿي آهي ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن يقين ڏياريو آهي ته متاثر لائن جي مرمت 'هنگامي بنيادن' تي مڪمل ڪئي ويندي ۽ اسٽيشن انتظاميا مرمت کي وقت تي مڪمل ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري رهي آهي ڪوشش ڪري رهيو آهي مرمت مڪمل ٿيڻ کان پوءِ، ڌابيجي پمپنگ اسٽيشن جو نظام معمول مطابق ڪم ڪندو ياد ڏيارڻ طور تي ڌابيجي اسٽيشن تي 3K پمپنگ هائوس ڪيبل فالٽ جي ڪري 5 نومبر کان 36 ڪلاڪن لاءِ بند ڪيو ويو هو ڌابيجي اسٽيشن شهر جو مکيه پاڻي جي فراهمي جو مرڪز آهي ۽ مسلسل بجلي جي فراهمي تي منحصر آهي بجلي جي مختصر بندش به فوري طور تي پاڻي جي فراهمي کي متاثر ڪري ٿي هي اسٽيشن گذريل 10 سالن کان خراب سار سنڀال ۽ ٽيڪنيڪل مسئلن جو شڪار آهي ۽ هن سال ڪيترائي ناڪاميون ٿيون آهن جنهن جي ڪري شهري مختلف علائقن ۾ پاڻي جي بحران کي منهن ڏئي رهيا آهن جنوري ۾ ٻه، ڌابيجي اسٽيشن تي بجلي جي بندش جي ڪري، 2 پاڻي جون پائپ لائنون ڦاٽڻ جي نتيجي ۾ 100 ايم جي ڊي پاڻي جي کوٽ پيدا ٿي جون جي آخر ۾، اسٽيشن 3 ڏينهن تائين بجلي کان سواءِ رهيو جنهن جي نتيجي ۾ 350 ايم جي ڊي پاڻي جي کوٽ پيدا ٿي گذريل مهيني، ڌابيجي اسٽيشن تي هڪ پمپ سار سنڀال لاءِ بند ڪيو ويو هو جڏهن ته نارٿ ايسٽ پمپنگ اسٽيشن اڳ ۾ ئي بجلي جي بندش جو شڪار آهي. ماڻهو گهڻو ڪري شهر ۾ مسلسل پاڻي جي کوٽ جي ڪري پاڻي جي ٽينڪرن تي ڀروسو ڪن ٿا، پر اهي پاڻي ڪارپوريشن کي هر ضلعي لاءِ مختص ڪيل پاڻي کان وڌيڪ بڪنگ ملندي آهي جنهن ڪري پاڻي حاصل ڪرڻ ۾ مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن

بقايا 37 نوجوان قتل

دوست محمد ڪوسو واسي 35سالا نوجوان عبدالغفور ڪوسو کي قتل ڪري سنڌس گهرواري صائمه ڪوسو کي اغوا ڪري کڻي فرار ويا هٿيارٻند جڏهن ٽي پٽ کپي گهر ۾ داخل ٿيا ته سامهون ويٺل عبدالغفور ڪوسو سنڌن معان فائرنگ ڪري ڏني جنهن ۾ حملي آورو ياسين ڪوسو شعبان ۽ محمد خان زخمي ٿي پيا قتل ٿيندڙ جون گوليون ختم ٿيڻ سبب هٿيارٻندن فائرنگ ڪري نوجوان پريمي عبدالغفور کي ڪي قتل ڪري نوابشاهه شهر جي فوجي ڪالوني جي نواجون ناري پريميڪا صائمه ڌي شعبان ڪوسو کي ڪار وجهي کڻي فرار ٿي ويا ، مقتول نوجوان پريمي 10 ڏينهن اڳ نوابشاهه مان گهران نڪري صائمه ڪوسو سان پسند جو پرڻو ڪري شادي ڪئي هئي اطلاع تي شهدادپور پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي سمس اسپتال آندو ايس ايڇ او شهدادپور عمران چانڊيو ٻڌايو ته پوليس فرار ٿي ويل هٿيارٻند ماڻهن جي پٺيان موڪلي ناڪا بندي ڪرائي وئي آهي جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو هوڏانهن زخمي نواب شاهه اسپتال داخل ڪيا ويا آهن جن جو موقف آهي ته اسان جي ڇوڪري کي عبدالغفور ڪوسو ڪٺي ويو واپس وٺڻ وياسين ته فائرنگ ڪئي اٿن جنهن ۾ زخمي ٿيا آهيو پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

بقايا 38 چنگيز پنهور

مهمانن کي ويلڪم ڪيو ويو ان موقعي تي مولابخش پنهور ۽ استاد علي حسن پنهور پاران سنڌ جي ثقافت اجرڪن ، لونگين . ۽ ٽوپين جا تحفا پيش ڪرڻ سان گڏ گلن جا هار پارايا ويا ان موقعي تي قومي سردار مير الحاج چنگيز خان پنهور . مير فهد خان پنهور .نور مصطفا پنهور .عبدالحق پنهور .پيار علي پنهور . ڳوٺ ڏتي بخش پنهور جي سرگرم سماجي اڳواڻ استاد علي حسن پنهور سان نياڻي جي وفات تي ساڻس تعزيت ڪندي دعا گهري بئي طرف پنهور برادري سان مخاطب ٿيندي چيف سردار مير چنگيز خان پنهور چيو ته شهدادپور ۾ مولابخش پنهور ۽ استاد علي حسن پنهور. گل حسن پنهور عبدالخالق پنهور جيڪو استقبال ڪيو ۽ محبتون ڏنيون سنڌن ٿورائتو آهيان ساڻن ملاقات تي بيحد خوشي ٿي آهي هن چيو ته پنهور برادري سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڏي اڪثريت سان آباد آهي سموري برادري کي گهرجي ته پاڻ ۾ ايڪو اتحاد پيدا ڪري ۽ پنهنجي اولاد کي تعليم ڏياري تعليم انسان کي ادب اخلاق سجاڻپ ۽ ترقي واري منزل ڏيکاري ٿي شهدادپور جا پنهور جس لهڻن جيڪي ان عمل تي روان دوان آهن استاد علي حسن جهڙا انسان به پنهنجي تعليم واري شمع کي اڳتي کڻي نڪتا آهن الله ڪندو منزل تي ضرور ماڻيندا هن پنهور برادرس کي اپيل ڪئي ته رابطا سازي کي تيز ڪريو ۽ ڪي به مسئلا هجن ته اهي پاڻ ۾ ويهي حل ڪريو موڪي مدعو ڪري وٺندو ته به برادري لاءِ هر وقت منهنجا دروازا کليل آهن ڏک سک ۾ برادري سان گڏ آهيان.مولابخش پنهور استاد علي حسن پنهور منهنجي ٻاڙو آهن آخر ۾ ننڍڙي مرد مجاهد فقير احمد حسن پنهور پڻ آيل مهمانن کي ثقافتي تحفا پيش ڪيا ويا.

بقايا 39 وسي سلهائي وٺي

جو تاج آهن شهيدن جو قربانيون وطن عزيز جي تاريخ جو روشن باب آهن تفصيل مطابق انهن عظيم شهيدن ميجر واصف حسين شاهه شهيد، ميجر حسيب شهيد ۽ حوالدار نور احمد شهيد شامل آهن ميجر واصف شاهه شهيد آپريشن ضرب عضب دوران بهادري سان وڙهندي 15 نومبر 2014ع تي شهادت ماڻي ميجر واصف حسين شاهه شهيد جي بهادري تي ڪيس ستاره بسالت سان به نوازيو ويو ميجر محمد حسيب شهيد ۽ حوالدار نور احمد شهيد بيباڪ بهادر ۽ وطن تي جان ڏيڻ جو عزم رکندڙ اهي مجاهد آهن جن وطن خاطر شهادت ماڻي ميجر محمد حسيب شهيد ۽ حوالدار نور احمد شهيد 14 نومبر 2024ع تي دهشتگردن خلاف بلوچستان (هرنائي) ۾ آپريشن دوران بهادري سان وڙهندي شهادت ماڻي شهيدن جون عظيم قربانيون وطن عزيز جي هر جوان لاءِ مشعل راهه آهن

بقايا 40 ڏک جو اظهار

دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ پوئينرن کي صبر عطا فرمائي

بقايا 41 جماعت اسلامي

آهي دنيا جي تاريخ شاهد آهي ته جيڪو به ملڪ آءِ ايم ايف وٽ ويو اهو ترقي نه پر تباهي ۽ بربادي ڏانهن وڌيو هن وقت ملڪ جو اڌ سالياڻو بجيٽ وياج ۽ قرضن جي واپسي ۾ هليو وڃي ٿو وفاقي وزير خزانه پاران قومي اسيمبلي ۾ سال 2025 دوران سرڪاري قرضن ۾ 9.3 ٽريلين رپين جي اضافي وارو بيان حڪومت جي معاشي ترقي جي دعوائن جي خلاف آهي. بيروني ۽ اندروني قرضن جو بار گهٽائڻ لاءِ وڌيڪ قرض نه بلڪ حڪومتي شاهاڻي خرچن ۾ گهٽتائي، وي آءِ پي ڪلچر جو خاتمو ۽ سادگي ۽ ڪفايت شعاري اختيار ڪرڻ تمام ضروري آهي "بدلايو نظام" جي سري هيٺ مينار پاڪستان تي رٿيل اجتماع عام تاريخ ساز ٿيندو جنهن ۾ امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان ملڪ جي ترقي عوامي خوشحالي ۽ آمريڪي غلام قيادت کان نجات جو ايجنڊا پيش ڪندو اهڙن خيالن جو اظهار هن مٽياري ۾ اجتماع عام جي تيارين جي سلسلي ۾ ضلعي ذميوارن جي اجلاس کي خطاب ڪندي ظاهر ڪيو ان موقعي تي صوبائي نائب امير محمد افضال آرائين ڊپٽي جنرل سيڪريٽري سهيل احمد شارق ضلعي امير فقير محمد لاڪو ۽ ٻيا ذميوار پڻ موجود هئا. ڪاشف سعيد شيخ وڌيڪ چيو ته قوم سڀني سياسي پارٽين کي آزمائي ڏٺو پر سڀني عوام کي مايوس ڪيو چو ته جهنڊا بدلائڻ سان نه پر نظام بدلائڻ سان ئي ملڪ ۽ قوم جي تقدير بدلائي سگهجي ٿي تنهنڪري جماعت اسلامي ملڪ جي مڪمل نظام کي تبديل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي.

بقايا 42 گورنر

آهي. گورنر ڪامران خان ٽيسوري چيو ته سنڌ جي سڃاڻپ هم آهنگي پائيداري ۽ مختلف ثقافتن جو احترام آهي اهي قدر صوبي جي اصل طاقت آهن هن ماڻهن کي اپيل ڪئي ته اختلاف راءِ جي باوجود هڪ ٻئي کي قبول ڪن ڇاڪاڻ ته رواداري ڪمزوري جي نشاني ناهي پر مضبوط ڪردار ۽ اعليٰ اخلاق جي نشاني آهي سنڌ جي گورنر نوجوان نسل تي زور ڏنو ته اهي رواداري، امن ۽ انساني وقار جو پيغام پکيڙين ته جيئن سماج وڌيڪ مستحڪم ۽ خوشحال بڻجي سگهي

بقايا 43 علي خورشيدي

۾ داخل آهن ۽ فوري هنگامي قدمن جي ضرورت آهي هن وڌيڪ چيو ته 5 هزار کان وڌيڪ ڪيسن مان 774 مثبت ڪيس رپورٽ ٿيا، جيڪو حڪومتي ڪاروائين تي سواليه نشان آهي علي خورشيدي زور ڏنو ته حڪومت صرف دعوائون نه ڪري، عملي قدم کڻي عوام کي بچائڻ لاءِ اڳتي اچي هن عوام کي احتياطي تدابير اختيار ڪرڻ جي اپيل ڪندي چيو ته اسپري مهم ۽ صفائي جي ذميواري به حڪومت تي آهي علي خورشيدي موجب ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ وڌندڙ ڪيس انتظامي غفلت جو واضح ثبوت آهن

بقايا 44 پاڻي جو احتجاج

قابو آندي جنهن سان وڌيڪ نقصان ٿيڻ کان بچي ويو حادثي جي سببن بابت اڃا تائين پڪ سان ڪجهه چئي نٿو سگهجي پر ابتدائي طور چيو پيو وڃي ته ٻارڻ لاءِ رکيل ڪاٺ يا چلهه مان لڳي پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي متاثر ڏتي حاجي پيرل بلوچ جو چوڻ آهي ته 5 قيمتي ڍورن جي مرڻ سبب ڪيس لکين روپين جو نقصان ٿيو آهي هن ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته تفصيلي جاچ ڪرائي واقعي جو سبب معلوم ڪري متاثر ڏتي جي مالي مدد ڪئي وڃي

بقايا 45 4ماڻهو فوت

بيڙي اونڌي ٿيڻ سبب چار ماڻهو ٻڏي فوت ٿي ويا. ميڊيا رپورٽن موجب ڪيليفورنيا جي شهر امپيريل بيچ ويجهو بيڙي اونڌي ٿيڻ سبب بيڙي ۾ سوار 5 ماڻهو ٻڏي ويا، جن مان 4 فوت ٿي ويا آهن جڏهن ته هڪ زخمي ٿي پيو حادثو رات جو دير سان پيش آيو ٻڏي فوت ٿي ويل ماڻهن جا لاش حادثي واري جاءِ جي ويجهو مليا جڏهن ته زخمي شخص کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 46 سهيل آفريدي

سهيل آفريدي چيو ته پشاور صوبي جو گادي جو هنڌ آهي ۽ ان کي سڀ کان وڌيڪ خوبصورت بڻائڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي هن چيو ته خيبر پختونخواهه جي ماڻهن سڀ کان وڌيڪ قربانيون ڏنيون آهن اسان وٽ خالص هائيڊل منافعي ۾ 2200 ارب رپيا واجب الادا آهن هاڻي تائين اسان جي قبائلي ضلعن پاران 700 ارب رپيا ڪمايا ويا آهن جن مان 500 ارب رپيا اڃا تائين باقي آهن هن چيو ته اين ايف سي ۾ اسان جو حصو 19.4 سيڪڙو آهي وفاق کي پنهنجي ذميواري پوري ڪرڻ گهرجي ۽ خيبر پختونخواهه جي ماڻهن سان سوٽيلي ماءُ جهڙو سلوڪ بند ڪرڻ گهرجي وڏي وزير چيو ته هن پيري اهي وڌيڪ ڪم ڪندا، قانون ۾ ڪنهن کي به ڇوٽ نه ڏيندا، پاليسيون عوامي مفاد ۾ ڏاهيون ويندي، عوام مطمئن ٿيندو ۽ اهي سياسي جدوجهد ذريعي باني جي آئين مطابق ڪم ڪندا.

بقايا 47 نومبر تي ٿيندي

جدت متعارف ڪرائي ويندي هئي جاري بيان مطابق ڪانفرنس جو عنوان "نئين نسل جي ڊال: ون هيلٿ ويڪسينيشن نوجوان جي صحت ۽ موسمياتي تبديلي" آهي ڪانفرنس جو افتتاح صحت وارو وفاقي وزير سيد مصطفيٰ ڪمال ڪندو ڪانفرنس پاڪستان ۾ عوامي صحت، وبائي مرضن نوجوانن جي صحت، ويڪسينيشن ڪلائيميٽ چينج ۽ ماحولياتي سلامتي جي مستقبل تي عالمي معيار جي بحث جو اهم فورم ثابت ٿيندي ان ۾ قومي ۽ عالمي ماهر پاليسي ساز ۽ محقق شرڪت ڪندا ته جيئن موجوده ۽ مستقبل جي عام صحت جي چئلينجز تي تفصيلي ڳالهيون ڪري سگهجن ايڇ ايس اي جي وائيس چانسلر چيو ته اها ڪانفرنس ون هيلٿ ماڊل ذريعي پاڪستان ۾ وبائن کان تحفظ، ماحولياتي خطرن، غذائيت ۽ هيلٿ سيڪيورٽي کي هڪ گڏيل قومي حڪمت عملي ۾ ضم ڪرڻ طرف تاريخي قدم ثابت ٿيندي هن چيو ته نوجوان نسل جو تحفظ ئي پاڪستان جو اصل مستقبل آهي

جيڪب آباد لڳ موٽرسائيڪل ٽرڪ هيٺيان اچڻ سبب هڪ فوت، ٻيو زخمي

ستي ٿاڻي جي حد جنرل بس اڏي پرسان موٽرسائيڪل اوچتو ٽرڪ جي هيٺيان اچي وئي

حادثي سبب درشن لال زخمن جا سور نه سهندي دم ڏنو، اجي ڪمار سخت زخمي ٿي پيو

پوليس زخمي ۽ لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيا، پوسٽ مارٽم بعد مڙهه وارثن حوالي

جيڪب آباد (ن ع) جيڪب آباد جي ستي ٿاڻي جي حد جنرل بس اڏي پرسان موٽر سائيڪل اوچتو ٽرڪ جي هيٺيان اچي وڃڻ جي نتيجي ۾ شڪارپور جا رهواسي موٽر سائيڪل سوار درشن لال اوڊ ۽ اجي ڪمار

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪيرو لڳ نوجوان ناري مبينا طور اغوا، ڪيس داخل، 4 ڄڻا گرفتار

ڳوٺ لعل سيال مان 18ورهين جي صائمه، ڌي فضل آرائين مبينا طور اغوا ٿي وئي

وارثن پاران ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪرڻ بعد پوليس 4 ڄڻن کي حراست ۾ وٺي جاچ شروع ڪئي

ڪيرو (ن ع) ڪيرو ويجهو ڪيرو ويجهو ڳوٺ ٻوڙيجي واسي 18 ورهين جي ناري صائمه ڌي فضل آرائين مبينا اغوا وارثن ٿاڻي رپورٽ داخل ڪرائي پوليس 4 ڄڻا حراست ۾ وٺي ڇڏيا. الزام هيٺ آيل ڌر گهر خالي ڪري وئي ڪيرو لڳ سانگهڙ روڊ تي ڳوٺ لعل سيال مان فضل احمد

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سيٺارجا بالا جو رهواسي معصوم ٻنيگر پراسرار نموني گم، وارث سخت پريشان، ڳولها ۾ مدد جي اپيل

سيٺارجا (ن ع) سيٺارجا بالا جي رهواسي راشد علي ملاح جو 12 سال پٽ ذاڪر علي شاهر جو گهر کان سيٺارجا شهر طرف ڪم سانگي نڪتو هيو جيڪو ڪافي ڳولها باوجود هٿ ناهي اچي سگهيو جنهن حوالي سان سندس وارث سخت پريشان آهن ان

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

مورو لڳ پورهيت جي گهر کي باهه، الهه تلهه سڙي رک، متاثر پاران مدد جي اپيل

مورو(ن ع) مورو پرسان ڳوٺ قمرالدين چانڊيو لڳ الهه جڙيو لاشاري جي گهر کي اچانڪ باهه وڪوڙي وئي جنهن ڪري گهر ۾ پيل سمورو سامان جنهن ۾ روڪ رقم سونا زيور ڪپڙا وغيره ۽ ٻيو قيمتي سامان سڙي رک ٿي ويو جنهن ماليت لکين

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

اسلامڪوٽ: ٿرڪول جي ملازمن پاران ڪمپني خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٿرڪول ڪمپنين جي ناانصافين خلاف سوين ملازمن جي 36 ڪلاڪن کان ڪم ڇڏ هڙتال جاري

ڪمپنين پاران مسئلا حل ڪرڻ بدران پوليس طلب، پورهيتن کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش

اسان کان ڊيوٽي پوري ورتي وڃي ٿي پر اسان جا جائز مطالبا نٿا مڃيا وڃن،ها ملازمن سان سراسر ناجائزيون آهن:مظاهرين

بليڪ لسٽ ڪري روزگار کسڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن، اسان جي ڳالهين ڪير به نٿو ٻڌي، انصاف ڪيو وڃي

اسلام ڪوٽ(رپورٽ:سڪندر علي ٻجير) ٿرڪول بلاڪ ون تي ڪم ڪندڙ سائينو سنڌ ۽ هونڊا ڪمپني جي زيادتين ۽ پگهارن مان ڪٽوتي خلاف سوين مزدورن پاران 36 ڪلاڪن کان لڳاتار ڪم

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ محمد صالح لنڊ جي برادري جي اڳواڻن سان ملاقات

محمد صالح لنڊ، سندس فرزند اسد علي، ولي محمد لنڊ بلوچ سان ملاقات ڪئي

ملاقات دوران لنڊ برادري جي اهم مسئلن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

دادو(ع ر) روزاني عبرت ڪراچي ۾ ايڊورٽائيزمينٽ شعبي سان لاڳاپيل محمد صالح لنڊ بلوچ سندس فرزند اسد علي لنڊ بلوچ عبرت جي دادو ضلع جي نمائندي ولي محمد لنڊ بلوچ جي يونين ڪائونسل امينائي جي چيئرمين سرفراز نبي لنڊ سان سندس ڳوٺ ۾ ملاقات ڪئي ۽ لنڊ برادري

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ارڙي ۽ روبيلا بيماريون ٻارڙن جي صحت، نشو و نما ۽ مستقبل لاءِ وڏو خطرو آهن: ڪمشنر سکر

سکر (بيورو رپورٽ) الله تعاليٰ جي عطا ڪيل سڀ کان وڏي نعمت اسان جا ٻار آهن سندن صحت ۽ پلاڻي اسان جي اولين

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: فوت ٿيل شخص جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

مٺي ۾ ساڄنداس چنڊاڻي جي تعليمي ۽ سماجي خدمتن تي مڃتا ۾ تقريب

ڪملا ساڄنداس پاران ڪتاب "مٺي جو مور ماڻهو" جي مهورت پڻ ڪئي وئي

ساڄن داس چنڊاڻي واقعي مٺي جو مور ماڻهو هو سندس تعليمي خدمتون مثالي آهن:مقرر

مٺي (ڊ-ر) ٿر جي نالي واري تعليمدان ۽ سماج سڌارڪ ساڄنداس چنڊاڻي جي تعليمي ۽ سماجي خدمتن جي مڃتا ۾ ٿر پريس ڪلب مٺي جي آڊيٽوريم ۾ ساڄنداس چنڊاڻي يادگار ڪاميٽي پاران منعقد تقريب ۾ سندس ڌي ڪملا پاران سائين ساڄن چنڊاڻي جي شخصيت ۽

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

راڻيپور لڳ سي آءِ اي پوليس پاران ٻن جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

راڻي پور(ن ع) راڻي پور ٽول پلازه تي ڊي آءِ جي سکر فيصل عبدالله چاچڙ جي هدايتن تي ايس ايس پي خيرپور حسن سردار نيازي جي ٽيم سي آءِ اي انچارج ممتاز بروهي جي اڳواڻي ۾ منشيات خلاف وڏي ڪاروائي ڪئي وئي آهي خيرپور سي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

JUST TRANSITION
ONLY WITH RIGHTS FOR ALL PEOPLES

سکر: ناري فائونڊيشن ۽ انڊس ڪنسورشيم پاران ماحولياتي انصاف لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد ۾ ذهني صحت لاءِ هيومن رائيٽس ۽ ليگل سپورٽ يونٽ قائم ڪرڻ جو فيصلو

انساني حقن واري کاتي پاران سر ڪائوس جي جهانگير انسٽيٽيوٽ آف سائڪائٽري ۾ اعليٰ سطحي دورو

ذهني صحت جون خدمتون، نفسياتي ۽ سماجي مدد خصوصي طور پٺتي پيل علائقن ۾ وڌيڪ منظم ۽ مضبوط ڪيون وينديون:راج وير سنگهه سوڍو

انسٽيٽيوٽ ۾ ٽي رڪني ڪميٽي جوڙڻ جو فيصلو 10 نفسيات ماهر ڀرتي ڪيا ويندا، چار پٺتي پيل ضلعن مان چونڊيا ويندا

حيدرآباد(رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) حڪومت جي انساني حقن واري کاتي پاران سر ڪائوس جي جهانگير انسٽيٽيوٽ آف سائڪائٽري حيدرآباد جو هڪ اعليٰ سطحي دورو ۽ رابطي واري اجلاس ٿيو اجلاس جي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ايس ايس پي سکر ضلعي جي نون چونڊيل مردن ۽ عورتن آفيسرن ۾ آرڊر ورهايا

ايس پي ايس سي ذريعي امتحان ۾ ڪامياب ٿيندڙ 79 اميدوارن ۾ 66 مرد ۽ 13 عورتون شامل

اميد آهي ته نوان آفيسر ڪارڪردگي ۽ فرض شناسي سان کاتي جو نالو روشن ڪندا: ايس ايس پي

سکر (بيورو رپورٽ)سکر پوليس ۾ نين ڀرتين جو مرحلو مڪمل ٿي ويو آهي. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (SPSC)ذريعي ڪامياب ٿيندڙ 79 اميدوارن کي اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر (ASI)طور اپائنٽمينٽ آرڊر جاري ڪري ڇڏيا ويا. ايس ايس پي سکر اظهر خان ضلعي جي نون چونڊيل مردن ۽

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سخي جام ڏاتار جي 754 هين ساليانو عرس مبارڪ جون تياريون مڪمل، اڄ پوري ضلعي ۾ موڪل جو اعلان

جام صاحب(ن ع) سنڌ جي مشهور بزرگ سيد اصغرعلي شاهه المعروف سخي جام ڏاتار جي 754 هين ساليانو عرس مبارڪ جون ڪن ڏينهن واريون سرڪاري تقريبون 17

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي جي جوڳي برادري جو اڳوڻي ايم پي اي جي زيادتين خلاف احتجاج جاري

مظاهرين بخشل رمضان، ٻانهون سليم جوڳي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

گهرن تي مراد علي شاهه هٿياربند ويهاري سراسر ناانصافي ڪئي آهي، نوٽيس ورتو وڃي

زمين ۽ پلاٽ منهنجي ذاتي آهي والد جوڳي برادري کي ويهاريو ته مالڪ بڻجي ويا آهن: مراد علي شاهه

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي جي جوڳي برادري جو ٽئين ڏينهن به اڳوڻي ايم پي اي سيد مراد علي شاهه جي مبينا زيادتين خلاف قرآن پاڪ هٿن ۾ کڻي جوڳي محلي کان ٿاڻي تائين ريلي ڪڍي سخت احتجاج مظاهرو ڪيو. پرياسٽي ٿاڻي تي رپورٽ داخل. اسان جي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

سيپڪو کي پاڪستان جي نمبر ون بجلي ڪمپني بڻائڻ منهنجو هدف آهي: سي اي او اعجاز احمد چنڊ

سکر (بيورو رپورٽ) سيپڪو کي پاڪستان جي نمبر ون بجلي ڪمپني بڻائڻ منهنجو هدف آهي هڪ سال ۾ ڪارڪردگي بهتر ٿي آهي: سي اي او اعجاز احمد چنڊ لاٽن

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي: جوڳي محلا جا رهواسي اڳوڻي ايم پي اي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪنڍڙو ۾ سماجي تنظيم پاران ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي مريضن ۾ مفت دوائون تقسيم ڪيون ويون

ڪنڍڙو (ن ع) سماجي تنظيم اڏيرو لال ويلفيئر آرگنائيزيشن ٽرسٽ جي سهڪار سان ڪنڍڙو ۾ مفت ميڊيڪل ڪئمپ قائم ڪئي وئي ڪئمپ ۾ مختلف مرضن جا

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ مرحوم بلال چانڊيو جي ٽيجهي، ڳوٺاڻن جي شرڪت

منصور حيات بلوچ سان قاضي اسد عابد، غلام قادر چانڊيو سميت ٻين اڳواڻن جي تعزيت

مولوي اعجازمجيداڻو، قربان پنهور، قمرعلي ملوڪاڻي، دلاوربگهيو ۽ ٻين پڻ تعزيت

هالا (ت ر) مرحوم حيات بلوچ جي نياڻو عبرت اخبار هالا جي رپورٽر منصورحيات بلوچ جو ڦلاٽ بلاول چانڊيو جو ٻه ڏينهن اڳ ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿيل بلاول چانڊيو جو ٽيجهو سنڌس ڳوٺ شڪل چانڊيو ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ ڳوٺاڻن ۽معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ٻئي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ پورهيت ٻارن جي راند جا رانديڪا وڪرو ڪري رهيو آهي

ڪوٽڙي ۾ دوا وٺڻ لاءِ ويل ناري ٻن ٻارڙن سميت گم، پورهيت مڙس جو احتجاج، اغوا جو شڪ

ڪوٽڙي (ن ع) سائيٽ ڪوٽڙي واسي پورهيت غلام شبير صحافين اڳيان احتجاج ڪندي ڄاڻايو آهي ته چار ڏينهن اڳ سندس گهر واري ٻن معصوم ٻارن سميت دوا لاءِ وئي جنهن بعد لاڳيتو ڳولا جي باوجود سندس ڪو پتو نه پيو آهي سندس پاران پوليس ۾ رپورٽ جي باوجود پوليس

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

27هين ترميم سان نه معاشي حالتون بهتر ٿينديون، نه ملڪ جا قرض گهٽبا: راشد محمود سومرو

ترميم صوبائي خودمختياري کسڻ ۽ هڪ شخص کي طاقت ڏيڻ جي خطرناڪ ڪوشش آهي

جي يو آءِ واحد جماعت آهي جنهن سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي ۾ ترميم جي عملي، واضح ۽ دليريءَ سان مخالفت ڪئي

صوبن جي خودمختياري تي حملو ڪيو ويو ته جي يو آءِ اهڙو جواب ڏيندي جو نه ترميم بچندي ۽ نه ئي حڪمران

سکر (بيورو رپورٽ) 27هين آئيني ترميم صوبن جي خودمختياري تي حملو آهي، هڪ فرد کي غير معمولي اختيار ڏيڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي: علامه راشد محمود سومرو جي يو آءِ ئي واحد جماعت آهي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ٺلوري ۾ پ پ اڳواڻ شهيد شمس شورو، شهيد شهزاد شورو جي ياد ميلو منعقد

صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي ۽ ايم پي اي هير سوهو سميت اڳواڻن شرڪت ڪئي

ميلا ملاکڙا سنڌ جي ثقافت آهن ميلن ۾ سنڌ جي ثقافت کي اجاگر ڪيو ويندو آهي:اڳواڻ

ميرپوربٺورو(ن ع) ميرپوربٺورو لڳ پ پ اڳواڻ شهيد ڊاڪٽر شمس شورو، شهيد شهزاد شورو جي ياد ۾ پ پ ڪلچرل ونگ ضلعي سجاول جي صدر سجاد شورو پاران ڳوٺ سليمان شورو ۾ هر سال جيان هن سال به ميلو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ پيپلزپارٽي ضلعي سجاول جي صدر ۽

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

لڪي غلام شاهه ۾ عظمتِ سيده فاطمه الزهراءِ جي عنوان سان هڪ روح پرور مجلسِ عزا منعقد ڪئي وئي

لڪي غلام شاهه(ن ع) انجمنِ اڪبريا امام بارگاهه لڪي غلام شاهه ۾ عظمتِ سيده فاطمه الزهراؑ جي عنوان سان هڪ روح پرور مجلسِ عزا منعقد ڪئي وئي. مجلس ۾ شهر جي مذهبي ۽ سماجي شخصيتن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ۽ [illegible] جي سيرتِ

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي پريس ڪلب ۾ صحافي مرحوم اسلم سومرو جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو، خراجِ عقيدت پيش

ڳڙهي ياسين (ن ع) ڳڙهي ياسين جي سينئر صحافي مرحوم اسلم سومرو جي ياد ۾ پريس ڪلب پاران پريس ڪلب ۾ هڪ شاندار تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو جنهن ۾ شڪارپور ضلعي جي صحافين، سياسي، سماجي ادبي ۽ شهر جي مختلف

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

CONVOCATION
Ceremony

چنيوٽ: وفاقي وزير قيصر شيخ يونيورسٽي ۾ ڊگريون ورهائڻ واري تقريب ۾ شريڪ آهي

سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ
بند ڪريو
سنڌياڻي تحريڪ

حيدرآباد: سنڌياڻي تحريڪ پاران نوان صوبا ٺاهڻ خلاف ڪيل احتجاجي ڌرڻي جو ڏيک

سڪرنڊ ويجهو ٽرالر تيز رفتاري سبب ڪلٽي، ڊرائيور فوت، هڪ ڄڻو زخمي

صابو راهو اسٽاپ وٽ ڪراچيءَ کان پنجاب ويندڙ ٽرالر اوچتو ڪلٽي ٿي پيو

حادثي ۾ ڊرائيور عدنان آرائين ٿلهي تي ئي فوت ۽ نذير احمد زخمي ٿي پيو

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ کان 10 ڪلو ميٽر پري قومي شاهراهه تي صابو راهو اسٽاپ وٽ ڪراچيءَ کان پنجاب ويندڙ ٽرالر اوچتو ڪلٽي ٿي پيو جنهن سبب ٽرالر ڊرائيور عدنان آرائين ٿلهي تي ئي فوت ٿي ويو جيڪو پنجاب جي شهر صادق آباد جو ٻڌايو پيو وڃي جڏهن ته ٽرالر جو سيڪنڊ

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

26هين ڪانپوءِ 27 هين ۽ 28 هين ترميم جي تياري ٿي رهي آهي:عوامي ورڪرز پارٽي

پارليامينٽ جي ساک نه رهي آهي، 27 هين ترميم خلاف تحريڪ نڪرڻ گهرجي

ملڪ ۾ جمهوري قوتون ۽ روشن خيال قوم پرست گڏجي هڪ تبديلي آڻي سگهن ٿا

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) عوامي ورڪرز پارٽي جي اڳواڻن چيو آهي ته ملڪ ۾ 26 هين 27 هين ترميم. پيڪا ايڪٽ تحت خلاف ترقي پسند قوم پرستن جماعتن کي گڏجي ميدان تي اچڻ گهرجي ان سلسلي ۾ تنظيم جي اڳواڻن عاصم سجاد. صوفي عبدالخالق ستار صحافي فرمان

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

HYDERABAD PRESS CLUB

حيدرآباد: عوامي ورڪرز پارٽي جا اڳواڻ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيا آهن

حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر عبدالله سومرو جي قتل جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج

پوليس 27 ڏينهن گذرڻ باوجود ڪا به ڪاروائي نه ٿي نه جوابدار گرفتار ڪيا آهن:مظاهرين

عبدالله سومرو جي ذاتي موٽر سائيڪل هن وقت تائين جوابدارن جي قبضي ۾ آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي ڄامشورو ۾ 27ڏينهن اڳ مبينا قتل ٿيل بلاول ميڊيڪل ڪاليج جي 4 چوٿين سال جي شاگرد ڊاڪٽر عبدالله سومرو جي واقعي ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف وارث پاران ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون حاجي خان سومرو،محمد

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڪنڊ ڪوٽ لڳ پوليس جي فائرنگ ۾ نوجوان مرڻينگ، وارثن جو احتجاج

پوليس اهلڪار جي فائرنگ ۾ ساگر ڪمار عرف بلما ميگهواڙ سخت زخمي ٿي پيو

زخمي کي وارث ۽ 15 انچارج ڪٺائي سول اسپتال منتقل ڪيو، صحت ۾ بهتري نه آئي

پوليس شهرين تي بنا خوف فائر ڪيا، پاءِ زندگي ۽ موت جي جنگ وڙهي رهيو آهي:روشن

ڪنڊ ڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊ ڪوٽ شجراهه چوڪ تي ڊيوٽي ڪندڙ پوليس اهلڪار موٽر سائيڪل سوار شهرين مٿان سڌا فائر ڪيا جنهن ڪري موٽر سائيڪل تي ويٺل مسڪين ساگر ڪمار عرف بلما ميگهواڙ مرڻينگ ٿي ويو جنهن کي وارث ۽ انچارج 15 مددگار پوليس خليل لغاري

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪشمور ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، ڦرجون ٻه وارداتون

زرعي ٻج ڀاڻ جي واپاري کان 40 لک ۽ پبلڪ ميڊيڪل اسٽور تان 8 لک رپيا ڦر

گذريل هڪ مهيني ۾ ڪشمور ۾ واپارين کان هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ رقم ڦرجي وئي

واپارين جي شڪايت ٽي پي پي ايم پي اي حاجي عبدالرئوف کوسو پهتي پوليس کي ريڪوري جو مطالبو

ڪشمور(ن ع)ڪشمور ٿاڻي کان چند فوٽن جي مفاصلي تي هندو واپارين کان ڦرجون ۾ ڌار ڌار وارداتون موٽرسائيڪل سوار ڦورو زرعي دوائن ڀاڻ جي واپاري کان 40 لک رپيا ۽ پبلڪ ميڊيڪل اسٽور تان 8 لک رپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا ڪشمور پوليس امن امان قائم ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿي وئي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

سکر سول اسپتال ۾ ايم آر آئي مشين خراب، مريضن ۽ وارث سخت پريشان

اٺ ڪروڙ رپين جي مرمت بعد مشين ٻن هفتن ۾ ئي ٻيهر خراب ٿي وئي: متاثرين

مشينن جي بار بار خرابي ۽ انتظامي غفلت جو نوٽيس وٺي پريشانين کان بچايو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ)سکر سول اسپتال ۾ ايم آر آئي مشين جي لڳاتار خرابي مريضن ۽ انهن جي وارثن لاءِ شديد تڪليف جو سبب بڻجي آهي. اسپتال انتظاميا طرفان اٺ ڪروڙ رپين جي وڏي رقم خرچ ڪري مشين جي مرمت جو دعويٰ ڪيو ويو هو پر صرف ٻن هفتن بعد ئي مشين ٻيهر خراب

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: روڊ ڪناري کان ماڻهو مٿي تي ڪاٺيون کڻي وڃي رهيا آهن

ايس ٽي پي هميشه سنڌ جي مظلوم ماڻهن جي مالڪي ڪئي آهي: نثار احمد ڪيريو

ڪيرو لڳ متاثر ڀيل برادري سان ايس ٽي پي هر محاذ تي گڏ بيٺل رهندي

ڳوٺ مٺو جي سرڪاري دڙي جون ڪڙيون ڪٽنون ختم ڪري مظلومن سان انصاف ڪيو وڃي

ڪيرو(ن ع) ڪيرو ويجهو ڳوٺ مٺو دڙو ۾ ايس ٽي پي جي وائيس چيئرمين ۽ مرڪزي اڳواڻن پهچي پورهيتن کي ڀاڙين پاران لڏائڻ خلاف يڪجهتي جو اظهار ڪيو ايس ٽي پي جي وائيس چيئرمين اڳواڻ نثار احمد ڪيريو رفيق جلالاڻي ضلعي صدر علي ڏنو خاصخيلي تعلقي صدر عثمان ڪنبر حسين ترڪ ۽ ٻين ڪيرو ويجهو ڳوٺ مٺو دڙو

ڪراچي ۾ لياري گينگ وار جو اهم ڪمانڊر شوڪت علي عرف آغا گرفتار

رينجرز ۽ پوليس جي گڏيل ڪارروائي انعام يافته ڏوهاري کي سوگهو ڪري ورتو

جوابدار جي قبضي مان هٿيار ۽ ايمونيشن به هٿ ڪيا ويا، وڌيڪ ڪارروائي لاءِ پوليس حوالي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ۽ پوليس خفيه معلومات جي بنياد تي گڏيل ڪارروائي ڪندي لياري سان انتهائي مطلوب لياري گينگ وار ڪمانڊر شوڪت علي عرف آغا شوڪت ولد ابراهيم سوناڙا کي گرفتار ڪري ورتو آهي ڪارروائي دوران جوابدار وٽان هٿيار ۽ ايمونيشن به هٿ ڪيا ويا. جوابدار جي

ڪراچي ۾ ايف آءِ اي هٿان حوالا هنڊي ۾ ملوث ٻه جوابدار گرفتار، آمريڪي ڊالر هٿ

گل پلازا شاپنگ سينٽر ۽ طارق روڊ تان جوابدار پرويز ڪياني ۽ عمران خان کي گرفتار ڪيو ويو

جوابدارن وٽان ساڍا 30 هزار ڊالر موبائل فون، چيڪ بڪ ۽ ڊجيٽل شيون به هٿ آيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي ڪراچي زون طرفان حوالا هنڊي ۽ غير قانوني ڪرنسي ايڪسچينج خلاف وڏي ڪارروائي غير قانوني ڪاروبار ۾ ملوث ٻه جوابدار گرفتار ايف آءِ اي ڪمرشل بئنڪنگ سرڪل ۽ اسٽيٽ بئنڪ سرڪل ڪراچي جي گڏيل ڪارروائي دوران پرويز ڪياني ۽ عمران خان نالي جوابدارن کي گل پلازا

دل جي بيماري سميت ٻين مرضن ۾ مبتلا ماڻهو حج نه ڪري سگهندا، ڊيپورٽ پاليسي به لاڳو

بيمار عازمين کي سعودي عرب واپس پنهنجي ملڪ اماڻي ڇڏيندو: مذهبي معاملن واري وزارت

بيمار عازم کي فٽنس سرٽيفڪيٽ جاري ڪندڙ ڊاڪٽرز جي خلاف به ڪارروائي ڪئي ويندي

رياض(م د)سعودي حڪومت بيمار عازمين تي حج 2026 جي پابندي لاڳو ڪندي ڊيپورٽ ڪرڻ جي به پاليسي لاڳو ڪري ڇڏي آهي سعودي مذهبي معاملن واري وزارت چيو ته بيمار عازمين کي سعودي عرب واپس پنهنجي ملڪ اماڻي ڇڏيندي واپسي جو خرچ عازمين حج پاڻ ادا ڪندا. بيمار عازم کي فٽنس سرٽيفڪيٽ جاري

اسلام آباد: هڪ پورهيت مڇيون اسٽال تي وڪري لاءِ رکي رهيو آهي

گرين ٽريڪٽر اسڪيم، مملڪتي وزير جهلم ۾ 39 هارين کي گرين ٽريڪٽر ورهايا

نائي واري مملڪتي وزير بلال اظهر جهلم جهلم، دينا ۽ سوهاوا ۾ ٽريڪٽر ورهايا

هارين کي ٽريڪٽر سبسڊي فراهم ڪري زراعت کي ترقي ڏني پئي وڃي: بلال اظهر

جهلم(م د)پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز جي گرين ٽريڪٽر اسڪيم تحت جهلم ۾ 39 هارين کي گرين ٽريڪٽر ورهايا ويا. جهلم ۾ هارين کي ٽريڪٽر ورهائڻ لاءِ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي ۽ نائي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني جهلم دينا ۽ سوهاوا ۾ ٽريڪٽر ورهايا. هن 39 هارين کي گرين ٽريڪٽر ورهايا. تقريب کي خطاب ڪندي بلال اظهر ڪياني چيو ته پنجاب ۾ هارين کي ٽريڪٽر سبسڊي فراهم ڪري زراعت کي ترقي ڏني پئي وڃي اي-مڪينائيزيشن جو عمل پنجاب ۾ زراعت جي هڪ نئين دور جي شروعات آهي هارين جي ترقي زراعت ۽ پاڪستان جي ترقي آهي هن چيو ته زراعت پاڪستان

ليبيا جي سامونڊي ڪناري ويجهو پناهگيرن جي ٻيڙين کي حادثو، 4 ماڻهو فوت

طرابلس (اي پي پي) ليبيا جي اولهه شهر الخمس جي سامونڊي ڪناري ويجهو ٻه ٻيڙين جي ٻڏڻ سبب گهٽ ۾ گهٽ 4 پناهگير فوت ٿي ويا. ليبيا ريڊ ڪريسنٽ موجب هڪ ٻيڙي ۾ بنگلاديش سان واسطو رکندڙ 26 پناهگير سوار هئا جن مان 4 ٻڏي فوت ٿي ويا. جڏهن ته ٻي ٻيڙي ۾ 69 غير قانوني پناهگير هئا جن ۾ مصر ۽ سوڊان جا شهري شامل آهن. ريڊ ڪريسنٽ

اوباوڙو لڳ شر، سيلرا ۽ ڏونڏو برادرين ۾ خوني تڪرار جي ناهه لاءِ امن قافلو ڌرين وٽ پهتو

قافلو سيد لال شاهه، مکي سنتوش ڪمار، اڪبر علي گنب، صحافي اعظم سهرياڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ميڙ ڪٺي ويو

شر برادري، سيلرا برادري ۽ ڏونڏو برادرين پاران آيل نياڻين کي ۽ قرآن پاڪ کي مان ڏيندي راضپو ظاهر ڪيو

جيستائين فيصلي جي تاريخ مقرر نٿي ٿئي هڪ ٻئي مٿان حملي جي پڪ ڏني آهي: سيد لال شاهه

اوباوڙو (رپورٽ غلام قمبر بوهڙ) اوباوڙو پرسان رانوتي جي ڪچي اندر ڪافي عرصي کان هلندڙ شر، سيلرا، ڏونڏو خوني تڪرار ۾ ناهه ڪرائڻ لاءِ رانوتي ڪچي ڏاڻهن جهيڙيندڙ ڌرين شر، سيلرا، ڏونڏو

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

اوباوڙو: جهيڙيندڙ ڌرين وٽ منٿ ميڙ قافلو پهتل آهي

پنوعاقل ۾ ڏينهن ڏٺي گهر مان چوري ڪوشش، مزاحمت تي گهرڌڻي زخمي

صوفي محلي ۾ جوابدار چوري جي ڪوشش ڪئي ته گهرڌڻي مزاحمت ڪئي

جوابدار احمد چوهاڻ کي چاقون هڻي سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويو، زخمي اسپتال منتقل

پنوعاقل(ن ع)پنوعاقل شهر ۾ ڏينهن ڏٺي جو وارداتن ۽ مزاحمت تي نوجوان مرڻينگ صوفي محلي ۾ مبينه طور گهر ۾ داخل ٿي نامعلوم جوابدار گهرڌڻي احمد چوهاڻ کي چاقون هڻي ڪيس شديد زخمي ڪري ڇڏيو زخمي نوجوان موجب چور گهر ۾ گهڙي آيو جڏهن ڪيس پڪڙيو ته

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

مٽياري ۾ ڪوچ ۽ سوزڪي جو زوردار ٽڪر، 13 ماڻهو زخمي

نيشنل هاءِ وي تي درگاهه سامهون ڪوچ ۽ سوزوڪي ۾ ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ مرد، عورتون ۽ ٻار شامل، ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل

مٽياري (ڊ ر) مٽياري نيشنل هاءِ وي درگاهه حضرت پير محمد شاهه جيلاني جي سامهون مين نيشنل هاءِ وي تي ڪوچ ۽ سوزڪي ۾ زوردار ٽڪر جنهن جي نتيجي 13 ڄڻا جنهن ۾ مرد ۽ عورتون شامل آهن سخت زخمي ٿي پيا جتي ريسڪيو 1122 جون ٽيمون واقعي واري جڳهه تي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

پڪاچانگ لڳ هٿياربندن ڦر مزاحمت تي واپاري کي زخمي ڪري ڇڏيو، اسپتال منتقل

فيض گنج (ن ع) فيض گنج ٿاڻي جي حد پڪاچانگ ويجهو داؤد پل وٽان نامعلوم ڦورن پاران واپاري حسين شر کان موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته واپاري هٿياربندن سان مزاحمت ڪئي جنهن تي هٿياربندن هن کي ڄنگهن ۾

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ٽريفڪ ضابطن تي سختي سان عمل سان حادثن کي گهٽائي سگهجي ٿو: ڪامران ٽيسوري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري روڊ ٽريفڪ متاثرين جي ياد ۾ عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته پاڪستان ۾ هر سال هزارين ٽريفڪ حادثا قيمتي جانيون وٺن ٿا هن چيو ته تيز رفتاري ۽ ضابطن جي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ ٽريفڪ حادثي ۾ نوجوان فوت ٿي ويو، لاش جناح اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪورنگي نمبر 1 جي ويجهو ٽريفڪ حادثي ۾ نوجوان فوت ٿي ويو جنهن جي لاش کي ايڌي رضاڪارن جناح اسپتال پهچايو ريسڪيو عملدارن جو چوڻ آهي ته فوت ٿيل واٽهڙو هو جڏهن ته حادثو هڪ نامعلوم تيز رفتار

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ ۾ ڊمپر جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، ٻه زخمي

راڻا جاگير چور روڊ تي ڊمپر جو موٽرسائيڪل سوارن سان زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ ٽڪ ٺاڪر پاڳچند ڪولهي موقعي تي فوت، موهن ۽ جهامن زخمي ٿي پيا

زخمين ۽ لاش کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ضروري ڪارروائي مڙهه وارثن حوالي

عمرڪوٽ (ڊ ر) عمرڪوٽ لڳ راڻا جاگير چور روڊ تي ڊمپر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان ٽڪ ٺاڪر پاڳچند ڪولهي فوت ۽ ٻه ڄڻا موهن سنڌي ۽ راڻا جهامن زخمي ٿي پيا معلوم ٿيو آهي ته راڻا

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ حادثي ۾ فوت ٿيل ٽڪ ٺاڪر پاڳچند ڪولهي جو لاش

قاسم آباد ۾ حسيني هائٽس ۾ ڊبل فائل فراڊ جو انڪشاف، 15 کان 20 ڪروڙ رپين جو نقصان

بلڊر ۽ پائيوارن 20 کان 25 فليٽن جا ڊبل فائل تيار ڪري وڪرو ڪيا آهن: محمد اسلم ميمڻ

42لک رپيا مڪمل رقم ادا ڪري نو ڊيوز سرٽيفڪيٽ پڻ حاصل ڪري چڪا آهيون، نوٽيس ورتو وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)قاسم جي رهواسي محمد اسلم ميمڻ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي قاسم آباد جي علائقي سحرش نگر ۾ واقع حسيني هائٽس جي بلڊر ۽ ان پائيوارن 20 کان 25 فليٽ خريد ڪندڙن سان فراڊ ڪري ڊبل فائل وڪرو ڪيا آهن جنهن

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: اسلامي روحاني مشن جو اڳواڻ ڊاڪٽر مقصود نقشبندي جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڊاڀيجي ۾ بجلي بند ٿيڻ سبب شهر کي 100 ملين گيلن پاڻي جي ڪوٽ جو خدشو

ڪراچي(م ر ڊ) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن (ڪي ڊبليو ايس سي) خبردار ڪيو آهي ته ڪراچي ۾ ڊاڀيجي پمپنگ اسٽيشن تي بجلي بند ٿيڻ سبب شهر کي روزانو 100 ملين گيلن پاڻي جي ڪوٽ جو

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ هٿياربندن جي گهر تي چڙهائي، پرڻو ڪندڙ نوجوان قتل، ناري اغوا

راشدي ٽائون ۾ 5 هٿياربندن 35 ورهين جي عبدالغفور ڪوسو کي قتل ڪري زال صائمه ڪوسو کي اغوا ڪري فرار ٿي ويا

مقتول جي فائرنگ ۾ حملي آوور ياسين ڪوسو، شعبان ۽ محمد خان پڻ زخمي ٿي پيا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو، زخمين کي وارث نوابشاهه اسپتال کڻائي ويا

شهدادپور (رپورٽ مهدي حسن پنهور) شهدادپور ۾ 10 ڏينهن اڳ نوابشاهه سان پريمي جوڙي تي راشدي ٽائون ۾ هٿياربندن گهران نڪري پسند جو پرڻو ڪري رهندڙ گهر ۾ داخل ٿي حملو ڪري پريمي ڳوٺ

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

جيڪو به ملڪ آءِ ايم ايف وٽ ويو اهو تباهي ۽ بربادي ڏانهن ويو آهي: جماعت اسلامي

مفاد پرست قيادت سخت شرطن تي قرض وٺي ملڪ ۽ قوم کي وڌيڪ مقروض ڪري ڇڏيو آهي

قرضن جو بار گهٽائڻ لاءِ حڪومتي شاهاڻا خرچ گهٽائي، وي آءِ پي ڪلچر ختم ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته مفاد پرست قيادت آءِ ايم ايف جي سخت شرطن تي قرض وٺي ملڪ ۽ قوم کي وڌيڪ مقروض ڪري مهانگائي جو طوفان بيروزگاري ۾ واڌ ۽ ملڪ جي آزادي ۽ خودمختياري کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

رواداري ۽ احترام تي ٻڌل سماج پرامن ۽ مستحڪم رياست جي ضمانت آهي: گورنر

عدم برداشت کي ختم ڪرڻ لاءِ قانون، تعليم ۽ شعور کي مضبوط ڪرڻ ضروري آهي

سنڌ جي سڃاڻپ هم آهنگي، ڀائيچاري ۽ مختلف ثقافتن جو احترام آهي: پيغام ۾ اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري هڪ پيغام ۾ چيو آهي ته رواداري ۽ احترام تي ٻڌل سماج هڪ پرامن ۽ مستحڪم رياست جي ضمانت آهي سنڌ جي گورنر واضح ڪيو ته عدم برداشت کي ختم ڪرڻ لاءِ قانون تعليم ۽ شعور کي مضبوط ڪرڻ ضروري

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

برادري لاءِ هر وقت منهنجا دروازا کليل آهن، ڏک سک ۾ ساڻن گڏ آهيان: چنگيز پنهور

شهدادپور(ن ع) قومي سردار مرحوم مير منظور پنهور جي فرزند چيف سردار مير الحاج چنگيز خان پنهور جي شهدادپور ۾ آمد تي پنهور اتحاد اڳواڻ مولابخش پنهور جي رهائش تي پهچڻ تي سندس والهاڻو استقبال ڪري مٿس گل نڇاور ڪندي آيل

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

نومبر جي شهيدن ميجر محمد حسيب شهيد، حوالدار نور احمد شهيد جي ڀيرين ۽ ميجر واصف شهيد جي 11هين ورسي ملهائي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) نومبر جي شهيدن ميجر محمد حسيب شهيد، حوالدار نور احمد شهيد جي ڀيرين ۽ ميجر واصف شهيد جي 11هين ورسي ملهائي وئي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ويو آهي ته شهيد سڄي قوم جو مٿي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ڪي پي جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي پاران سيد زوار علي نقوي جي والده جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) خيبر پختونخواهه جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي، پاڪستان پيپلزپارٽي هري پور جي اڳوڻي صدر سيد زوار علي نقوي جي والده جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي آچر ڏينهن پنهنجي تعزيتي پيغام ۾ هن

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

لاهور: هڪ ناري ٻارڙي کي رانديڪا ڏيکاري رهي آهي

آمريڪي رياست ڪيليفورنيا جي سمنڊ ۾ ٻيڙي اونڌي، 4 ماڻهو فوت

لاس اينجلس (اي پي پي) آمريڪي رياست ڪيليفورنيا جي سامونڊي ڪناري ويجهو

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

راولپنڊي: پاڪستان ۽ سريلنڪا جي وچ ۾ ٿيندڙ ڪرڪيٽ ميچ دوران تماشائي خوشي جو اظهار ڪري رهيا آهن

سنڌ ۾ ڊينگي سبب ماڻهو مري رهيا آهن پر حڪومت نظر نٿي اچي: علي خورشيدي

صرف 24 ڪلاڪن ۾ 170 کان وڌيڪ نوان ڪيس رپورٽ ٿيا ۽ 3 ماڻهو فوت ٿي ويا آهن

صوبائي حڪومت صرف دعوائون نه ڪري، عملي قدم کڻي عوام کي بچائڻ لاءِ اڳتي اچي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي ڊينگي جي وڌندڙ صورتحال تي سنڌ حڪومت تي شديد تنقيد ڪئي آهي علي خورشيدي موجب سنڌ ۾ ڊينگي سبب وڌيڪ 3 ماڻهو فوت ٿي ويا آهن ۽ صرف 24 ڪلاڪن ۾ 170 کان وڌيڪ نوان ڪيس رپورٽ ٿيا. جيڪو سنڌ حڪومت جي نااهلي جو واضح ثبوت آهي علي خورشيدي چيو آهي ته سرڪاري ۽ نجي اسپتالن ۾ مريضن جو دٻاءُ وڌي رهيو آهي پر حڪومت طرفان ڪا هنگامي حڪمت عملي نظر نه اچي رهي هن ٻڌايو ته ڊينگي جا 241 مريض اسپتالن

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ مال جي واڙي کي باهه، 5 قيمتي ڍور سڙي مري ويا، متاثر پاڳي جو احتجاج

هاشم مهر علي جوکيو ڳوٺ پرسان قائم حاجي ڀيرل بلوچ جي واڙي ۾ اوچتو باهه لڳي

قيمتي ڍورن جي مرڻ سبب لکين رپين جو نقصان ٿيو آهي، واقعي جي جاچ ڪرائي وڃي: پاڳيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي هاشم مهر علي جوکيو ڳوٺ پرسان واقع باغ ۾ قائم حاجي ڀيرل بلوچ جي واڙي ۾ اوچتو باهه لڳي پئي، جنهن سبب واڙي ۾ بند ٿيل ڍور باهه جي لپيٽ ۾ اچي ويا. حادثي جي نتيجي ۾ 5 ڍور سڙي موقع تي ئي مري ويا، جڏهن ته ٻيا ڪيترائي ڍور زخمي ٿيڻ جا به اطلاع آهن ڳوٺاڻن موجب باهه رات دير سان لڳي، جنهن کي ڏسندي ئي ڳوٺ جا ماڻهو فوري طور واقعي واري هنڌ پهتا ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه تي

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

عوامي مفاد ۾ پاليسيون ٺاهيون وينديون، هن ڀيري وڌيڪ ڪم ڪنداسين: سهيل آفريدي

پشاور صوبي جو گاديءَ جو هنڌ آهي ۽ ان کي سڀ کان وڌيڪ خوبصورت بڻائڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي

اين ايف سي ۾ اسان جو حصو 19.4 سيڪڙو آهي، وفاق کي پنهنجي ذميواري پوري ڪرڻ گهرجي

خيبر پختونخواهه جي ماڻهن سان ماڻيجي ماءُ جهڙو سلوڪ بند ڪرڻ گهرجي: وڏو وزير

پشاور(م د)خيبر پختونخواهه جي وڏي وزير سهيل آفريدي چيو آهي ته هن ڀيري اسان وڌيڪ ڪم ڪنداسين پاليسيون عوامي مفاد ۾ ٺاهيون وينديون پشاور جي خوبصورتي جي تقريب کي خطاب ڪندي

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

ملتان: شديد ڪوهيڙي مان ٽريفڪ گذري رهي آهي

هيلٿ سروسز اڪيڊمي 15 هين انٽرنيشنل هيلٿ ڪانفرنس 18 نومبر تي ٿيندي

اسلام آباد (اي پي پي) هيلٿ سروسز اڪيڊمي (ايڇ ايس اي) جي انتظام هيٺ پاڪستان ۾ عالمي سطح جي 15 هين انٽرنيشنل پبلڪ هيلٿ ڪانفرنس 18 نومبر تي ٿيندي. جڏهن ته اڪيڊمي جي وائيس چانسلر شهزاد علي خان چيو آهي ته انٽرنيشنل ڪانفرنس ۾ عام صحت ۾ پائيدار سڌارن تحقيق ۽ پاليسي ۾ نئين

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي، جاري ڪئي.